# گنگا، گوتم ۽ مان

(نيپال جو سفر نامو)

رمضان راهي

ڪنول پبليڪيشن قنبر




books.sindhsalamat.com

**BOOK NO: (176)**

• گنگا، گوتم ۽ مان • Ganga, Goutam Ain Maan

(سفرنامو) ((Trevelogue)

• رمضان راهي By: Ramzan Rahi

•ڇاپو پهريون: سيپٽمبر 2016 FIRST EDITION 2016

ٽائيٽل: ڪنول گروپ

ڪمپوزنگ:اويس خان لغاري

سهڪار: روميسا آرٽ گيلري دادو Romesa Art Gallery Dadu

*All Rights Reserved Writer*

ڪنول © KANWAL

پبليڪيشن قنبر Publication Kamber

مُلهه: 250 روپيا

**ڪتابن ملڻ جا هنڌ:**

- ڀٽائي ڪتاب گهر، حيدرآباد. - فڪشن هائوس، حيدرآباد -

ڪنگ پن بڪ هائوس پريس ڪلب، حيدرآباد

سمبارا پبليڪيشن هائوس، سيد آرڪيڊ، حيدرآباد

- راييل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو - مهراڻ ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو-

وسيم ڪتاب گهر، شڪارپور - سنڌيڪا ڪتاب گهر، سکر-

تهذيب بڪ اسٽور، خيرپورميرس – الفقراء ڪتاب گهر، سانگهڙ

الفتح نيوز ايجنسي، سکر – سراج بڪ اسٽور، قنبر

## ترتيب:

- اداري پاران: سعيد سومرو 05
- پنهنجي پاران رمضان راهي 06
- مهاڳ محمد عثمان ميمڻ 09
- نيپال نامو اشتياق انصاري 12
- وري هڪ ٻيو سفرنامو، سيد حاڪم علي شاهه بخاري 15
- سچو پچو راهي امر لغاري 19
- سفر جو سفر 27
- ڄامشورو، ڏهين محرم ۽ ڪراچي 39
- ٻڪالپا، استيلا تمنگ (مدر آف نيپال) 52
- نيل ڪنول ۽ گول گهر 59
- ٻاڳمتي ۽ بانس جي ٻيٽين مان ليئا پائيندڙ اکيون 62
- A Road to Nagarkot 66
- ننگر، ناريون ۽ نظارا 72
- ننگر جون نرتڪيون 79
- رامچند گوپالي ڀڳتاپور ۾ 91
- لُمبيني، پوکرا ۽ نيپال گنج جو خواب 107
- محبتون سرحدن جون محتاج نہ هونديون آهن 109
- شيوا، شانتي ۽ دعائيہ جهنڊيون 117
- سيانيوناٿ، جوالا ڪيل ۽ بيڪري ڪيفي 125
- لمسفيدي جي ديوي 136
- نئون ڳوٺ ۽ انساني حقن جو عالمي ڏينهن 139
- ڪٽمنڊو ڏانهن واپسي 142
- دربار اسڪوائر، ٻشال بازار ۽ نيو اورلينس ريسٽوران 144
- ٻُڌانات، پشوپتي ناٿ ۽ جامع مسجد ڪٽمنڊو 151
- شهرِ خوبان کي الوداعي چُمي 158

# ارپيان ٿو!

ڀاڄهارين ۽ مهربان هستين،
بابا سائين علي اڪبر لغاري (مرحوم)
امان سائنڙ لطيفان خاتون
جيون جُڳ جي ساٿياڻي
رحيمہ لغاري
محبتون ارپيندڙ مهربان دوست
رُخ ماهتاب
چنڊ تارن کان وڌيڪ خوبصورت
پنهنجن ٻارڙن
اُم الصبا ، اُم السحر
اويس خان ۽ زوهيب خان کي،
جن جي شفقت ، پيار ۽ محبتون
قدم قدم تي مون کي حوصلو ڏين ٿيون..

اداري پاران:

**رمضان راهي** (جنم: 03-02-1967) جو ادبي حوالي سان ڀريون سگهارو تعارف، سنڌس لکيل ڀهريون سفرنامو ”گنگا، گوتم ۽ مان“ پڙهندي ڪٿي بہ محسوس نہ ٿيندو تہ رمضان راهي جو هيءُ پهريون ڪتابُ آهي.

رمضان راهي کان اڳي بہ ”نيپال“ جا ڪيترا ئي سفرناما لکيا ويا آهن. پر هن گوبل وقت ۾ عام معلومات کان وڌيڪ احساسن ۽ واقعن جي وڌيڪ اهميت آهي. ڇو جو هر ماڻهوءَ جي اندر ۾ جيڪو اتهاس آهي، اهو وقت سان گڏ زنده رهجي ئي تڏهن سگهي ٿو، جڏهن اهو پنهنجي مڪمل سچائين سان ڪاغذ جي سيني تي اُڪاريو ويندو. وقتي احوال ۽ متاثري تبصري جي اهميت ڪلاڪن تائين محدود هوندي آهي پر لکت جي عمر طويل تر رهي ٿي. رمضان راهي جا نيپال ۾ ٿيهہ ڏينهن ممڪن ها تہ زندگيءَ جي وٿ ونان ۾ ڪائنس بہ جلد وسري وڃن ها پر هُن هڪ ڏاهي ليکڪ جو ثبوت ڏيندي، جيون ۾ آيل اُنهن لمحن کي نہ رڳو محفوظ ڪيو پر عام پڙهندڙ تائين نهايت سادگيءَ ۽ سچائي سان پهچائي، اُنهن گهڙين کي تاعمر مچتا جا رابيل ارپيا آهن.

رمضان راهي بنيادي طور تي ڪهاڻيڪار آهي، ان ڪري هن سفرنامي ۾ واقعاتي تسلسل ۽ بيان جي بي ساختگي سبب ڪهاڻي پٽي جي خوشبو نمايان پئي محسوس ٿي. هڪ ليکڪ ۽ شاعر جو سفرنامو ان ڪري بہ دلچسپ هوندو آهي جو هُو بناوٽي نہ هوندو آهي. رمضان راهي هن پوري ڪتاب ۾ ڪٿي بہ بناوٽي ناهي، بلڪ فطرتي زندگيءَ سان فطرتي بيان ڪري، هن سفرنامي کي فطرتي ڏگهي وهي عطا ڪئي آهي. ”گنگا، گوتم ۽ مان“ سنڌي ادبي سفرنامن جي مختصر تاريخ ۾ پنهنجي الڳ جاءِ والاري، رمضان راهي کي نئين سفرنويس جو خطاب ڏئي ٿو.

**سعيد سومرو**
**ڪنول پبليڪيشن قنبر**
Cell: 0333_7523132
Saeedsoomro4@yahoo.com


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اڌ صدي جي سفر جي هڪ جهلڪ

اڌ صدي کي پهچندڙ پنهنجي زندگي جا چند لمحا/ يادگيريون اوهان سيني دوستن سان (جن جي هٿن ۾ هي سفرنامو آهي) سليندي تمام گهڻي خوشي محسوس ڪريان پيو. منهنجو هي سفر انهن ڏينهن جو آهي، جڏهن نيپال جي سر زمين مٿان بادشاهت جو اثر موجود هيو ۽ ماڻهن جي ذهنن تان اڃا چڱي طرح ميسارجي نه سگهيو هو ۽ آئون به اتان جي ماڻهن/دوستن سان ڪوڙ سارن موضوعن تي کُلي به نه پئي ڳالهائي سگهيس. منهنجو خيال هيو ته عشق جي انڌي گهوڙي جي سُنبن سان پنهنجي خاندان کي چيپاڻي بادشاهت وڃائيندڙ آخري بادشاهه جو به ذڪر تفصيل سان ڪندس. ماڻهن جي واتان ان جي روُدادِ قفس ٻُڌندس، پر ايئن تي نه سگهيو.(وري ڪڏهن)

هي سفر انهن ڏينهن جو آهي جڏهن، واديءِ نيپال کي ڌوڏي ڇڏيندڙ تاريخ جو بدترين يونچال به نه آيو هيو. جنهن اتان جي قديم تاريخي عمارتن، آثارن ۽ پگوڊائُن کي زمين بوس ڪري ڇڏيو هو. آئون اڄ  ۾ وجهندڙ هزارين سالن تي مشتمل قديم آثارن جو اکين ڏٺو شاهد آهيان. نه صرف منهنجي ڪيمرا ۾ بلڪ هن سفرنامي ۽ منهنجي دل ۽ دماغ ۾ اهي آثار زنده و جاودان آهن. منهنجي نيپالي دوستن جيءَ کي جهوري وجهندڙ انهي واقعي تي پنهنجا ڏُک فون ۽ انٽرنيٽ تي ايئن ونديا هئا، جيئن ماڻهو پنهنجن پيارن جي مرتيئي تي سيني سان لڳي اوچنگارون ڏيئي ونديندا آهن. جيئڻ مرڻ جو سنگ اهوئي ته هوندو آهي، جنهن جو ذڪر هن سفرنامي ۾ جا بجا ٿيل آهي.



books.sindhsalamat.com

هي سفرنامو پنهنجي پر ۾ مڪمل به ناهي. جو ته، نه صرف نيپال جا ڪوڙ سارا علائقا (خصوصاً مياداني علائقا، مهاتما ٻُڌ جي جاءِ پيدائش لُمبيني، پوکرا ۽ نيپال گنج) ڏسڻ جو موقعو نه ملي سگهيو. ساڳي طرح ڪوڙ سارا واقعا ۽ ڪردار به لکجڻ کان رهجي ويا. (وري هڪ سفر هيو صحي)

انهي سموري سفر دوران سڀ کان اڳ ۾ آئون انهن نيپالي دوستن جو تمام گهڻو ٿورائتو آهيان، جن جيءَ سان محبتون ڏنيون ۽ مانُ بخشيو. جن منهنجي دل ۽ دماغ تي قرب جا اڻ مٽ چٽ چٽي ڇڏيا آهن. آئون ڪُروي وُسترو جرمني جي اڳواڻ مس اينيس ٻُدارڪ جي سهڪار جو انتهائي شڪر گذار آهيان، جنهن جي ڪري هي سفر ممڪن ٿي سگهيو. آئون مانوارن دوستن خليل موريائي (شڪارپور) محمد يوسف چٽو (لاڙڪاڻو) نياز احمد ڪوسو (ڪنڌڪوٽ) ۽ الله نواز جتوئي (سانگهڙ) جو تمام گهڻو ٿورائتو آهيان، جن هي سفرنامو لکڻ لاءِ اتساهيو. آئون پنهنجي اکين جي نور فرزند ارجمند اويس خان لغاري کي جس ڏيان ٿو، جنهن پڙهائي جي گوناگون مصروفيتن جي باوجود هن ڪتاب کي ڏاڍي محنت سان ڪمپوز ڪيو آهي.

انهي سڄي سفر کي سنواري سينگاري توهان جي هٿن تائين پهچائڻ ۾ پنهنجن عزيز دوستن حبيب لغاري ۽ سعيد سومرو جو به تمام گهڻو ٿورائتو آهيان، جن وقت ڪڍي سفرنامي جي ڇپائي ۾ ڀرپور سهڪار ڪيو آهي.

سنڌي ادب ۾ منهنجو قد ڪاٺ ڪو ايڏو وڏو ناهي. جيڪڏهن اڄ آئون ٻاڻ کي انهي قابل سمجهان ٿو ته اديبن جي ڊگهي قطار ۾ ڪنهن ڪُنڊ پاسي ۾ منهنجو به نالو لکبو ته انهي جو سِهرو محترم سائين حاڪم علي شاهه بخاري، محترم



www.sindhsalamat.com

اشتياق انصاري، محترم محمد عثمان ميمڻ ۽ محترم امر لغاري تي اچي ٿو. جن منهنجي هن سفرنامي جي ٻولي، جملن جي بيهڪ ۽ ان جي ترتيب کي ناهڻ ۽ سنوارڻ ۾ خلوصِ دل سان معاونت ڪئي آهي ۽ پنهنجي قيمتي راءِ کان آگاهه ڪيو آهي. آئون انهن قابل احترام شخصيتن جو تمام گهڻو شڪر گذار آهيان.

منهنجي ايتري سجاڳپ ئي ڪافي آهي ته ڪتاب توهان جي هٿن ۾ آهي.

**رمضان راهي**
سانگهڙ، سنڌ


پتو:
زوهيب هائوس،
سي ــ 171، زاهد ٽاؤن، سانگهڙ ، سنڌ
03332822030
ramzanrahi@hotmail.com






# بي ترتيب زندگي جو رولاڪ

سفرنامي جو سنڌي ادب ۾ سفر سوا صدي تي مشتمل آهي. ان عرصي دوران لکيل سفرنامن جو تعداد لڳ ڀڳ ٻه سؤ کن مس ٿيندو. ان تعداد ۾ لکيل انهن سفرنامن جي صحت کي جاچي ڏسبو ته آڱرين تي ڳڻڻ جيترا سفرناما ئي مس بچندا. جيڪي سفر نامي جي معيار (Criteria) تي پورا لهندا هجن. سفرنامو سنڌي ادب جي هڪ اهم صنف آهي. جنهن جي لغوي معنيٰ : سفر جو روزنامچو، سفر جو احوال، سياحت نامو وغيره آهي.

رمضان راهي بنيادي طور ادب دوست آهي. روزگار سانگي ”اين جي اوز“ جي وڪڙ ۾ ڦاٿو آهي. رمضان ان رڻ جو راهي آهي جنهن راهه تي ڪيترائي رُليا ۽ ڀُليا. پر راهي ان راهه تي اکيون بند ڪري هلندي به ناهي ڀُليو. هن انهي راهه کي روزگار جي وسيلي تائين محدود ڪري رکيو آهي. هن پاڻ مٿان ڪڏهن ان راهه کي حاوي ٿيڻ ناهي ڏنو. سندس اندر ۾ ڪي رولاڪيون آهن. جيڪي ظاهر نه به هجن. پر سندس اندر ۾ جهاتي پائي ڏسبي ته ساهه سنڌ ۾ ۽ روح رولاڪين ۾ ئي ملندو. پوءِ اها رولاڪي نيپال جي فطرتي حُسن جي هجي يا ڪنهن سانوريءَ عورت جي ! هونئن اسان جي الائي ڪيترن اديبن، شاعرن ۽ صحافين پنهنجي پنهنجي ادبي دنيا کي خيرباد چئي اين جي اوز ۾ پناهه ورتي آهي. اين جي اوز اها مَرَ آهي ، جنهن اسان جي وڏن وڏن اديبن/ دانشورن جا گوڏا ئي ڇني ڪين ادب کان ٻنهه اوپرو ڪري ڇڏيو آهي. پر رمضان، ادب ۽ اين جي اوز سان گڏ گڏ ساٿ نڀائيندو پيو اچي. هُو پنهنجي وت ۽ وس آهر وقت به وقت لکندو رهيو آهي. پوءِ اهو نظم جي صورت ۾

هجي يا نثر جي صورت ۾ ! هيءُ سفر نامو ”گنگا، گوتم ۽ مان“ نيپال ۾ گهاريل سندس گهڙين تي مشتمل آهي.

رمضان جو جيتوڻيڪ سفر نامي لکڻ جو هيءُ پهريون تجربو آهي. پر پڙهندڙن کي هن ڪٿي به محسوس ٿيڻ ناهي ڏنو ته هي ڪو سندس پهريون تجربو آهي. اسان جي اديبن جا الائي ڪيترا سفرناما ڇپيل آهن، پر سندن سفرنامن ۾ معلومات گهٽ، ذاتي تشهير گهڻي هوندي آهي. پر رمضان ان وهڪري ۾ ڪٿي به وهندو نظر نه ٿو اچي. نه ئي ڪنهن (Complex) مونجهاري جو شڪار آهي. توڙي جو سندس سفر نامي ۾ ڪي ڪوتاهيون ۽ ڪميون به ضرور هونديون. پر لکڻ جي فن/آرٽ ان عيب کي ڪٿي به ظاهر ٿيڻ ناهي ڏنو.

نيپال جا ماڻهو پنهنجي سونهن جيان نهايت ئي سادا ۽ سچيتا آهن. هن ملڪ جي ماڻهن جي سنڌ سان عشق واري ساڳي اُنسيت آهي. جنهن جو اظهار هُنن سنڌ جائي شهيد ذوالفقار علي ڀُٽي کي ڦاسي دوران ڪيو هو. ’سنڌ جا ماڻهو روڄڻ تي نڪتا هئا به يا نه ‘ ڪي ڇڏي ، پر نيپال جي ماڻهن روڄڻ تي نڪري پنهنجي نينهن کي نروار ڪرڻ سان گڏ جمهوريت ڏانهن هڪ وک کنئي هئي ۽ سندن اهائي وک جمهوريت ڏانهن پهرين وک ثابت ٿي هئي.

رمضان جي سفرنامي ۾ اهڙيون ڪيتريون ئي رنگينيون آهن. جيڪي ڪنهن وينگس جي اُيار جيان ڇٽيون نظر اچن ٿيون. سندس نيپال جي ان سفر ۾ رومانس وارا لمحا به آهن ته وڇوڙي جا ورلاپ به. نيپال فطرتي حُسن رکندڙ اهو ملڪ آهي، جيڪو پنهنجي حسين فطرتي وادين کي ڏسڻ سان ڏسندڙ جي دل پهرين ڏڪ ۾ هٿن مان هلي وڃي ٿي. هماليه کي پنهنجي ياڪر ۾ پريندڙ نيپال ۾ اٽڪل 103 ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون. هن ملڪ ۾ قدرتي وسيلن جا الائي جي ڪيترا ذخيرا آهن. پر


books.sindhsalamat.com

پوءِ به پنهنجي ديس جيان امير ملڪ جي هنن غريب ماڻهن جي حالت اڄ به ساڳي آهي.

ڪٺمنڊو، ڪشتا ماندپ، ڪانتيپور يا نيپال، هن ملڪ/ واديءَ جا تاريخ ۾ ڪيترائي نالا آهن ۽ اڄ تائين اها واديءَ انهن ڪيترن ئي نالن سان سڃاتي وڃي ٿي. نيپال جاگرافيائي طور ٽن حصن: هماليه، پهاڙي ۽ ترائي ۾ ورهايل آهي. هن ملڪ جي تهذيب به سنڌو تهذيب سان ملندڙ جلندڙ آهي. حيرت جي ڳالهه آهي ته اتان جا مهينا جيٺ، چيٽ، ساوڻ ۽ بدو به ساڳيا آهن . هي ماڻهو اپريل ۾ نئون سال ملهائيندا آهن. رمضان راهي جي هن سفر نامي ۾ ڪوڙ ساري اهڙي معلومات آهي، جيڪا پڙهندڙ لاءِ بنهه نئين ۽ دلچسپ آهي.

رمضان راهي جي زندگي به پاڻ جيان بي ترتيب آهي. جنهن جو اظهار هُو بار بار هن سفرنامي ۾ ڪندو رهيو آهي. سندس هي سفرنامو پرهندڙن کي پاڻ ڏانهن متوجهه ضرور ڪندو.

**محمد عثمان ميمڻ**
پراجيڪٽ ڊائريڪٽر
سنڌي لينگوئيج اٿارٽي حيدرآباد
جولاءِ 2016


www.sindhsalamat.com

# نيپال نامو

سياحت جي حوالي سان دنيا جا ڪيترائي ملڪ جڳ مشهور آهن. اهي پنهنجي منفرد جاگرافيائي بيهڪ جي ڪري رولاڪن کي پاڻ ڏانهن ڇڪين ٿا. ساڳي طرح سياحت جا به جدا جدا شوق شڪار هوندا آهن. جيئن زمين جي گولي تي ڪيترن ملڪن کي پنهنجو سمنڊ ڪونهي يا ڪيترائي خِطا برف باري ۽ ٿڌ ڪري ڌُنڌ ۾ دفن هوندا آهن. اهڙن برف پوش ۽ بي سمنڊ علائقن جا ماڻهو پنهنجون موڪلون سج ۽ سمنڊ سان ملهائڻ ايندا آهن. ڪي مُهم جُو وري اهڙن اڙانگن پاسن ڏي رخ ڪندا آهن، جتي پنهنجي جواني جا جوهر ڏيکاري سگهن. اهي جبل جهاڳڻ سان گڏ خطرناڪ ندين ۾ ٻيڙيون ڦتڪائيندا وتندا آهن. ڪجهه يار وري قديم آثارن ۽ ڦتوڙن ۾ پيا پگهر ڳاڙيندا آهن. ساڳي طرح تاريخ سان دلچسپي رکندڙ پڙهاڪو اوائلي ماڳن مڪانن تي پهچي جڻ روحاني راحت محسوس ڪندا آهن. ڪي خفتي وري خانه بدوش قومن ۽ قبيلن جي اُٿا ـ ويٺي جو مشاهدو ڪرڻ لاءِ لڏو لاهي ويهي رهن. ڪجهه چرياڻ ته پنهنجي محبوبه ڪان وڌيڪ جهنگلي جيوت سان پيار ڪن.

بهرڪيف مٿي ذڪر ڪيل مڙني سياحتي شوقن جي حوالي سان نيپال هڪ اهڙو ديس آهي، جتي اڪثر رولاڪن کي پنهنجي دلچسپي جو ماحول ملي وڃي. پاڻي سان پيار ڪندڙن کي پرسڪون ڍنين ڍورن سان گڏ دنيا جي موتمار جابلو ندين ڪرنالي ۽ ترشولي ۾ ”وائيٽ واٽر رافٽنگ“ جو موقعو ملي ٿو. جبل چاڙها پُناڙڪ ٻڌي ايوريسٽ، انوپورا ۽ گنگاپورا جهڙين اڙانگهين چوٽين تي چڙهندي نظر ايندا. آرڪيالاجسٽ پٿر جي دور جي غارن ڪان وٺي، ٻُڌمت جي ڪنڊرن ۾ پيا جهاتيون پائيندا. ڪلچر جا پارکو نيپال جي نگري نگري ووڙيندا وتندا.



books.sindhsalamat.com

اهڙي طرح جهنگلي جيوت جا شيدائي پهاڙي سرهن ۽ گڏن جا چال ڏسي پيا گد گد ٿيندا.

اسان جو دوست رمضان راهي خوش نصيب آهي جو ايترين خوبين وارو ديس نيپال گهمڻ جو موقعو مليو اٿس. هونءَ به رمضان راهي جو تعلق سنڌ جي طلسماتي شهر سانگهڙ سان آهي. سانگهڙ ۾ رهندڙ ماڻهو فطرت جي تمام ويجهو رهي ٿو. سانگهڙ جاگرافيائي ۽ تاريخي حوالي سان اهو هنڌ آهي، جتي جمڙائون، منڙائون، نارا ڪينال سان گڏ ڪيتريون ئي ڍنڍون ڇُلنديون رهن ٿيون. ساڳي وقت ساوڪ سان سَٽيل ٻيلن ۽ ٻيلاٽن ڪان سواءِ حدِ نگاهه تائين وسيع صحرا وڇايل آهي. وڏي ڳالهه ته هي شهر حُر تحريڪ جي ويڙهاڪن جو مضبوط مورچو پڻ رهيو آهي.

رمضان راهي پنهنجي گُلاب جهڙي ٻاروتڻي، پنهنجي پورهيت پيءُ سان گڏ ڪاڙهي ۾ ٻني ٻارو ڪندي گُذاري آهي. هو ڏُکن ڏاکڙن سان گڏ جڻ فطرت جي هنج ۾ پليو آهي. ان ڪري جتي سندس اک کي هر خوبصورت شئي موهي ٿي ته اتي پيانڪ غربت ۽ معاشري جي قباحت ڏسي روح رڙي به ٿو.

هونءَ به فنونِ لطيفه سان چاهه رکندڙ ماڻهو جيترا حساس هوندا آهن، اوترا ئي پنهنجي انوکي ذات ڪري مقبول ۽ هردل عزيز پڻ هوندا آهن. اسان جو دوست رمضان راهي به فنون لطيفه سان ويجهڙائي ڪري هر محفل ۾ پنهنجي شاعري ۽ فرمائش تي گنگنائڻ ڪري يڪدم محفل جو مور بڻيو وڃي. اها حقيقت آهي ته سنڌي نوجوان اڄڪلهه مختلف حوالن سان ٻاهرين ملڪن ڏي گهڻو اچن وڃن ٿا. ان ڪري سنڌي ٻولي ۾ سفرنامن جو هڪ وڏو ذخيرو موجود آهي. البت نيپال تي منهنجي نظر مان جيڪي سفرناما گذريا آهن، انهن ۾ فقير محمد لاشاري جو ”سگهارو هماليه، هيٺا ماڻهو“ بدر ابڙو جو



www.sindhsalamat.com

"پگوانن جي پونءِ" ۽ اسحاق انصاري جو "نڪري پيس نيپال ڏانهن" ۽ هينئر رمضان راهي جي سفرڪتا "گنگا، گوتم ۽ مان" پڙهي پورو ڪيو اٿم. ٿي سگهي ٿو ته ٻين دوستن به نيپال تي ڪجھ لکيو هجي.

رمضان راهي جو هي سفرنامو "گنگا، گوتم ۽ مان" ٻين سفرنامن کان ان ڪري منفرد آهي جو هي تمام سادي پيرائي ۾ لکيل آهي. ان کان علاوه ليکڪ سير سفر دوران جيڪي ڪجھ ڏسي وائسي ٿو، ان کي نهايت ئي دلچسپ انداز سان بيان ڪندو ٿو هلي. هو ڪٿي به ڪنجوسي کان ڪم نه ٿو وٺي، نه وري ڪا واردات لڪائي ٿو. جيئن دوشيزائن سان دلپشوري سان گڏ، هو پگتاپور جو پگوان ڏسڻ مهل غير ملڪي سياحن بجاءِ مقامي باشندن واري سستي ٽڪيٽ وٺن ٿا. يا "55 دري محل جي ديدار لاءِ رمضان راهي مان رامچند گوپالي تو ٻڌجي وجي. اهڙي طرح رمضان راهي روايتي سفرناما نگارن جيان ماڳن مڪانن جي ٽڪائيندڙ تفصيلي ديکھ کان به پاسو ٿو ڪري. پر هو اهم هنڌن جو مختصر حوال ڪندو وک وڌائيندو ٿو هلي. اهوئي سبب آهي جو مون جهڙي سست پڙهندڙ به هي نيپال نامو هڪ نشست ۾ پڙهي پورو ڪيو آهي. اميد ته ٻيا ساٿي به رمضان راهي جِي هي سفر ڪٿا پڙهي سندس قلم جي چاشني جو مزو ماڻيندا.

**اشتياق انصاري**

جولاءِ 2016



books.sindhsalamat.com

# وري هڪ ٻيو سفرنامو

سفرنامي کي آڳاٽي تاريخ جو ماخذ سمجھيو پئي ويو آهي، جنهن مان ڪنهن خطي جي طبعي، تهذيبي، معاشرتي، اقتصادي، سياسي، تاريخي وغيره ڄاڻ حاصل پئي ٿي آهي. ان ڪري سفر جا ڪيترائي قسم ۽ سبب به ٿين ٿا. هر سفر جي سبب جو مسافر جي اندازِ بيان تي اثر نمايان هوندو آهي. باقي ڳالهيون هن لاءِ اهم نه هونديون آهن. البت؛ مزاج، روِش ۽ دلچسپي جي اثر هيٺ ٻين ڳالهين کان سواءِ ڪي ڪٿيون منيون ڳالهيون به سفرنامي ۾ هونديون آهن. اهڙي طرح سفرنامو پنهنجي مقرر وصف ۾ اڻپورو رهندو آهي. تنهن هوندي به سفر ڪهڙي به مقصد جو هجي ۽ گهٽي توڙي ٿوري وقت جو هجي، زندگي جي لمحن جي ڪهاڻي آهي.

بحرحال هڪ ديني رهنما چواڻي "سفر مرد لاءِ اهڙو ضروري آهي جهڙو پاڻي لاءِ وهڪرو". ٻئي ديس وڃڻ، رهڻ، ڏسڻ، محسوس ڪرڻ ۽ ان تي ويچارڻ سان نظر ۽ سوچ ۾ وسعت پيدا ٿئي ٿي ۽ سفرنامي جو پڙهندڙ به پنهنجي دلچسپي جون ڳالهيون، هڪ نئين ملڪ جون يُونرواري (Geographical) فطرتي، ثقافتي نين حالتن کي ڄاڻي ۽ پنهنجي ديس وارين مشابہ حالتن سان موازنو ڪري پنهنجي معلومات ۾ واڌارو ڪري سگهي ٿو.

هڪ مذهبي دانشور جو قول آهي ته "ٽن وصفن واري شخص لاءِ سفر ڪافي آسان هوندو آهي. 1. خوبصورت لاءِ 2 . خوش الحان لاءِ 3 . وڏي عالم لاءِ. درست؛ پر وقت وقت جي ڳالھ آهي. هن وقت سڀ کان وڏيڪ خوبي جا آساني جو وڏو وسيلو آهي، سو آهي "پئسو". پر اسان جي هن سفرنامي جي ليکڪ



www.sindhsalamat.com

ساٿي وٽ اهڙي ڪا به واکاڻيل خوبي يا وسيلو ڪو نه آهي. تنهن هوندي به سفرنامي سان ڪيئن نڀايو اٿس سو پڙهندڙ پاڻ فيصلو ڪندا. رڳو عنوان پڙهي ڏسو ، ڀانئجي ٿو ته ليکڪ ڪنهن ياترا تي آهي. پر اهڙي ڪا به ڳالهه ڪانهي، گنگا ۽ گوتم ٻئي زندهه ڪردار آهن. جن نه فقط ليکڪ جي اڪيلائپ گهٽائڻ ۾ ساٿ پئي ڏنو آهي. بلڪ شايد ڪنهن حد تائين غمگساري به ڪئي آهي. اڪيلي سر سفر مان مزو يا لاڀ حاصل ڪرڻ ممڪن ته آهي، پر هر ڪنهن لاءِ نه. پر هي ڪو سندس پهريون سفر نه هو. مون ڏٺو آهي ته هو ڪنهن اوپري شخص ڏانهن اڳتي وڌي بنا تڪلف مصافحو ڪندي، پنهنجو پورو تعارف ڪرائي سندس تعارف پڇڻ ۾ اجلت ڪندو آهي ۽ اهڙي ريت رفاقت ۾ رهلي جي راهه هموار ڪندو آهي. ان لاءِ راهي وٽ خوش خلقي، خوش ڪلامي، بي باڪي ۽ روايتي سياٽپ جهڙين انمول خوبين جا خزانا آهن، جيڪي ڪيس سندس جاءِ ڏيارڻ لاءِ ڪافي آهن. وڌيڪ ڳالهه ٻولهه جو سلسلو هليو ته واهه واهه، موضوع کهڙو به هجي ڀاڱي ڀائيواري ڪبي. هن لاءِ ڪو به مضمون طبو نه آهي. بعضي نوبتي نموني ۽ ڪنهن وقت تفصيلي ڳالهه ۾ ڳالهه ملائيندي، ڪنهن به ريت توجه هٽائڻ جو موقعو نه ڏيندو. وقت تي واکاڻ ڪرڻ ۾ به ڪنجوسائي نه ڪندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ته اڻ لکي دل جوئي واري انداز ۾ نرم چهاءُ ڪان به نه مڙندو آهي. اهڙي ملاوڙي ماڻهو لاءِ نه رڳو سفر جلدي دلپذير ٿيو پوي، پر ورلي گهرين رغبتن جو سبب ٿيو پوي. هونئن ته هر سفر جون يادون نراليون آهن، پر نيپال جي هن سفر جي رِهاڻين جو رس منجهس ايترو رلجي ويو آهي، جو وسارڻ جي وائي نه ٿو واري، شايد موقعو تلاش به ڪندو هجي.

سفرـــ نامي ڪان سواءِ، ته انسان لاءِ سندس ابتدائي حياتي، ارتقا، ثقافتي ۽ سماجي زندگي جي واڌاري ۽ سڌاري جو



اهم ڪارڻ رهيو آهي. قديم تاريخي دور ۾ به حڪومتي ڏاڍ، ڏڪار، مهامري يا ڪن آسماني آفتن کان بچڻ لاءِ گهڻو ڪري قبيلائي لڏپلاڻ/هجرت (Exodus) جي صورت ۾ ٿيندي رهي آهي. تاريخ جي وچين دؤر ۾ ڌارين جون يلغارون ۽ رتوچاڻ، ملڪن جا ورهاڱا ۽ قبضا، جڏهن ته هاڻوڪي وقت جا هوائي حملا، گهرو ۽ ٻاهريان فساد ۽ وسيلن تي ويڙهه، اهڙا ڪيترائي ٻيا سبب آهن، جيڪي ماڻهو کي سفر ڪرڻ تي مجبور ڪن ٿا.

سفرنامي کي ادب جي هڪ صنف طور تسليم ڪيو ويو آهي ۽ ان جو مقصد عام طور ڪنهن ملڪ جي تاريخي ۽ ثقافتي ڄاڻ حاصل ڪرڻ، فطرتي ۽ طبعي نعمتن جي معلومات ڪرڻ، عام زندگي ۽ سماجي حالتن جو مشاهدو ڪرڻ ۽ تفريحي گهوم دوران نيون ۽ عجيب شيون ڏسڻ سمجهي ٿو. پر هن وقت انٽرنيٽ وغيره جهڙين ڪيترين ٻين سهولتن جي ڪري، گهر ويٺي ملڪ ته ڇا پر دنيا بابت هر قسم جي تفصيلي ۽ ذري گهٽ سموري ڄاڻ ملي ٿي. ان ڪري هاڻي سفر گهڻو ڪري تفريحي، ڪاروباري، سفارتي، مطالعاتي يا تحقيقي بلڪ ڪن انتهائي ٽيڪنيڪل/فني، علمي يا سائنسي مهارت جي حوالي سان ڪجي ٿو.

خبر ناهي ته ڇو، پر مونکي هميشه ايئن ڀاسندو آهي ته شايد ئي ڪو سائين سنواريو اهڙو هوندو آهي، جيڪو تمام ڳري مقصد ڪانسواءِ اٽيوئين ڏيهه جي سفر جي آس رکندو هجي. ڇاڪاڻ ته ڏورانهين ملڪ جا سڀ سک به پنهنجي گهر جي اڏوري اسباب ۽ سڪون جو مقابلو نه ٿا ڪري سگهن. حقيقي سفرناما ته اڳين سياحن جا آهن، جن پنهنجا کک ڇڏي، پيرين پنڌ، وهٽن يا واهڻن/واٽن وسيلي، لڪ، لانگها، جهنگ، جبل، وهڪرا ۽ ويرانا پار ڪندي ڪنهن ملڪ ۽ ان جي ماڻهن جي وسيلن ۽ وٽن، مزاجن ۽ مهاندن جا سچيتي سان مشاهدا ڪيا.

راهن ۾ ڪٿي ڦاٿا، ڪٿي ڦٿيا، ڪڏهن ڦُريا ڪڏهن ڦٻيا، پر جو ڪجهه لکيائون سو تاريخ ساز هو.

اڄوڪو سفر، ڪڏهن پير زمين تي اهو بہ تڙ تڪڙ ۾، ڏنو اڻ ڏنو بس رڳو پنهنجي مجبوري ۽ مقصد جو احساس. پر اڄ بہ ڪو سياح پنهنجي ذاتي ميلاپن ۽ مشاهدي جي مخصوص ماجرا نستونگيءَ سان ۽ دل پزير عبارت ۾ بيان ڪري ٿو تہ دل وارا دلچسپي سان پڙهن ٿا.

**سيد حاڪم علي شاه بخاري**
دادو سنڌ
جولاءِ 2016


books.sindhsalamat.com

# سچو پچو راهي

چوٿين يا پنجين ۾ پڙهندو هجان: اِهو اُهو زمانو هو، جڏهن استاد صورتخطي لکائيندا هئا تہ شاگردن کي بينچن تي هڪٻئي پنيان گهوڙي لانگ ڪري ويهاريندا هئا. اک ڏيڌي ڪري ۽ پاسيرو ٿي ڏسڻ تي ڏاڍو ڪُٽيندا هئا، هٿ سُڄائي ۽ ڳل سرخ گلاب ڪري ڇڏيندا هئا. انهن ئي ڏينهن ۾ مون رمضان راهيءَ کي پهرينءَ يا ٻينءَ ڪلاس ۾ پڙهندي ڏٺو هو. مان شروع کان ئي شرميلو هئس. استاد مار ڪيندا هئا تہ گهڻي دير تائين سُڏڪندو رهندو هوس، پلي رسيس گذري وڃي مجال آ جو مان بينچ تان چُران. پوءِ دريءَ مان ويهي اسڪول ٻاهران رانديون ڪندڙ ڇوڪرن کي ڏسندو رهندو هئس. رمضان ٿورو شرارتي هوندو هو، ڇوڪرن کي ڪنهن نہ ڪنهن ڳالهہ تان چيڙائيندو رهندو هو. جڏهن سنگتي پنيان لڳندا هئس تہ هي منهن هُنن ڏانهن ڪري ابتي پير نينگ ٽپا ڏيندو ڪائن وڃن پيو ويندو هو. شايد گهر هليو ويندو هو. سندس گهر اسڪول کان سڏ پنڌ تي هو ۽ ان زماني ۾ مَڪيءَ (آبائي ڳوٺ) ۾ ڪجيون جام هونديون هيون. رمضان راهيءَ جي گهر جي آس پاس وٽڪار گهڻي هوندي هئي، اهو علائقو ڪجين جي باغن ۾ لڪل هوندو هو. واپسيءَ تي سدائين هن جا کيسا (کِيدا) ڏوڪن سان پريل هوندا هئا. هيءُ اڪيلو پيو کائيندو (رڙڪيندو) هو. هن جي خاص سڃاڻپ اها هئي تہ هو سدائين کلندو ۽ مرڪندو رهندو هو. هيءُ هيٺئن ڪلاسن ۾ هو ۽ مان مٿيئن ڪلاسن ۾ انڪري هن سان ٻاراڻي وهيءَ ۾ ڪو خاص سٻنڌ جڙي نہ سگهيو. هاءِ اسڪول پهتاسين تہ اتي بہ ساڳيو سينيئر جونيئر جو فرق رهيو. رسيس ۾ يا ڪٿي راند تي گڏجڻ ٿيندو هو تہ نيڪ نہ تہ باقي ٿيو خير.


www.sindhsalamat.com

مونکي پوءِ گهڻي دير سان خبر پئي تہ هيءُ ياڻُو عمر ۾ ننڍو هوندي بہ ذهني پختگيءَ ۾ گهڻن کان گهڻو اڳتي آهي. سانگهڙ ۾ پهريون پيرو مون هن کي عاجز منگيءَ وٽ الفقراءَ پريس تي ڪم ڪندي ڏٺو. غالبن اهو 1985ع يا 1986ع جو دؤر هو. انهن ڏينهن ۾ رمضان راهي، سانگهڙ جي ادبي لڏي جو نهايت سرگرم ڪارڪن هو. عاجز منگي ۽ سائين آٿم (ڪيهر بُڙدي) قومپرست ڪامريڊ ادبي لڏي لاءِ بڙ جي گهاٽي ڇانءُ جئان هوندا هئا. اسان اجا نوان نوان ادب ۾ پير رکي رهيا هئاسين. پر رمضان ان وقت سرائڪي ٻولي جي ناليواري ليکڪ سائين محمد اسماعيل احمداڻيءَ جي جاءِ تي ٿيندڙ ادبي ڪچهرين ۾ سائين الهہ ورايو ٻهڻ، اسحاق مگّريو، حضور بخش لغاري، حسن علي لغاري، حسن وساڻ ۽ ٻين سان گڏ پابنديءَ سان شامل ٿيندو هو، ۽ ان ڪچهريءَ جو سرگرم ميمبر هوندو هو. لکڻ پڙهڻ ۽ ڇپائي جي رمزن کان هو گهڻو واقف هو. شاعري توڙي نثر ۾ هن جو قلم تڏهن بہ تيز هلندو هو. سنڌ جي قومپرست ادبي لڏي سان هن جي ڪافي ڄاڻ سڃاڻ پئدا ٿي چڪي هئي. سندس رِيس ۾ منهنجو بہ هڪ بہ پيرا "پيت دي پنڌ" "چوليان" ۽ "امر ڪهاڻي " جهڙا ناول سرجيندڙ سرائڪي ٻوليءَ جي اڙٻنگ ليکڪ سائين محمد اسماعيل احمداڻيءَ سان ملڻ ٿيو. هو تاريخ، جاگرافي ۽ فلسفي جو ڄاڻو هو. سياسي بسيرت سان گڏ هن جي رت ۾ سنڌو درياهہ ۽ ان جي تهذيب جو رنگ نمايان هو. اتي ڪن سرائڪي سڄڻن جو اچڻ وڃڻ پڻ ٿيندو هو. رمضان ۽ احمداڻي صاحب اسان سانگهڙاين ۽ سرائڪي وسيب جي انهن اديبن وچ ۾ ويچار ونڊڻ ۽ رابطن وڌائڻ لاءِ پل طور پنهنجا فرض انجام ڏيندا هئا.

انهن ئي ڏينهن ۾ سنڌي ادبي سنگت جون گڏجاڻيون الفقراءَ پريس تي ٿينديون هيون. منهنجي بہ ادبي سنگت جي


books.sindhsalamat.com

گڏجاڻين ۾ ويهڻ جي شروعات اُتان کان ئي ٿي. مان شروع کان ئي ڪهاڻيون پڙهڻ ۽ لکڻ طرف مائل هئس. چند دوستن جي صحبت ۾ هڪ بہ ڪتاب ڪرشن چندر ۽ بہ تي امر جليل جا پڙهي ورتا هئم. انهي رومانس ۾ ئي ورتل هئس ۽ ڪهاڻيون بہ انهي رومانس، خاص ڪري امر جليل جي ڪردارن جيئان خواب اٽندڙ نوجوانن جون لکندو هئس ۽ وري سماج جي راڪاسن هٿان انهن جا خواب چڪناچور ٿيندي نہ فقط ڏسندو هئس پر لکندو بہ ايئن هئس. رمضان راهي تڏهن بہ نہ فقط سنا ۽ پختا شعر چوندو هو، پر ڪهاڻيون بہ پنهنجي مخصوص انداز ۾ سنيون لکندو هو. جنهن مان هن جي هڪ ڪهاڻي "ڪُنڊيءَ ۾ قاتل ماڻهوءَ" مونکي اجا بہ برزبان ياد آهي. شعر ياد نہ رکي سگهڻ منهنجي وڏي ڪمزوري آهي. رمضان راهي جا ان وقت جا ڪيئي شعر مشاعرن ۽ محفلن ۾ زبردست داد حاصل ڪندا هئا. هن کي پنهنجا شعر برزبان ياد هوندا هئا.

رمضان راهي جي هڪ خوبي اها بہ آهي تہ هو شين ڏي پوئتي مڙي نہ نهاريندو آهي. جڏهن ادبي سنگت ۾ ڪيس نہ سَنو ويو تہ هن پنهنجن دوستن سان گڏجي سانگهڙ مان هڪ ادبي مخزن ڪيڍڻ جو سوچيو. ٿوري ئي وقت ۾ "ترشنا" نالي سان نهايت خوبصورت ميگزين، بهترين مواد سان سينگاريل، بهترين لي آئوٽ سان، آڻي نہ فقط مخالفن کي حيران ڪري ڇڏيائين پر پنهنجن دوستن سان گڏو گڏ سنڌ جي سنجيده ادبي حلقن ۾ پنهنجي جاءِ مضبوط ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. ادبي مخزن جي ڪيس بهترين موٽ ملي. اڳيان پنيان بہ ٻيا شمارا ڪڍي سانگهڙ جي ادبي تاريخ توڙي سنڌي ادب ۾ خوبصورت اضافو ڪيائين. مونکي سهڪاري ليکڪ طور ڇپيائين، جنهن لاءِ مان سدائين سندس شڪرگذار رهيو آهيان.


www.sindhsalamat.com

ان کان اڳ سانگهڙ مان، رمضان راهي سان گڏجي هڪ گڏيل ڪتاب ”جاڳ“ به ڇپايوسين جنهن ۾ ٻن شاعرن ۽ ٻن ڪهاڻيڪارن جون تخليقون شامل ڪيون ويون. ”جاڳ“ کي پڙ ان وقت جي دوستن تمام گهڻو پسند ڪيو، ۽ ان تي ڪي تبصرا به لکيا ويا، جيڪي ان وقت اسان جي همت افزائي جو وڏو سبب بڻيا. اهي شروعاتي وکون هيون. مون تڏهن اولڊ ڪئمپس حيدرآباد مان بي ايڊ پئي ڪئي . واپس موٽيس ته سانگهڙ جو ادبي ماحول مٺجي چڪو هو. سنگت ايتري سرگرم نه رهي هئي. رمضان راهي کي هڪ دفعو ٻيهر انهي ڪم جي سرواٽي سونپيسين. هن سنگت کي متحرڪ ڪيو پر دوستن جي روين ڪيس ڏاڍو مايوس ڪيو. سنگت ڇڏي پنهنجي طور ادبي خدمت ڪي لڳي ويو. پر ڪجهه عرصي کان پوءِ ادبي ميدان تان غائب ٿي ويو. پوءِ خبر پئي ته سنڌ هيلٿ اينڊ ايجوڪيشن ڊولپمينٽ آرگنائيزيشن نالي غير سرڪاري تنظيم/اين جي او جوڙي ورتائين، جنهن جي پليٽ فارم تان سانگهڙ جي عوام جي خدمت ڪرڻ ۾ جنبي ويو. ان سفر ۾ سانگهڙ جو بهترين شاعر ۽ آرٽسٽ اي آر آزاد به ساڻس گڏ رهيو. ادبي سنگت جي مئل گهوڙي ۾ اسان ساهه ڦوڪيندا رهياسين، تان جو ان کي پنهنجن پيرن تي بيهارڻ ۾ ڪامياب ٿي وياسين. پر رمضان راهي مُنهن موڙيو ته وري واپس نه آيو.

اين جي او جي دنيا جو ڪو به ڇيڙو ڪونهي. ان جو وري پنهنجو سحر آهي. هڪ ڀيرو جيڪو ان ۾ داخل ٿيو چڻ ته اهو گلوبل دنيا جو رهواسي ٿي ويو، ۽ آزاد فضا ڪيس پنيلائي گرم ۽ ٿڌن علائقن جي جُوءِ مٽائيندڙ پکين جيان ڏور نت نين ديسن ۾ نين بلندين ڏانهن وني وڃي ٿي. رمضان راهي سان به ائين ٿيو. ڇئن پنجن سالن کانپوءِ سانگهڙ کي به خيرباد چئي ڇڏيائين. الائي ڪيڏانهن گم ٿي ويو. پر مونسان رابطو نه


books.sindhsalamat.com

توڙيائين. جڏهن به مليو ۽ ياد ڪيائين ته ڪيس جستجوءِ ۾ ڏٺم. ڪڏهن انٽرنيشنل فيلوشپس پنيان ته ڪڏهن نوڪري پنيان. مون هُن جي اندر ۾ هميشه اُٿ ٿُٿ ۽ هلچل ڏٺي. جيتوڻيڪ هن پنهنجي مرضيءَ سان ڪجهه ڪرڻ ٿي چاهيو پر مستحڪم روزگار جي جُستجو ۽ وقت جي بي لغام گهوڙي ڪٿي ساهي به پٽڻ نه ڏنس. ان وچ ۾ پوري پاڪستان کي ڏوري ڏنائين. ريگستان، جبل، ڊنيون ڊورا ۽ سمونڊ به جهاڳي ڏنائين ته فضائن ۾ به اڏاڻو. ايئن هي سيلاني مڙس ڏيهه توڙي پرڏيهه کي اکين سان پَسي، پيرن هيٺيان لتاڙي، ساهن ۾ سمائي وري اچي ساڳئي ادب جي گهاٽي شفيق، آٽت ڏيندڙ، ٿڪ لاهيندڙ ۽ آسمان جي بلندين کي ڇهندڙ وڻ هيٺيان پناهه ورتائين. اين جي اوز کي ته ڪونه ڇڏيائين، پر ادب جي چاش ۾ قلم ٻوڙي وري تخليق جي ميدان ۾ ڪُڏي پيو. اها به سندس ڪمال جي خوبي آهي. جڏهن شڪارپور هو ته سائين خليل موريائي جهڙن مهربان، شفيق ۽ نفيس انسانن سان تعارف ڪرايائين. جڏهن دادو ۾ آيو ته سائين حاڪم علي شاهه بخاري ۽ حلقهءِ احباب سان ڪچهريون ڪرايائين!

ترشنا وارو دؤر ياد ڪيون ٿا ته هن جي ادبي دوستن ۽ واسطي وارن جي لسٽ نهايت طويل آهي. تاج جويو، غلام حسين رنگريز، اياز گل، ادل سومرو، ولي رام ولڀ، صرير پنهور، آفتاب نظاماڻي، نثار حسيني، زيب نظاماڻي، امر سنڌو، مير محمد پيرزادو، عبدالوحد آريسر ۽ نه ڄاڻ ڪيترا نالا آهن جن کي ياد ڪرڻ طوالت کي دعوت ڏيڻ برابر ٿيندو. هڪ ڏينهن خبر پئي ته هي همراهه هماليه جيان دنيا جي سڀ کان مٿاهين پهاڙ مائونٽ ايوريسٽ اڳيان ڳاٽ اوچو ڪيو بيٺو آهي. رمضان راهي جڏهن نيپال ۾ هو ته فيس بُڪ تي هڪ ٻي سان رابطي ۾ رهياسين. هن جنهن نموني هيءُ سفر قلمبند ڪيو آهي، بلڪ


www.sindhsalamat.com

مان چوندس تہ هن سفر مان سفر تخليق ڪيو آهي، اهو يقيناً هُن جي پنهنجي (رمضان راهيءَ جي) انداز ۾ آهي، جيڪو اسلوب ۾ ٻين کان نرالو ۽ منفرد آهي. سنڌيءَ ۾ ڪوڙ سارا سفرناما لکندڙ موجود آهن. رمضان راهيءَ انهن ۾ شامل تہ ضرور ٿيو آهي، پر ”وکري“ انداز سان. منهنجو ڪم سفرنامي تي لکڻ ناهي، پر اهو ٻڌائڻ آهي تہ جيڪو بہ رمضان راهي جو هيءُ سفرنامو پڙهندو ۽ اهو انهي مان پنهنجي انداز سان ضرور حظ حاصل ڪندو، انهن ۾ مان بہ شامل آهيان!

**امر لغاري**

سانگهڙ، سنڌ

جولاءِ 2016



books.sindhsalamat.com

**زندگي جي سفر ۾ ڪاميابي چاهيو ٿا تہ ٻن انتهائن کان بچڻ لازمي آهي ـ هڪ انتها لذت پرستي آهي تہ ٻي انتها نفس ڪشي ـ يعني انسان نہ تہ اُتاه لذتن ۾ غرق ٿي وڃي ۽ نہ ئي خود کي صبر آزما رياضتن ۾ ماري ڇڏي ـ انهن ٻنهي انتهائن کان بچندي وچين واٽ وٺڻ اصل ڪاميابي آهي ـ اهوئي رستو بصيرت، علم ۽ نرواڻ جو رستو آهي ـ**

**”گوتم ٻڌ“**



www.sindhsalamat.com

# • سفر جو سفر

زندگي بذاتِ خود هڪ سفر آهي. جڏهن کان هوش سنڀاليو اٿم، اهو سفر جاري ۽ ساري آهي. پاڪستان جي طول و عرض کان وٺي، سنڌ جو وارياسو، ڪاڇو، ڊنيون ڊورا، جهر جهنگ، جبل، درياءَ ۽ سمنڊ ڏسڻ جا شاندار موقعا مليا آهن. ٻني ٻاري جو ڪم ڪندي ٻيل گاڏي جي سفر کان ويندي، عرب جي مقدس سر زمين ڏانهن ويندي بحري جهاز جي سفر تائين ۽ ريل گاڏي جي سفر کان وٺي هوائي جهاز جي سفر تائين جو موقعو نصيب ٿيو آهي. هڪڙي صوفي منش  هاري ماڻهو، چين (چائنا) جي ٺهيل لال ٽين، گاسليٽي ٻتي تي رات جو بالغن جي تعليم واري اسڪول ۾ پنهنجي نالي لکڻ جي حد تائين تعليم حاصل ڪندڙ پورهيت جي گهر ۾ جنم وٺندڙ، پنهجي زندگي جي هن وقت تائين جي سفر تي خوشي ۽ فخر محسوس ڪريان ٿو. "راهي" تخلص هجڻ جي ڪري پيرن جي ترين ۾ اپريل پنڌ جي لڪير شايد ڏکھي ٿي پئي آهي، پر مون ڪڏهن بہ پنهنجي پيرن جي نشانن، پيچرن، واهڻن، وستين ۽ پنهنجي آدجگاد کي نہ وساريو آهي. زندگيءَ جا ڏُک، ڏاڪڙا ۽ تڪليفون، پنهنجي ڊائري ۽ شاعريءَ ۾ سمويا اٿم. جڏهن تہ خوشيون پنهجي ابي امان، گهر واريءَ، ٻارن ۽ دل گهرين دوستن سان ونڊيندو رهيو آهيان. جنهن سبب موت ۾ مونکي زندگي جي تلخ حقيقتن مان سبق، ماڻهن کان محبتون، والدين کان شفقت، گهروارن جو مضبوط ساٿ ۽ دوستن جو اڻ مِٽ پيار مليو آهي.

آئون 11/9 جو ذڪر ڪندس تہ پڙهندڙن کي حيرت ٿيندي، پر هڪ ٻيو 9/11 منهنجي زندگيءَ جي يادگار ڏينهن ۾ هڪ ڏينهن آهي. فرق صرف انگن کي اڳتي پوئتي ڪرڻ جو آهي. 9 نومبر 2012ع تي جڏهن ڪُروي وُسترو جي ٽريننگ ڪوآرڊينيٽر، مس اِينيس بُدارڪ، مونکي ٽريننگ ۾ چونڊجڻ ۽ ڪنفرميشن جي


books.sindhsalamat.com

اِي ميل ۽ مبارڪباد جو فون ڪري 26 نومبر تي کٽمنڊو نيپال پهچڻ جو چيو هو تہ شڪارپور جي ٽڏ ۾ بہ خوشي وچان دل باغ بهار ٿي پئي هئي ۽ جسم ڪرمائجي ويو هو. خيالن جي اُڏام مونکي نيپال جي حسِين وادين ۾ وٺي ويئي هئي، ۽ ايئن اهو منهنجو نيپال ڏانهن عملي سفر جو جڻ تہ پهريون قدم هيو.

قدرتي آفتن ۽ هنگامي حالتن ۾ ماڻهن جي ڀلائيءَ لاءِ ڪم ڪندڙ فرانس جي عالمي فلاحي اداري ايڪٽيڊ (ايجنسي فار ٽيڪنيڪل ڪوآپريشن اينڊ ڊولپمينٽ) ۾ اهڙي ذميواريءَ تي هئس جو اداري ۾ ڪم ڪندڙ ٻاهرين ملڪن جي ماڻهن جي رهنمائي، سفر، رهائش ۽ سندن سيڪيورٽي منهنجي ذميدارين ۾ شامل هئي. پاڪستان جي ايئر لائينز سان رابطي ۾ رهندي جڏهن پي آئي اي جي بڪنگ آفيس سان رابطو ڪريان ٿو تہ مون کي فورن ٽڪيٽ وٺڻ ۽ سيٽ ڪنفرم ڪرڻ جي صلاح ڏني وڃي ٿي، جو تہ فلائيٽ عرب امارات کان اچي ڪراچي کان ٿيندي کٽمنڊو وڃي ٿي. پي آئي اي جي فلائيٽ سستي هجڻ ڪري نيپال جا ماڻهوجيڪي وڏي تعداد ۾ عرب رياستن ۾ ڪم ڪار سانگي وڃن ٿا، اهي سفر ڪن ٿا.

پنهجي برادر نسبتيءَ، عبدالعزيز کي فون ڪريان ٿو ۽ فوري طور تي پي آئي اي جي ڪراچي کان کٽمنڊو لاءِ ٽڪيٽ وٺڻ لاءِ چوان ٿو. عبدالعزيز، جنهن کي اسين سڀئي گهر ڀاتي پيار مان "اڌُل" سڏيون ٿا، هيءُ ڪيتري عرصي کان هڪ ٽريول ايجنسي سان سلهاڙيل آهي. جيڪو حج ۽ عمري جي پانڌيئڙن کي موبائل/هلندڙ ڦرندڙ ٽريول ايجنٽ طور سهولتون فراهم ڪري ٿو. هُو مون کان ڏهن منٽن جي مهلت گهري ٿو. آئون ڪيس اها بہ هدايت ڪريان ٿو تہ في الحال اهو ذڪر ڪنهن سان بہ ناهي ڪرڻو، جيستائين مونکي باقائده دعوت نامو نہ ٿو ملي ۽ اين او سي نہ ٿي اچي.

نيڪ اڌ ڪلاڪ کان پوءِ عبدالعزيز فون ڪري ٻڌائي ٿو تہ ٽڪيٽ بہ وٺي ڇڏي آهي ۽ جهاز جي دريءَ واري سائيڊ کان


www.sindhsalamat.com

سيٽ بہ ڪنفرم ڪري ڇڏي آھي. دلي اطمينان ٿي ويو جڻ تہ سفر جو ھڪ اھم مرحلو بہ خير خُوبِي سان مڪمل ٿي ويو.

انٽرنيٽ جي سھولتن جتي دنيا کي صفا سوڙھو ڪري عالمي ڳوٺ، گلوبل وليج ڪري ڇڏيو آھي، اتي بين الاقوامي نڳن بہ انھي عالمي ڳوٺ ۾ ڏاڙا، ڦُريون ۽ ڪاٽ ھڻڻ شروع ڪري ڇڏيا آھن. انعامن، ڪاروباري پارٽنرشپس ۽ مالي مدد فراھم ڪرڻ جھڙن خوابن ۽ نڳين سان ڀريل اِي ميلز ماڻھو کي وائڙو ڪريو ڇڏين. الائي ڇو منھنجي دل کي تسلي نہ پئي ٿي تہ بہ اھڙا ادارا، جنھن جون ويب سائيٽون ھجڻ جي باوجود بہ اسٽاف جون Email ايڊريسون Yahoo، Gmail ۽ Hotmail تي ٺھيل آھن، اھڙي صورتحال ۾ ڪيئن يقين ڪجي تہ اھي سچا پچا ماڻھو يا نڳ آھن. انھي متا ڪُٿ ۽ ٻُڏتر ۾ اوچتو خيال آيو تہ جونہ يونيسيف پاڪستان ۾ واش سيڪٽر تي ڪم ڪندڙ نيپالي دوست پريم بھادر چند سان مشورو ڪجي. پريم بھادر چند سان منھنجي ٻن سالن کان ڄاڻ سُڃاڻ آھي. ھندستان ۽ پاڪستان ۾ رھڻ ڪري رواني سان اردو ڳالھائي ويندو آھي. فون ڪري کيس سچي حقيقت ۽ پنھنجي وسوسن کان آگاھ ڪريان ٿو تہ منھنجي شڪ کي وڌيڪ پختو ڪندي چوي ٿو تہ ”اسان جي ملڪ نيپال۾اھڙا ڪوڙ گروھ آھن، جيڪي ماڻھن کي سنھري خواب ڏيکاري نڳين ٿا. پر جيڪي Emails توکي انھي ٽريننگ جي حوالي سان آيون آھن. اھي مونکي forward ڪر تہ آئون ڪٺمنڊو ۾ڪنھن دوست کي موڪلي پڪ ڪرائي ڏيان.“ ٻي ڏينھن ئي ھو پاڻ ئي فون ڪري ٻُڌائي ٿو تہ ”ڪٺمنڊو تنھنجي انتظار ۾ آھي. ”ٻِڪالپا گيان تاتا ٻِڪاس ڪِندرا“ ۾ ٽريننگ جون تياريون زور شور تي آھن ۽ ھن اھو بہ ٻُڌايو تہ اھا اين جي او نيپال جي نالي وارين اين جي اوز ۾ شمار ٿِئي ٿي.“

ڏکڻ ايشيائي ملڪن جي نمائندن لاءِ منعقد ٿيندڙ ھن بين الاقوامي ٽريننگ ۾ شامل ٿيڻ جي پڪ تہ مون ھڪ ڏينھن اڳ ۾ئي لاڳاپيل ادارن کي ڪرائي ڇڏي ھئي. ٽڪيٽ ۽ فلائيٽ بہ



ڪنفرم ڪري ورتي ھئي. پر منھنجي لاءِ نائين اليون ۽ روانگي ۾ ڪو گھڻو وقت بہ نہ ھيو. پنھنجي اداري ۾ انتھائي اھم ذميواريءَ ھجڻ ڪري ھڪ مھيني جي ڊگھي موڪل ڪرڻ بہ ھڪ مسئلو ھو ۽ مون فوري طور تي اھا ڳالھ ظاھر ڪرڻ بہ نہ پئي چاھي، جو ھر ھڪ جي اڳيان سئو وضاحتون ڪريان.

2003ع جي ھنن ئي ڏينھن ۾ مڪمل تياري ھجڻ جي باوجود بنگلاديش نہ وڃي سگھڻ جو ڏُک اڃا تائين نہ وسري سگھيو آھي. ٿيو ايئن ھيو جو 2001ع ۾ انسٽيٽيوٽ آف انٽرنيشنل ايجوڪيشن ڪيليفورنيا، سانَ فرانسسڪو، The David and Lucile Packard Foundation جي سھڪار سان مون کي Leadership Development Mechanism Program تحت انٽرنيشنل فيلوشپ ڏني ھئي، جنھن تحت ڏيھي توڙي پرڏيھي سطح تي ايل ڊي ايم طرفان منعقد ٿيندڙ سيمينارن ۽ ٽريننگن ۾ شرڪت ڪرڻي ھئي. آڪٽوبر 2003ع ۾ اھڙي قسم جي ٽن ھفتن جي ٽريننگ ٻن حصن تي مشتمل ڪلاس روم ٽريننگ ۽ فيلڊ وزٽ اسلام آباد پاڪستان ۽ ڍاڪا بنگلاديش ۾ رٿي ويئي ھئي. اسان پاڪستان جي مختلف صوبن سان تعلق رکندڙ اٺ دوست مڪمل سفري دستاويزن سان اسلام آباد جي ھاليڊي ان ھوٽل ۾ وڃي پھتاسين، جتي ٽريننگ جو 10 ڏينھن تي مشتمل پھريون مرحلو مڪمل ڪرڻو ھو. اچانڪ اسان جي دماغن کي سُن ڪندڙ خبر ٻُڌائي وئي تہ ڪن اڻٽر مجبورين سبب اسين بنگلاديش نہ وڃي سگھنداسين ۽ باقي ڏينھن تي مشتمل مشاھداتي دورو پنجاب ۽ سرحد جي مختلف شھرن ۾ ڪيو ويندو، جنھن ۾ نوشھره، دره آدم خيل، ڪوھاٽ، پشاور، مانسھره، جھلم، چڪوال، سيالڪوٽ ۽ لاھور شامل ھئا. اھو سڀ ڪجھ پشتو فلمن ۽ پاڪستاني ڊرامن جي ڳاسليٽي ھيرو ڊاڪٽر طارق رحيم شاھ جو ڳھڙيل ڊرامو ھو، جيڪو ھن ٽريننگ پروگرام جو ميزبان ھو. ٽريننگ جا اھي ڏينھن تمام گھٽي ڪَرب ۾ گذريا. ڏُک اھو ھو تہ سنگت ساٿ ۽ مٽن مائٽن کان شاناٿا پاڪر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پائي بنگلاديش وڃڻ لاءِ موڪلائي آيا هئاسين ۽ ايئن واپس وڃڻ ڪنهن عذاب کان گهٽ نه هو.

هن پيري نيپال وڃڻ جي پڪ هجڻ باوجود به مون نه پئي چاهيو ته هڪ دفعو ٻيهر ڪنهن اڻ وڻندڙ صورتحال کي منهن ڏيان. سو ايڏي وڏي سفر جو سانباهو ڪجي ۽ ڳالهه لِڪي، اهو ممڪن ئي نه هو. پلو ٽِئي منهنجي سالي عبدالعزيز جو، جنهن شام جو حيدرآباد کان واپسي تي ٽڪ ئي منهنجي گهر اچي پڳو ۽ منهنجي ٽڪيٽ پنهنجي پيڻ حوالي ڪندي چيائين ته :

”تو وارو صاحب نيپال ٿو وڃي.“

”اهو ڪيئن ٿو تي سگهي جو صاحب ٻاهرين ملڪ سنيري ۽ مونکي نه ٻُڌائي“. هن حيرت مان جواب ڏيندي چيو.

ياٽس چيس ته:

”ٽڪيٽ تي نالو پڙهي ڏس ۽ پاسپورٽ نمبر به ڏس. هيءَ بس جي ٽڪيٽ ناهي جو ونجي هڪڙي نالي سان ۽ سفر وري ڪو ٻيو ڪري.“

هونئن ته ڪافي عرصي کان نوڪريءَ دوران ۽ مختلف سببن ڪري سفر دوران گهر کان ٻاهر رهندي هر شام واندڪائي وقت ٻارن سان فون ڪري مان پاڻ ئي ڳالهائي وٺندو آهيان، جيڪو منهنجو روز جو معمول رهيو آهي. پر اهڙي معمول کان هٽي ڪري گهران جڏهن به فون آيو آهي ته اُهو ڪنهن ڪم سبب آيو آهي. انهي شام منهنجيءَ گهرواريءَ فون تي تمام گهڻي خوشي واري موڊ ۾ عليڪ سليڪ ڪندي چيو هو ته ”هي آئون چا پئِي ڏسان ۽ چا پئي ٻُڌان، منهجي هٿن ۾ ڪراچيءَ کان ڪٺمنڊو جي ٽڪيٽ آهي، اها به توهان جي نالي جي.“

”چيم ته ها تو صحي ٻُڌو آهي.“

”پر تو ته مون سان ان بابت ڪڏهن به ڪا ڳالهه ئي نه ڪئي آهي.“

چيم ته ”اڄ ئي وڃڻ جي پڪ ٿي ، ته ٽڪيٽ ڪرائي ڇڏيم.“

چيائين ته ”بنگلاديش واري سفر جهڙي سزا ته نه ڏيندا؟“


books.sindhsalamat.com

چيم ته ”نه. ٽڪيٽ پنهنجي پئسن سان ڪرائي اٿم، پئسا اتي پهچي واپس ڪندا. نه به ڪيائون تڏهن به نيپال گهمي ايندس.“

چيائين ته ”ها ايئن نيڪ آهي، پر اداري مان ايڏي ڏگهي موڪل ملندئي؟“

چيم ته ”ملڻ ته ڪپي، وڌ ۾ وڌ اضافي موڪلن جي پگهار نه ڏيندا، انهي سان ڪو فرق نه پوندو، بين الاقوامي ٽريننگ آهي اڳتي هلي انهي جو فائدو ٿيندو، پر ان لاءِ ضرور وڃبو.“

ڪيس هدايت ڪيم ته مٿن مائٽن ۾ گهڻي خوشي ۽ واڪاڻ نه ڪري، وڃڻ وقت سنگت ساٿ ۽ مٿن مائٽن سان ملي ونبو.

هن جي فون بند ٿيڻ کان ڪجهه دير بعد منهنجين ڄاڙين نياڻين اُم الصبا ۽ اُم السحر جو سنڌ يونيورسٽي مان فون آيو ۽ مبارڪون ڏنائون. تمام گهڻو خوش هيون. اندازو ٿي ويو ته ڳالهه هونئن ئي ظاهر ٿي پوندي جونه ڪجهه اهم دوستن سان به حال اوري ونجن.

شڪارپور شهر ۾ رهندي ڪجهه وقت اڳ ئي انتهائي سباجهي شخصيت، اديب، محقق سائين خليل مورياڻي صاحب سان ملاقاتن جو سلسلو شروع ٿيو هو. ساٽس ڄاڻ سڃاڻ سنڌ جي ناليواري محقق، اديب، آثار قديم جي ماهر سائين حاڪم علي شاهه بخاري ۽ محترم عبدالله خان جيسر ڪرائي هئي. جڏهن ڪين خبر پئي هئي ته آئون اڄڪلهه شڪارپور ۾ رهان پيو ته ٻنهي صاحبن مورياڻي صاحب جو غائبانه تعارف ڪرايو هيو ۽ ساٽس فون تي پڻ ڳالهرايو هيو. منهنجو چڻ ته مورياڻي صاحب سان اڻ ڏٺو عشق ٿي پيو هو. دادو ۽ عبدالله خان جيسر جي ڳوٺ لليا پٽڻ کان ٿيندو، هفتي جون موڪلون ملهائي شڪارپور پهچڻ شرط مورياڻي صاحب سان رابطو ڪيو هيم، ۽ ايئن سائين سان ملاقاتن جو اهو سلسلو هڪ نه ٻئي ڏينهن تي جاري ٿي پيو هيو. پنهنجي پر ۾ بهتر سمجهندي سڀ کان اڳ ۾ پنهنجي دوستن جي صف ۾ موجود سائين مورياڻي صاحب


www.sindhsalamat.com

کي نيپال وڃڻ جي خوشخبري ٻُڌايم. پاڻ تمام گهڻي خوشي جو اظهار ڪيائون. نيپال بابت ڪافي دير تائين انهن اديب دوستن ۽ ڪتابن جو به ذڪر ڪندا رهياسين، جيڪي سنڌي ۽ اردو ۾ ڇپيا آهن. جنهن ۾ ڪجهه دوست شڪارپور جا به آهن. منهنجو هڪ ٻيو انتهائي مهربان دوست محمد يوسف ڇُتو جيڪو مون سان گڏ ساڳي اين جي او ۾ سُني عهدي تي فائز آهي. ڇُتي صاحب کي فون ڪري ٻڌايم ته پنهنجي منفرد انداز ۾ چيائين:

”سائين اڪيلا اڪيلا پيا وڃو، صلاح به نه ٿا ڪريو.“

ٻئي ڏينهن تي ساٿس ملاقات ٿي ته گرم جوشي سان پاڪر پائيندي مبارڪون ڏنائين. ڇُتي صاحب جون محبتون آئون ڪڏهن به وساري نه سگهندس. هن جڏهن به منهنجي هٿ ۾ چانهه جو ڪوپ ڏٺو آهي ته قرب مان ان ڪوپ مان سُرڪ پري ڪوپ کي اهو چئي چُمي ضرور ڏني آهي ته ”سائين اڇو ته چانهه مني ڪري ڏيانوَ“ سندس همه گير شخصيت تي تفصيل سان لکي سگهجي ٿو. پنهنجي پائرن جيان مهربان ۽ خُجائتن دوستن استاد الله نواز جتوئي ۽ محترم نياز احمد ڪوسو سان به حال احوال ڪيان ٿو. اهي ٻئي دوست آڏي مانجهي ڏُک سُک ۾ جيءُ ڪندا آهن.

16 نومبر 2012ع تي جڏهن بڪاليا گيان ٿاٿا بڪاس ڪندرا نيپال جي سرپرست مئدم اسٽيلا تمانگ جي صحيح سان ٽريننگ ۾ شرڪت ڪرڻ ۽ ضروري سفري دستاويزن ۽ ويزا جي فراهمي جو هدايت نامو مليو ته مون وٽ تياريءَ لاءِ تمام ٿورو وقت بچيو ٿو جو سفر جي تياري ڪريان ۽ پنهنجي اداري جي ڪم ڪار کي اُڪلائي ۽ چارج پنهنجي ڪنهن ٻئي هم منصب جي حوالي ڪريان. بظاهر ته تمام ٿورا ڏينهن لڳن ٿا پر نيپال ۽ نگر ڪوٽ جي خوبصورت وادين، جبلن، ندين ۽ هماليه جي برف پوش پهاڙن جو خيال ايندي ايندڙ ڏهه ڏينهن به وڏا لڳن ٿا. مون کي ياد آيو ته ڪجهه مهينا اڳ منهنجي هڪ فرينچ دوست ٿامس ڊُويگنيو، جيڪو هڪ ناليوارو موسيقار آهي، تنهن


books.sindhsalamat.com

ڊسمبر 2012ع ۾ نيپال هلڻ جي صلاح ڪئي هئي. ڪيس دل رکڻ لاءِ چيو هيم ته ”آئون ڪوشش ڪندس.“

ساٿس فيس بُڪ تي چيٽ ڪندي پڇيم ته ”نيپال جو ڇا پروگرام آهي؟“ ته ٻُڌايائين ته ”ڊسمبر جي پهرين يا ٻي تاريخ تي ويندس. چوته اتي مونکي طئه ٿيل پروگرامن ۾ شرڪت ڪرڻي آهي.“

مون کان پڇيائين ته ”تنهنجو ڇا پروگرام آهي؟“

ٻُڌايو مانس ته ”آئون 26 نومبر تي نيپال وڃان پيو.“ اول چيائين ته پوڳ ته نه ٿو ڪرين، جنهن تي دعوت نامو ڏيکاريانس ٿو ته تمام گهڻي خوشيءَ جو اظهار ڪري ٿو. جڏهن خبر پويس ٿي ته ٽريننگ ننگرڪوٽ ۾ آهي ته ننگرڪوٽ جي تمام گهڻي واکاڻ ڪري ٿو. چو ته هو هر سال هڪ مهيني لاءِ گهمڻ ڦرڻ ۽ ميوزڪ جا ڪلاس وٺڻ لاءِ نيپال ويندو رهي ٿو. مون سان ننگر ڪوٽ جون ڪجهه تصويرون پڻ شيئر ڪري ٿو.

ننديڻ کان ئي سماجي، معاشي ۽ موسمي اثرن جي ڪري زندگي جو سفر ڏاڍو ڪٺن ۽ اڪيلو گذريو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ايئن به ٿيندو رهيو آهي ته ڪنهن محفل ۾ آس پاس جي موج مستي واري ماحول ۾ به من هيڪل وياڪل ۽ ملول ٿي پوندو آهي. خوشيون الائي چو من کي راس نه اينديون آهن. سال به اڳ ۾ پنهنجي اين جي او جي هڪ ميگا ايونٽ ۾ ملڪي ۽ غير ملڪي دوستن جي محفل متل هئي، هر پاسي ٺهڪ ۽ تاڙيون هيون، ڪيمرا فليش جي چمڪ ڏمڪ هئي، پوءِ به من چڻ ته هيڪل هو. دل گهُريي هڪ دوست پڇيو هو ته: ”توهان ننگر ڪيو آهي؟“

چيومانس ته: ”مون مولائي ماڻهو کي زندگيءَ ۾خوشيون ڪڏهن به راس نه آيون آهن ته ماني ڪيئن وٽنديون.“

ڊوڙي وڃي منهنجي لاءِ ماني ڪٽي آئي هئي. مون کي هن جي اها ادا ڏاڍي وڻي هئي. اکين ۾ اکيون وجهي چيو مانس ته: ”ڪن پل جو ساٿ ئي صحي منهنجي لاءِ اعزاز آهي. خبر اٿم ته


www.sindhsalamat.com

انهن چند گھڙين کان پوءِ آئون وري به اڪيلو هوندس. تون نه هوندينءَ."

اڄ جڏهن آئون خوشي مان انٽرنيٽ ذريعي سڄي دنيا جي ماڻهن کي دوستي ۽ سماجي ڳانڍاپن ۾ ڳنڍيندڙ نيٽ ورڪ فيس بڪ تي نيپال وڃڻ جي ڳالهه ڪيان ٿو ته ڪوڙ سارا دوست ڪمينٽس ڪن ٿا. مبارڪون ڏين ٿا، انهن راين جي ڊگهي قطار ۾ من کي ملول ڪري ڇڏيندڙ هڪ گذارش به شامل هجي ٿي، ته:

"آئون تحريم آهيان. اسان جو گهر ان جا در ۽ ديوارون، ان جو آڱر، پارڪ ۾ پوکيل گُل، پڃرن ۾ وينل پکي ۽ اسين سڀئي گهر ڀاتي، اڄان به هن جو انتظار ڪريون ٿا. ايئن لڳي ٿو ڄڻ بابا ڪٺمنڊو جي پهاڙن ۽ گهاٽن جهنگلن ۾ رستو ڀلجي ويو هجي ۽ ڪو اچي اها خوشخبري ڏي ته هو واپس موٽي آيو آهي، يا پاڻ اچي اسان کي سرپرائيز ڏئي ته ڏسو آئون موٽي آيو آهيان. منهنجو بابا 1992ع واري جهاز حادثي ۾ اسان کان هميشه لاءِ جدا ٿي ويو. الله اوهان کي سلامتي وارو سفر عطا ڪري. اتان جون رونقون ڏسي سگهو. خوشيون ماڻيو، ڪٺمنڊو پهچي بابا کي دعائن ۾ ياد ڪجو ۽ گوتم جي سر زمين کي اسان جو ڏوراپو ضرور ڏجو."

دماغ ڄڻ ته سُن ٿي وڃي ٿو. اکين اڳيان اونداهه اچي وڃي ٿي. اهڙي اونداهه جنهن جي ڇانئجڻ سان آس پاس ڪجهه به نظر نه ايندو هجي. هڪدم گوتم جي سر زمين جا خوبصورت نظارا دماغ جي پردن تان غائب ٿي وڃن ٿا ۽ من اداس ٿي پوي ٿو. اڌ صدي کي پهچندڙ زندگيءَ جي هن سفر ۾ منهنجو يقين پختو ٿي وڃي ٿو ته مونکي خوشيون ڪڏهن به راس نه آيون آهن.

عجيب اتفاق اهو به ٿيو ته اهو ڏهاڪو به محرم جو ڏهاڪو هو.

"محرم موٽي آيو موٽيا تا نه امام."

چوڏهن سئو سال کان مٿي عرصوگذري وڃڻ جي باوجود به دنيا ۾ رهندڙ ڪروڙين ماڻهن جون اکيون امامن لاءِ آتيون آهن.



ايئن جيئن 20 سالن جي گذرڻ کان پوءِ به تحريم ۽ سندس گهر ڀاتين کي پنهنجي محبوب والد جي اچڻ جو انتظار آهي. تڏهن ئي ته وقت جي پيغمبرن ، اوليائن ۽ بزرگن هميشه سفر ۽ حادثي واري موت کان پناهه گهري آهي.

مون هيلينا کي ڪجهه ڏينهن اڳ ۾ ئي اي ميل ڪري فلائيٽ شيڊيول ۽ ڪٺمنڊو پهچڻ جو وقت ٻُڌائي ڇڏيو هو، ۽ اها به گذارش ڪئي مانس ته توهان مان ڪو نه ڪو ماڻهو مون کي وٺڻ ضرور اچي. مون کي ڪجهه دوستن نيپال جي ٺڳن بابت ڊيڄاري ڇڏيو آهي. تنهن تي هن خاطري ڪرائي هئي ته هوءَ پاڻ ايئرپورٽ تان وٺڻ ايندي. ٽريننگ جي تيارين ۽ مصروفيتن سبب اگر هوءَ نه پهچي سگهي، تڏهن به ڪو نه ڪو سندن نمائندو توهان جي آڌر ڀاءُ لاءِ حاضر هوندو.

دنيا جي ڪوڙ سارن ملڪن لاءِ نيپال، ويزا فري ملڪ آهي. جتي پهچڻ لاءِ اڳواٽ ويزا جي ضرورت نه آهي. نيپال پهچي ڪٺمنڊو ايئرپورٽ تي موجود اميگريشن ڪائونٽر تان ويزا لڳرائي سگهجي ٿي. پر منهنجي عادت آهي ته آئون جوکم نه کڻندو آهيان. هر ڪم جي خوش اسلوبي سان تڪميل لاءِ اڳواٽ ضروري تياري ڪري وٺندو آهيان. اڳ ۾ منهنجي ذهن ۾ ڪوڙ سارا انومان ۽ اڻڄاتا خوف هئا. جنهن ڪري مون ڪنهن به قسم جي خفي ۽ تڪليف کان بچڻ لاءِ اڳواٽ ئي ويزا وٺڻ جو ارادو ڪري ڇڏيو هو. آئون نيپالي ڪائونسل جنرل جي آفيس واقع مهدي ٽاور شاهراهه فيصل ڪراچي وڃي پهچان ٿو. فليٽ نما اپارٽمنٽس ۾ موجود نيپالي سفارتخاني پهچي جڏهن نيپال پهچڻ جي عرضي ۽ ٽريننگ جو دعوت نامو پيش ڪريان ٿو ته اهي مونکان پاسپورٽ وٺي مختصر بايو ڊيٽا فارم ڏين ٿا. پنجن منٽن اندر اڃان آئون اهو فارم ڀريان ئي مس ٿو ته مونکي ويزا لڳل پاسپورٽ واپس ڪندي چار سؤ روپيا في طلب ڪئي وڃي ٿي ۽ ايئن خير خوبي سان مونکي نيپال ۾ داخل ٿيڻ جي راهداري به ملي وڃي ٿي.

منهنجي وڏڙن جا بہ مختلف سوڻ ساٺ، شاديون مراديون، لڏپلاڻ ڪرڻ لاءِ مخصوص ڏينهن ۽ وقت مقرر ڪرڻ جا عقيدا، وهم ۽ طور طريقا رهيا آهن، تہ فلاڻي ڏينهن يا ڏينهن جي اڳياڙي پڇاڙي، يا فلاڻي مهيني يا ان جي فلاڻي هفتي ۾ هيئن ڪجي ۽ هيئن نہ ڪجي. ايئن جيئن جمعي جي ڏينهن عيد ٿئي تہ پوءِ چو نہ اسلام ۾ اهو ڪيڏو بہ افضل ڏينهن هجي پر ڪجهہ ماڻهو ان کي ڳرو ڏينهن چون. ملڪ ۾ ڪنهن وڏي تبديلي جون اڳڪٿيون ڪن. پر جيڪڏهن جمعي جي ڏينهن ڪو ماڻهو مري وڃي تہ ان لاءِ هن ڏينهن کي ڀلارو ڏينهن سمجهن ٿا .منهنجي لاءِ اهو اتفاق ٿي ڪٺي چئجي تہ مون کي يارهين محرم واري ڏينهن صبح جو سائين يارهين وڳي واري فلائيٽ ملي ٿي ۽ منهنجي لاءِ ضروري هو تہ آئون ڏهين محرم واري ڏينهن شام جو ڪنهن بہ وقت ڪراچي پهچي وڃان. چوتہ ساڳي ڏينهن تي سانگهڙ کان ڪراچي پهچڻ منهنجي لاءِ ممڪن نہ هو. جامشورو ۾ رهندڙ پنهنجين نياڻين سان ملڻ بہ تہ ضروري هيو. جڏهن مٽن مائٽن ۽ امان کان قدمن تي هٿ رکي موڪلايان ٿو امان تجسس واري انداز ۾ چئي ٿي تہ سياڻي تہ ڏهين محرم آهي. هن ڏينهن تي تون ڪيئن سفر ڪندين. چوانس ٿو تہ امان آئون تنهنجي کوڙ سارين دعائن سان سفر ڪندس. امان تِهائين گهڻو پيار ڏي ٿي ۽ منيون ڏي ٿي. نائين ۽ ڏهين محرم جي وچين رات آئون، پنهنجي گهرواريءَ ۽ پنهنجن پٽن اويس خان ۽ زوهيب خان سان خوب ڪچهريون ڪريان ٿو. انٽرنيٽ تي نيپال جي سياحت ڪريون ٿا. خصوصاً ننگرڪوٽ ۽ اتان کان نظر ايندڙ برف پوش جبلن جي ڊگهي قطار جو نظارو ڪريون ٿا. منهنجو ننڍو پُٽ زوهيب، جيڪو اجان ٿئين درجي ۾ آهي، پڇي ٿو تہ ”بابا تون ڪهڙي جهاز تي ويندين؟“

پوءِ انٽرنيٽ تي پي آئي اي جو جهاز ۽ ڪراچي جو هوائي اڏو بہ ڏيکاريانس ٿو، تہ پڇي ٿو تہ ”جهاز ڪٿان ويندو؟“

چوانس ٿو تہ ”جهاز پنهنجي شهر مٿان ويندو.“


books.sindhsalamat.com

”بابا تون جڏهن جهاز ۾ ويهين تہ مونکي ٻڌائجان،آئون گهر جي ڇت تي بيهي توکي ڏسندس.“

اسان سڀ هن جي اهڙي ڳالهہ تي کلي پئون ٿا.

مون گهرواريءَ کي چيو تہ رات ڪافي ٿي ويئي آهي. ننڊ اکين مان اڏري ويئي آهي. وقت وڃي ٿو ڊوڙندو. پر سوچان ٿو تہ اڳين رات گهر ۾ ڪٽمنڊو جي وچ ۾ گذرندي. گهڙيون رڪجي وڃڻ جو احساس ٿيئي ٿو. ٻڌايو مانس تہ جڏهن آئون امان سان گڏ بحري جهاز تي سعودي عرب وڃي رهيو هوس، ان وقت بہ اهڙي ڪيفيت مان گذريو هوس. شام جو پنجين وڳي آئون ڪسٽم ڪليئر ڪرائي سفينہءِ عرب تي چڙهي ويو هوس. ٻڌايو ويو تہ جهاز رات جو ساڍي نائين وڳي روانو ٿيندو. مون کي تمام گهڻو شوق هو تہ جهاز جي روانگي جو منظر پنهنجي اکين سان ضرور ڏسندس. رات جا ٻارنهن ٿي ويا پر جهاز روانو نہ ٿيو. آئون ٿڪجي سمهي پيس. صبح جو اک کلي تہ جهاز ساڳي جاءِ تي بندرگاهہ تي بيٺو هيو. سوچيم تہ خدا خير ڪري، هلي ٿو الائي نہ. خبر پئي تہ ڪجهہ مسافرن جي سامان مان منشيات نڪتي آهي، جنهن ڪري جهاز کي نڪرڻ ۾ دير ٿي آهي، ڪجهہ مسافرن کي شڪ جي بنياد تي جهاز مان واپس لاٿو ويو آهي. الله ڪري جهاز صبح جو ڏهين وڳي ڪراچي بندرگاهہ تان روانو ٿيو. اهو منهنجي لاءِ بہ ڪافي سنو ثابت ٿيو جو ڏينهن جي وقت بندرگاهہ تان روانگي جا منظر ۽ ڪراچي کي اکين کان اوجهل ٿيندي ڏٺم. خوف ۽ خوشي گاڏڙ اهو سفر بہ ڏاڍو دلچسپ هو.


www.sindhsalamat.com

## • ڄامشورو، ڏهين محرم ۽ ڪراچي

اها ڏهين محرم جي اداس صبح هئي. اهڙو ڏينهن، جنهن ڏينهن شهر سنسان، رستا ويران، ۽ هر پاسي يا حسين؄ يا حسين؄ جي صدا گونجندي هجي، اهڙي ئي ڏينهن آئون ٻڳوانن جي ديس ڏانهن اُسهان ٿو. پبلڪ ٽرانسپورٽ نہ هجڻ ڪري آئون اڳواٽ ئي اخبار ڪٽندڙ ڪار ڊرائيور سعيد کي چئي ڇڏيان ٿو تہ صبح جو سانگهڙ کان حيدرآباد واپس ويندي مونکي بہ کڻي هلي. سعيد سان گڏريل ٻن سالن کان سفري لاڳاپو آهي. شڪارپور مان رات جو سفر ڪندي ڪڏهن هالا مان تہ ڪڏهن خيبر موڙ، مٽياري، حيدرآباد، واڏو واهہ، الفلاح پمپ تان کڻي ٿو ۽ صبح ساجهرئي سانگهڙ ڇڏي ٿو.

سعيد بہ ڏاڍي تعجب مان پڇي ٿو تہ ”سائين ڏهين محرم جي ڏينهن تي وري ڪيڏانهن سنبريا آهيو.“

چوانس ٿو تہ ”تون ايندين تہ پوءِ توکي سڄي حقيقت ٻڌائيندس.“ سعيد صبح جو ساجهر ئي منهنجي گهر پهچي وڃي ٿو. اسين گڏجي ناشتو ڪريون ٿا. آئون گهر ڀاتين کان موڪلايان ٿو تہ منهنجو ننڍو پُٽ زوهيب کٽ تي چڙهي پاڻ کي منهنجي قد برابر ڪري ڀاڪر وجهي ٿو. آڱر جي دلفريب اشاري سان خرچي جي تقاضا ڪري ٿو. رب پاڪ کي پارت ڪندي دعاءِ خير گهري نڪري پوان ٿو. سعيد تہ هونئن ئي گهٽ ڳالهائڻو آهي. آئون بہ راتوڪي اوجاڳي جي ڪري گاڏي ۾ سمهي پوان ٿو.

آئون پنهنجين نياڻين کي اڳواٽ ئي ٻڌائي ڇڏيان ٿو تہ ڪراچي ويندي ڪجهہ وقت توهان سان گذاربو. منهنجين محبوب نياڻين کي منهنجي ٻاهرين ملڪ وڃڻ تي تمام گهڻي خوشي هئي. پنهنجي خوشين ۾ شامل ڪرڻ لاءِ پنهنجين همعصر سهيلين، روم ميٽس، ڪلاس فيلوز ڇوڪرين کي بہ شامل ڪن ٿيون. ايئن ڄڻ تہ منهنجي لاءِ الوداعي دعوت جو اهتمام ٿي پوي ٿو. مارئي هاسٽل جي چبر تي منهنجي آس پاس



ڪوڙ سارين ڄاتل ۽ اڻڄاتل ڇوڪرين جو هجوم گڏ ٿي وڃي ٿو. هلڪي ڦُلڪي ريفريشمينٽ جو اهتمام ٿئي ٿو. ڪافي دير تائين مختلف موضوعن تي ڳالهايون ٿا. اسان جي ڳالهين جو محور نيپال ئي هجي ٿو. مارئي هاسٽل جي مين گيٽ تي جڏهن منهنجون نياڻيون ۽ سندن سکيون مون کي پنهنجا نفيس هٿ لوڏي ۽ چپن تي مرڪون وکيري پرجوش طريقي سان الوداع ڪن ٿيون تہ منهنجي ذهن تي ڄامشوري جي هوائُن، ادائُن ۽ وڇوڙن تي لکيل مختلف شاعرن جا ڪوڙ سارا الوداعي گيت تري اچن ٿا. مارئي هاسٽل جي آس پاس واڪ ڪندڙ ۽ انتظار ڪندڙ نوجوانن جون اکيون بہ تجسس مان مونکي ڏسن ٿيون. ڄامشوري جي مادرِعلمي جي آغوش ۾ منهنجي علمي آبياري نہ ٿي آهي، پر ان مونکي بي پناهہ محبتن سان ضرور نوازيو آهي. آئون رُخِ ماهتاب جي بي پناهہ محبتن کي ڪڏهن بہ وساري نہ ٿو سگهان، جنهن سنڌ يونيورسٽي ۾ پڙهائي دوران، يونيورسٽي جي روڊن، رستن ۽ پيچرن تي هلندي، گلن ۽ وڻن جي ڇانءُ هيٺ چبرتي ويهي ڪچهريون ڪندي، کلندي مرڪندي، منهنجي جيون تي پنهنجي پيار جا اڻ مٽ ڇٽ ڇٽيا آهن.

چنڊ چهرو ناںءُ هن جو، چاندني ارپي ويئي،
چند گهڙين جو پيار ڏيئي، زندگي ارپي ويئي،
مون چميا ها چپ هن جا، چاهہ مان چُس چُس ڪري،
بي تحاشا قرب آڇي، عاشقي ارپي ويئي.

سنڌ الاجي گُل مهر ۽ گُل پيي سهڻو هيو،
چنڊ چهرو هير ٽڏڙي ٻانهن ۾ هٿڙو هيو،
ڄامشورا تنهنجا ٿورا ڳائبا پيا عمر ڀر،
جو مليو محبوب مونکي واهہ جو منڙو هيو.

منهنجو سنڌ يونيورسٽي مان جڏهن بہ گذر ٿيو آهي، مون سندس محبتن کي پيٽا ڏيڻ لاءِ هٿ جي تري تي ناںءُ لکي چُمي

ضرور ڏني آهي. هن جي نالي جي فلائنگ ڪِس سنڌ يونيورسٽي کي ارپيندي ڪراچي روانو ٿي وڃان ٿو.

جامشوري مان نڪرندي ئي پنهنجي فيملي فرينڊ اعجاز باجوه کان ڪراچي جي صورتحال بابت پڇان ٿو. ٻُڌائي ٿو ته صورتحال ته نيڪ آهي پر ٽينشن تمام گهڻو آهي. ٻن ڪلاڪن بعد ڪيس ال آصف پلازا تي اچڻ لاءِ چوانس ٿو ته حيران ٿيندي پڇي ٿو "سائين اڄ هن ڏينهن تي خير سان نڪتا آهيو؟"

چوانس ٿو ته "ادا محرم جو احساس ته اسان مسلمانن کي آهي، ٻاهرين ملڪن جي غير مسلمانن کي ڪهڙي خبر ته ڏهين محرم جا آهي." سمجهي وڃي ٿو ته ڪيڏانهن ٻاهر جو پروگرام آهي. چوي ٿو ته "ڪراچيءَ کي ويجها پهچو ته فون ڪري ڇڏجو آئون اچي ويندس."

آئون هن کي فون ڪرڻ جو ارادو ئي ڪريان ٿو ته هن جو فون اچي ٿو، پڇي ٿو ته ڪٿي پهتا آهيو، ۽ ٻُڌائي ٿو ته "عباس ٽائون واري امام بارگاه وٽ بم ڌماڪو ٿيو آهي، آئون نه ٿو اچي سگهان، توهان سڌا گهر هليا اچو."

اعجاز جي رهائش ايئر پورٽ سان لڳولڳ اولڊ ايريا پهلوان ڳوٺ ۾ آهي. سندس خاندان سان منهنجي شناسائي 25 سالن کان آهي. سندس گهر جڻ ته منهنجو ٻيو گهر آهي. سندس امڙ مونکي پُٽن جيان پيار ڏنو آهي. اعجازءِ سندس ڀينرون ۽ ڀائر منهنجو هٿ پڪڙي وڏا ٿيا آهن. 1987ع ۾ جڏهن روزگار جي ڳولا سانگي هنن وٽ اچي رهيو هئس، تڏهن هنن جي گهر مٿان تمام ويجهڙائي کان گذري رن وي تي لهندڙ ۽ اڏرندڙ جهازن جي شور تي آئون سمهي نه سگهندو هئس. خاص ڪري صبح جو پنجين وڳي روس کان ايندڙ جهاز جي آواز تي ڪمرن جا دروازا ۽ دريون تڙ تڙ ڪري ڪڙڪڻ لڳندا هئا. انهن ڏينهن ۾ منهنجي خيالن جي اڏام مون کي به جهازن سان گڏ ٻي دنيا ۾ وٺي ويندي هئي.


books.sindhsalamat.com

شام ڏاري جڏهن خيرن سان سندن گهر پهچان ٿو ته سڀ گهر ڀاتي سُک جو ساهه کڻن ٿا. سيني جي چهرن تي ڪيترائي سوال اڀرن ٿا. آئون پاڻ ئي کين ٻُڌايان ٿو ته ٻاهرين ملڪ جو پروگرام آهي. سڀاڻي صبح جي وقت جي فلائيٽ آهي. منهنجي لاءِ خيريت سان گهر پهچڻ لاءِ فڪرمند چهرا خوشي مان ٻهڪي پون ٿا.

ايتري ۾ نيپال مان هيلينا راءِ جو فون اچي ٿو.

"نمستي رمجان جي، توهان سڀاڻي اچو پيا نه؟ ٻيا ٻه دوست اچڻ شروع ٿي ويا آهن."

ڪيس ٻُڌايان ٿو ته "آئون گهران نڪري آيو آهيان ۽ ايئرپورٽ جي حدن ۾ آهيان. سڀاڻي شام ڏاري توهان وٽ پهچي ويندس."

هن پنهنجي مخصوص انداز ۾ وراڻيو "ٿينڪ يو رمجان جي، اسان توهان جو گرم جوشي سان آڌرڀاءُ ڪنداسين."

آئون خيالن ئي خيالن ۾ هيلينا جي خوبصورت آواز جيان سندس خوبصورت خاڪو ناهيان ٿو ۽ پاڻ کي کٽمنڊو ۾ پايان ٿو. گذريل ڏهه ٻارهن ڏينهن مسلسل اوجاڳي ۽ انتظار باوجود اجوڪي رات وڌيڪ ڊگهي رات محسوس ڪريان ٿو. ننڊ اکين مان اڏري وڃي ٿي ۽ رات گذرڻ جو نالو به نه ٿي وٺي.

سوچن کي سرحدون نه هونديون آهن. خيالن جي اڏام جو مقابلو دنيا جي ڪا به ٽيڪنالاجي نه ٿي ڪري سگهي. پر ڪڏهن ڪڏهن خوابن جا پر ڪُڪُنس پکي جي پرن جيان چنڊ جي تمنا جي سفر ۾ سڙي رک ٿي ويندا آهن. پر انهن سيني ڳالهين جي باوجود وسوسن جو جهان جيءُ جهورڻ لڳندو آهي، ۽ ايئن سوچن، خيالن، خوابن ۽ وسوسن ۾ رات گذري وڃي ٿي.

آئون صبح جو سوير اٿي تياري ڪي لڳي وڃان ٿو. اعجاز ڪمبل مان منهن ڪڍي چوي ٿو "سائين ايئرپورٽ پنجن منٽن جي پنڌ تي آهي، ايترو سوير جو تياري ڪي لڳي ويا آهيو. جهٽ گهڙي آرام ڪري وٺو سڄي رات ستا نه آهيو. فلائيٽ به ڪافي دير سان آهي."


www.sindhsalamat.com

چوانس ٿو تہ ”آئون وڌيڪ انتظار نہ ٿو ڪري سگھان، اتي تون بہ تيار ٿي ناشتو ڪري ايئرپورٽ هلون. اتي ٿورو جلدي وقت گذري ويندو. ڪنهن کي ويندي، روئيندي، موڪلائيندي ڏسنداسين، ڪنهن کي ايندي، گلن جا هار ۽ قرب جا پاڪر وجهندي ڏسنداسين تہ ٽائيم پاس ٿي ويندو.“

”نيڪ آهي سائين هلون ٿا“ اهو چئي هو هيٺ لهي وڃي تياري ڪري ٿو ۽ آئون مٿي فريش ٿيان ٿو.

امان ناشتي ۾ ڪوڙ سارين شين پچائي ٿي. مجال آهي جو خوشي مان ڪا شيءِ وٺي. بار بار چوي ٿي ”ڪجھ تہ کائو، سڄي ڏينهن جو سفر آهي، جهاز جي ماني توهان کي وٺي الائي نہ .....!“

اعجاز جي گهرياتين کان موڪلائي نيڪ 9 وڳي ايئر پورٽ پهچي وڃون ٿا. ڪراچي جناح انٽرنيشنل ايئرپورٽ جو پاڪستان جي مصروف ترين ايئرپورٽن ۾ شمار ٿئي ٿو. اڌ ڪلاڪ کن اسان ٻئي گھمندي ڦرندي، خوشيون، ٺهڪ، پاڪر، الوداعي ڳوڙها ۽ سڏڪا ٻڌندا ۽ ڏسندا رهون ٿا. ساڍي نائين وڳي جڏهن ڪٺمنڊو جي فلائيٽ جي روانگي ۽ لائونج ۾ هلڻ جو اشارو مليو تہ آئون بہ تڙ تڪڙ ۾ اعجاز کان موڪلائي لائونج ۾ هليو ويس.

ٽڪيٽ ۽ پاسپورٽ چيڪ ڪرڻ کان پوءِ منهنجي سامان کي اسڪين مشين مان گذاريو وڃي ٿو. سامان چيڪ ڪندڙ ڪسٽم عملدار جو بيج پڙهان ٿو تہ صرف تنيو لکيل هو. منهنجو پاسپورٽ ۽ ٽڪيٽ ڏسي پڇي ٿو تہ ”ڇا ڪندا آهيو؟“

ڪيس ٻڌايان ٿو تہ ”انٽرنيشنل هيومنيٽيرين آرگنائيزيشن ۾ آفيسر آهيان.“

”ڇا لاءِ وڃو پيا؟“

”انٽرنيشنل ليول جي ٽريننگ آهي.“

ٽريننگ جو ليٽر ۽ اين جي او جو ڪارڊ ڏيکارڻ لاءِ چوي ٿو. ٻئي ڏيکاريانس ٿو.



“Thank you Mr. Laghari, Have a Nice Journey.” چئي ڪلهن کي جهٽڪو ڏيندي مونکي سيئي ڪاغذ واپس ڪري ٿو ۽ اڳيئن ڪائونٽر ڏانهن وڃڻ جو اشارو ڪري ٿو، منهنجي سامان جي وڌيڪ ڪنهن بہ قسم جي چيڪنگ نہ ٿي ٿِئي. ڪائونٽر ڪان بورڊنگ ڪارڊ وٺي لائونج ڏانهن روانو ٿي وڃان ٿو. آئون سمجهان ٿو تہ تنيي صاحب جي مختصر انٽرويو مونکي سامان جي تلاشيءَ واري اجائي ڊيگھہ کان بچائي ورتو هيو. هونئن بہ اسان سيلاني، علمي، ادبي ماڻهن جي ڳوٿرين ۾ ڪپڙن، ڪتابن ۽ ڪئيمرا کان سواءِ ٻيو هوندو ئي ڇا آهي. اها ٻي ڳالھہ آهي تہ پنهنجي ٻولي، علم، ادب ۽ سماج جي آجپي ۽ بقا لاءِ هر وقت گڏ ڪٽي هلندڙ هٿيارن (قلم، ڪتاب، نوٽ بڪ ۽ نظريي) کي ايئرپورٽ تي نصب ٿيل اسڪينر مشينون بہ پڪڙي نہ سگھنديون آهن.

مون کي 1996ع دوران ڪراچي بندرگاهہ وارا ڀيانڪ منظر ياد اچي ويا. جڏهن آئون پنهنجو سفري سامان ۽ امڙ کي ساڻ ڪري ڪسٽم عملدارن جي ڪيمپ پهتوهوس تہ بحري جهاز جي ڊاڪٽين اڳيان وسيع علائقي تي ڦهليل تنبوئن هينيان سوين ماڻهن کي ڏسي منهنجا تہ لڱ ئي ڪانڊارجي ويا هئا. جهڙي طريقي سان سامان ۽ ڪاغذ چيڪ پئي ڪيا ويا ۽ جيڏو وڏو انگ ماڻهن جو مونکان اڳ ۾ پهتل هو، مونکي ايئن پئي لڳو ڄڻ تہ ڪي پهر اتي لوڙڻو پوندو. اڪثر ماڻهو سنڌ جي اترين علائقن، بلوچستان ۽ پنجاب جي ڏاکڻين علائقن ۽ سرحد جا پئي لڳا، جيڪي رنگ ڍنگ مان اڻ پڙهيل ۽ گهٽ تعليم يافتہ پئي لڳا.

امان کي تنبوءَ هيٺ سفري سامان وٽ ڇڏي، پاڻ ڪسٽم عملدارن وٽ هليو ويوهوس. نالي وارا بيج پڙهندي هڪ عملدار جي بيج تي نظر پئي تہ اهو بہ ڪو مسٽر تنيو هيو. سنڌي ۾ عليڪ سليڪ ڪئي مانس تہ تمام گهٽو مان ڏنائين ۽ حقيقت کان بہ آگاهہ ڪيو مانس تہ تنبوءَ کي هنيل ڪنات جي ٻي طرف



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

امان کي وني اچڻ ۽ سامان کڻي اچڻ جو چيائين. پنجن منٽن ۾ سامان ۽ سفري دستاويزات چيڪ ڪري ڪليئرينس جو نيو هٽي بحري جهاز تي چڙهي وڃڻ جو اشارو ڪيائين. امان ڏانهن اشارو ڪندي چيائين ته ”چئجوس ته منهنجي حق ۾ دعا گهري.“

زندگي جي سفر ۾ انهن بنهي تنيا فقيرن کي آئون وساري نه سگهندس، جن جي نالن ۽ انهن جي واهڻن کان ته واقف ناهيان پر سمجهان ٿو ته تنيا فقيرن جو منهنجي ذات تي گهرو اثر رهيو آهي. سماجي ڪيتر ۾ به هن مقام تي پهچڻ ۾ تنيا بقا شاهه جي بن تنيا فقير پائرن قابلِ احترام فقير مشتاق احمد تنيو، ۽ محترم رفيق احمد تنيو جون دعائون، شفقت، تربيت ۽ رهنمائي هر وقت گڏ رهيون آهن.

ٽريننگ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ جن ماڻهن کي منتخب ڪيو ويو هو، انهن ۾ ڇئن پاڪستانين جا نالا هيا. جن ۾ مون سان گڏ بلال مسعود، عائشہ شوڪت ۽ فائزه طارق شامل هئا. لائونج ۾ آئون مختلف چهرن کي گهوريندو رهان ٿو. ڪجهه چهرن تي مٿين دوستن جو گمان ٿئي ٿو پر همت نه ٿو ساريان جو پڇان ته توهان فلاڻا ته نه آهيو. پاڪستاني ڪلچر ۾ ڪجهه ماڻهو اهڙي عمل جو بيهودو ۽ غلط مطلب ڪڍڻ ۾ دير ئي نه ڪندا آهن. اهوئي سبب آهي جو يادگيرين جي هن ڏکهي سفر ۾ ملندڙ سهڻن ماڻهن جا خوبصورت چهرا ته ياد اٿم مگر انهن سان راهه رسم نه ٿيڻ ڪري خبر نه آهي ته ڪهڙي واٽ ويا.

آخرڪار انتظار جون گهڙيون اچي پوريون ٿيون ۽ مسافرن کي جهاز ڏانهن هلڻ لاءِ چيو ويو. مون ڏٺو ته ڪافي نوجوان ته مونکان وڌيڪ تکڙا هئا، ڊوڙي وڃي دروازي تي پهتا. سوا يارهين وڳي جهاز ۾ داخل ٿيان ٿو. پنهنجي سيٽ وني دوست اعجاز کي ۽ پنهنجي ننڍڙي پُٽ زوهيب کي فون ڪريان ٿو. پندرهن منٽن جي ٿوري ليٽ(جنهن کي آئون ليٽ نه ٿو سمجهان، نه ته فلائيٽون ڪيئي ڪلاڪ دير سان پيون نڪرن) کان پوءِ



جهاز ڪراچيءَ کي خدا حافظ ڪري ٿو. هڪ دفعو ٻيهر خيالن ئي خيالن ۾ نيپال جي خوبصورت وادين ۾ گم ٿي وڃان ٿو.

جهاز جامشوري، نواب شاهه ۽ سانگهڙ مٿان اڏام ڪندو هندستان جي حدن ۾ داخل ٿِئي ٿو. آئون دريءَ مان ليئو پايان ٿو ته مونکي هيٺ ننڍيا وڏا پاٽي جا ڌُٻا نظر اچن ٿا، جيڪي مکِيءَ ۽ بقار جون ڍنڍيون ٿي پئي سگهيون. جڏهن ته سيٽ تي لڳل ايل اي ڊي تي به ضلعي جي حدن جا نشان ۽ جهاز جي رستي کي ڇٽي طرح ڏيکاريو پئي ويو. لڳ ڀڳ سوا ٻن ڪلاڪن جي اُڏام کان پوءِ بادلن جي پاڪرن ۾ آڪاش سان ڳالهيون ڪندڙ ڪير جهڙا اچا اجرا برف پوش پهاڙ نظر اچن ٿا. جن جو خوبصورت منظر ۽ ساٿ ڪافي دير تائين اسان سان ڪٽمنڊو جي وادين تائين گڏ رهي ٿو. ڪٽمنڊو مٿان پهچڻ باوجود به مون محسوس ڪيو ته جهاز ڪافي دير تائين فضا ۾ چڪر ڪاٽيندو رهي ٿو ۽ آئون برف پوش پهاڙن، سج جي روشني تي چمڪندڙ ندين ۽ نيپال جي ماڻرين جو نظارو ڪندو رهان ٿو. ايئرپورٽ ننڍي هجڻ ڪري اسان وارو جهاز به ڪليئرينس جو انتظار ڪري ٿو. اچانڪ منهنجي ذهن تي تحريم جا چيل لفظ تري اچن ٿا ته جسم ۾ ڄڻ ته ڪنهن ڪرنٽ جيان جهٽڪو محسوس ڪريان ٿو. سوچيان ٿو ته جهاز لهڻ تائين اکيون بند ڪري ڇڏيان. مگر آئون اکيون بند ڪري ڪٽمنڊو ۽ نيپال جي خوبصورت منظرن کان محروم ٿيڻ نه ٿو چاهيان. اهڙي ماحول ۾ منهنجي لاءِ اکيون بند ڪرڻ ممڪن ئي نه هُيو.

آئون تحريم جي محبوب والد کي دعائن جي پيتا ڏيان ٿو ۽ کيس خراج عقيدت پيش ڪريان ٿو. منجهند جو لڳ ڀڳ ٽين وڳي خير سان جهاز تري ڀون انٽرنيشنل ايئرپورٽ ڪٽمنڊو تي لهي وڃي ٿو.

آئون جيئن ئي جهاز کان ٻاهر اچان ٿو، نيپال جي روشن سر زمين، ڪٽمنڊو جون واديون ۽ هماليه جا برف پوش پهاڙ ٿڌين

هوائن جي پاڪرن سان منهنجو آڌر ڀاءُ ڪن ٿا. جنهن سان مونکي پيار، پاٻوهه ۽ پنهنجائپ جو احساس ٿئي ٿو.

لائونج ۾ داخل ٿيان ٿو ته اميگريشن ڪائونٽر تي مسافرن جون ڊگهيون قطارون ڏسان ٿو. جنهن ۾ اڪثريت گورن (آمريڪين،يورپين، اسرائيلين) چيني، جاپاني، ٿائي، سنگاپور ۽ ٻين مختلف ملڪن جي ماڻهن جي لڳي ٿي. جيڪي هن سرد موسم ۾ مائونٽين ڪلائيمبنگ ۽ اسڪيئنگ لاءِ نڪتا هئا. پاڪستاني ٽوئريسٽ نه هجڻ جي برابر ڏسڻ ۾ اچن ٿا. جيڪي چند پاڪستاني نظر اچن ٿا، اهي آفيشل وزٽ تي يا ڪنهن پروگرام ۾ آيل لڳن ٿا. هندستان لاءِ ته زميني رستا کليل ئي رهن ٿا. منهنجي هٿ ۾ ايگزٽ سلپ ۽ پاڪستاني پاسپورٽ ڏسي ڪجهه ٻيا مسافر به پر ۾ اچي بيهن ٿا ۽ ايئن باقي ٽن دوستن بلال، عائشه ۽ فائزه سان ملاقات ٿي وڃي ٿي. مونکي جڻ ته حوصلو ملي پوي ٿو. ٻاهر جي خبر نه آهي ڇا صورتحال هجي، منهنجو ۽ فائزه جو ويزا اڳ ۾ ئي ڪنفرم هو. عائشه ۽ بلال جا ته ڊگهيون قطارون ڏسي سندن مٿي تي هٿ اچي ويا. ٿوري دير ۾ ڪليئرنس وٺي آئون ۽ فائزه ٻاهر اچي وڃون ٿا. ٻاهر ته مسافرن ۽ سياحن کان به وڌيڪ هجوم هو. ٽيڪسي ڊرائيورن ۽ هوٽلن جي ايجنٽن جو هجوم. ڪجهه دير تائين اسان پنهنجي ميزبانن کي ڳوليندا رهياسين. موبائيل سم به نه هئي جو انهن سان رابطو ڪري سگهون. هڪ مهربان ٽيڪسي ڊرائيور کي بڪالپا جو ليٽر ڏيکاريون ٿا ته پنهنجي موبائيل فون تان بڪالپا فون ڪري ٿو. جتان خبر پوي ٿي ته هيلينا اسان جي آڌر ڀاءُ لاءِ اتي ڪٿي هجوم ۾ موجود آهي. ساڳيو ڊرائيور هڪ دفعو ٻيهر مهرباني ڪندي هيلينا کي موبائيل تي فون ڪري ٿو ۽ ايئن اسان هيلينا کي ڳولي لهون ٿا. ٽيڪسي ڊرائيور جو به ڀلو ٿي وڃي ٿو جو هيلينا انهي کي بڪ ڪري ٿي ڇڏي.


books.sindhsalamat.com

آهستي آهستي شام گهري ٿيندي ٿي وئي، ٿڌ به وڌندي ٿي وئي. هيلينا چيو”سُٺو ٿيو جو توهان ويزا وٺي آيا، هن ٽائيم اسان وٽ مسافرن جي آمد وڌي ويندي آهي. ڇوته ايئرپورٽ پهاڙين ۾گهيريل آهي، جنهن سبب رات جو فلائيٽس نه هونديون آهن. عائشه ۽ بلال کي گهڻي دير ٿي وئي آهي، آئون چاهيان ٿي ته توهان کي سج ٻيٺي کٽمنڊو جي ڪجهه علائقن جي ڄاڻ ڏيندي هلان.“

نيپالي حسن ۽ وچولو قد ڪاٺ رکندڙ خوبصورت ڇوڪريءَ هيلينا راءِ بڪالپا گيان ٽاٽا بڪاس ڪندرا جي ڪميونيڪيشن آفيسر ۽ ٽي وي نيپال جي ميزبان به آهي. اسان جي آڌر ڀاءُ لاءِ هوءَ پاڻ سان گڏ بڪالپا جي هڪ ڪچي آبادي ۾ قائم اسڪول جي انسٽرڪٽر ممتا کي به وٺي آئي هئي. ممتا ڳالهائڻ کان سواءِ اسان ڏي نهاري مسڪرائيندي رهي ٿي. تمام گهڻي ٿڌ هجڻ باوجود به هوءَ شال يا سويٽر نه پائي آئي هئي. جڏهن ته هيلينا کي امپورٽيڊ سويٽر پاتل هو. جڏهن مون ممتا کي ٿڌ سبب ڏڪندي ڏٺو ته پنهنجي بيگ مان اجرڪ ڪڍي کيس پارايان ٿو ته هوءَ ڪافي رليڪس ٿي وڃي ٿي. لڳ ڀڳ سوا ڪلاڪ جي انتظار کان پوءِ عائشه ۽ بلال ايئرپورٽ کان ٻاهر اچن ٿا، آئون ڊوڙي وڃي اڳ جهليان ٿو. عائشه جو ڇهروڳاڙهو ۽ اکين ۾ سخت ڪاوڙ پئي جهلڪي.

"خدا کی قسم اگر مجھے پتا ہوتا یہ لوگ اتنا ذلیل کریں گے، میں پاکستان سے ویزا لگوا کے آتی۔"

مون ڏانهن اشارو ڪندي پڇي ٿي.

"آپ نے کہاں سے ویزا لگوایا؟"

"کراچی سے۔"

"کتنی دیر میں لگا؟"

"کوئی دس منٹ میں۔"


www.sindhsalamat.com

"کتنے پیسے لگے؟"

"چار سو روپے"

"توبہ توبہ انہوں نے تو ہم سے دو دو ہزار روپے لیے ہیں۔ اور الٹا بڑی اذیت سے گذرنا پڑا ہے۔"

آئون ۽ فائزه، هيلينا سان گڏ گاڏي ۾ ويهون ٿا. جيئن ئي ايئرپورٽ کان نڪرون ٿا، هيلينا ٻڌائي ٿي ته: "توهان کي خبر آهي ته هندي فلمن جي مشهور ۽ خوبصورت اداڪاره منيشا ڪوئيرالا هتان جي آهي." ٻڌايومانس ته آئون فلمون تمام گهٽ ڏسندو آهيان، خبر ضرور اٿم، پر آئون موسيقي شوق سان ٻُڌندو آهيان. هن ملڪ جو ناليوارو هندي اردو گائڪ اُدت نارائڻ مونکي تمام گهڻو وڻندو آهي، اهو به ته هتان جو آهي نه؟

هيلينا فوراً پڇي ٿي ته "توهان کي هن جو ڪهڙو گانو وڌيڪ وڻندو آهي؟"

گنگنائي ٻُڌايانس ٿو.

"کیوں کسی کو وفا کے بدلے وفا نہیں ملتی"

ٽيڪسي ڊرائيور به مونکي ڏسي ڪنڌ ڌوڻڻ لڳي ٿو.

فائزه به واهه واهه ڪري ٿي ۽ هيلينا پنهنجي مخصوص انداز ۾ چوي ٿي:

"رمجان جی بہت خوب"

اهو نيپال جو جڻ ته پهريون تعارف هو. دنيا نيپال کي مهاتما ٻُڌ ۽ هماليه جي نالي سان سڃاڻي ٿي. هتان جا ماڻهو مختلف شعبن جي هيروز جي نالن سان. هيلينا، منيشا لاءِ تمام گهڻي فڪرمند نظر آئي. هن ٻڌايو هو ته منيشا کي ڪينسر آهي ۽ اجڪلهه زير علاج آهي.

ايئرپورٽ کان ٻاهر نڪرندي ئي، اسان جي گاڏي موٽر سائيڪلن، ڪارن، بسن ۽ پيدل هلندڙ هجوم ۾ ڦاسي پوي ٿي. تنگ رستا گاڏين جو شور، سائيلنسرز جو دونهون، رستن تان


books.sindhsalamat.com

اڏامندڙ ڌوڙ، سالن کان تنگ رستا، جهول شهر جي مين روڊ جو ڏيک ڏين ٿا. اهڙي صورتحال کي ڏسي هيلينا چوي ٿي ته:

"اجڪلهه روڊن جي مرمت جو ڪم هلندڙ آهي، متبادل رستا نه هجڻ ڪري اها صورتحال پيدا ٿي آهي."

رستن ۽ مندرن جي آس پاس تمام گهڻي گندگي نظر اچي ٿي، جنهن جو سبب ٻُڌائيندي هيلينا چوي ٿي ته:

"تازو ديوالي جو تهوارختم ٿيو آهي، جنهن ڪري هر پاسي توهان کي اها صورتحال نظر اچي ٿي. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ توهان کي شهر جو ماحول صاف سٿرو نظرايندو. چو ته صفائي جي سلسلي ۾ ميونسپل کي هتان جي فوج به مدد ڪري ٿي."

ٿورو اڳتي هلي منهنجي نظر هڪ وسيع سرسبز پٽر تي ڦهليل مندر تي پوي ٿي. هيلينا ٻُڌائي ٿي ته "اهو پشوپتي ناٿ مندر آهي، جنهن جو شمار دنيا جي قديم ترين مندرن ۾ ٿئي ٿو. هن جي خاصيت اها به آهي ته اهو ٻاگمتي ندي جي ڪناري تي آهي، جنهن جي هندو مذهب ۾ هڪ خاص اهميت آهي. هي سڄو خطو جيڪو ڪٽمنڊو واديءَ سڏجي ٿو، اهو ٻاگمتي زون ۾ اچي ٿو. هن مندر جي هڪ ٻي خاصيت اها به آهي ته هن ۾ هندن کان سواءِ ڪنهن ٻي کي اندر وڃڻ جي اجازت نه آهي ۽ نه ئي فوٽو گرافي ڪري سگهجي ٿي. توهان کي ٽن هفتن جي هن ٽريننگ دوران اهو به گهمڻ جو موقعو ملندو."

ٿورو اڳتي هلڻ بعد هوءَ ڪٽمنڊو ۾ قائم مرڪزي ڪيٿولڪ چرچ ڏيکاري ٿي. اهو به ٻُڌائي ٿي ته "اهو ٻُڌا ناٿ علائقو آهي. انهي چرچ جي پويان ٿورو اڳتي ٻُڌ مذهب جو مرڪزي ٽيمپل آهي، جنهن کي ٻُڌا ناٿ چون. اهو ڏسڻ ۽ گهمڻ وٽان آهي. جتي وڃڻ لاءِ ڪنهن کي به جهل پل نه آهي."

رستي تي ڪوڙ سارا اسڪول، ڪاليج، بينڪون، مارڪيٽون ۽ ننڍا ننڍا مندر نظر اچن ٿا. جن جا نالا آئون پڙهندو رهان ٿو. ايتري ۾ اسان جي گاڏي هڪ ٽڪري تان لهي بڪالپا جي دروازي تي اچي بيهي ٿي. اسٽاف جون عورتون اسان جو آڌرڀاءُ


www.sindhsalamat.com

کن ٿيون ۽ سامان ڪٽائن ٿيون. جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته هن اين جي او جو گهڻو تڻو اسٽاف عورتن تي مشتمل آهي. ايئرپورٽ کان ايندي مونکي محسوس ٿيو ته ننڍي وڏي ڪاروبار ۾ عورتن جي اڪثريت آهي. چوڪ هر بي موٽرسائيڪل مون عورت يا ڇوڪرين کي هلائيندي ڏٺي. هر ٻئي مرد سان گڏ موٽر سائيڪل تي مونکي عورت ئي ڏسڻ ۾ آئي.


پي آئي اي جي جهاز ۾ سفر دوران


books.sindhsalamat.com

## • بڪالپا، اسٽيلا تمنگ (مدر آف نيپال)

بڪالپا تائين پهچندي پهچندي سج لهي ويو هو. آهستي آهستي بلب روشن ٿيڻ لڳا هئا. گاڏين جي پارڪنگ ايريا ۾ گاڏي تان لهي آس پاس نظر گهمايان ٿو ته ايئن لڳي ٿو ڄڻ ڪنهن ٽڪريءَ جي هنجهه ۾ نهيل ڪنهن خوبصورت آشرم ۾ اچي ويو هجان. 12 محرم جو چنڊ به ٽڪري مٿان بيهي منهنجو آڌر ڀاءُ ڪري ٿو. سلام يا حسينؑ جي صدا ڪان بي نياز چنڊ.

هيلينا پنهنجون ٻانهون ڦهلائي چوي ٿي:

”هي سچو بڪالپا آهي، ۽ ڏينهن ڪن توهان سڀ هتي رهندؤ، ٻن ڏينهن کان پوءِ اسان سڀ ننگرڪوٽ وينداسين. اونداهه وڌندي پئي وڃي. سفر ڪري آيا آهيو، ٿڪل آهيو، ڊنر تي توهان سڀني سان رسمي ملاقات ٿيندي ۽ تعارف ٿيندو. سڀاڻي سچو بڪالپا توهان کي ڏيکارينداسين.“

بڪالپا جون ملازم عورتون اسان جو سامان ڪٽائي گيسٽ هائوس تائين وٺي آيون. جتي اڳ ۾ ئي مختلف ملڪن مان آيل دوست به پهچي چڪا هئا. ٻاهر ٿڌ گهڻي وڌي وئي هئي. ڪمرن ۾ گيس هيٽر هلايا ويا هئا. ڪمري جي ماحول ۽ نون دوستن جي آڌر ڀاءُ ۽ ياڪرن اسان کي پنهنجائپ جو احساس ڏياري ڇڏيو. ڊنر ٽائيم تائين اسان سڀ دوست حجاب جي پردي ۾ رهندي هڪ ٻئي سان کُلي حال احوال نه ڪا ڪريون. گهڻن کي ته ويزا ۽ ڪسٽم جا سور هئا. جنهن تي منهنجو هم وطن بلال ڪافي گرم هو. مون کي محسوس ٿيو ته عائشه ۽ بلال اميگريشن جي مرحلن مان گذرندي ڪافي پوڳيو هو.

ساڍين ستين وڳي ريسٽوران ۾ رات جي ماني ۽ تعارفي گڏجاڻي جو اعلان ڪيو ويو. ٿڌ پنهنجي جوبن تي هئي. ڪمرن ۽ ريسٽوران ۾ گيس جا هيٽر ٻاري رکيا ويا هئا. ريسٽوران ۾


www.sindhsalamat.com

پهتاسين تہ بڪالپا جي سربراهہ، نيپالي عورتن جي حقن ۽ جمهوريت لاءِ جدوجهد ۾ عالمي سطح تي سڃاتپ رکندڙ، عمر جي ڇهين ڏهاڪي کان بہ مٿي عمر رکندڙ، چاڪ و چوبند خاتون محترمہ اسٽيلا تمنگ هڪ شفيق ماءُ جيان اسان جو ياڪر پري آڌر ڀاءُ ڪري ٿي. سندس پيار ۽ پنهجائپ اسان جي سفر جا ٿڪ ئي لاهي ڇڏيا. ساڻس گڏ بڪالپا جون ساٿي ڇوڪريون، هيلينا راءِ، لامِين لاما، ممتا گُرُنگ، مايا گهسنگ، ڪُروي جرمني جا ساٿي، پيٽر، اينيس بُدارڪ، نينا ترنق، ۽ هندستان سان واسطو رکندڙ ٽرينر سونالي اوجها بہ پليڪار ڪن ٿيون.

مئڊم اسٽيلا تمنگ انتهائي عقيدت ۽ پيار منجهان پنهنجي اداري، نيپال، نيپال جي عوام ۽ پنهنجي ٽيم پاران رسمن آڌرڀاءُ ڪري ٿي تہ سيئي دوست اٿي بيهي ڪيس ڏني باد (هندستاني ۽ نيپالي ٻولي ۾ هن لفظ جي معنیٰ مهرباني آهي) ۽ ٿينڪس چون ٿا تہ تاڙين جي گونج ۾ ماحول خوشگوار ٿي وڃي ٿو.

سونالي اوجها مئڊم جو ساٿ ڏيندي تعارفي سلسلي کي اڳتي وڌائيندي پاڻ کان تعارف جي شروعات ڪري ٿي ۽ تعارف جا ڪجهہ اصول بہ سمجهائي ٿي. ”اسان سڀ اهو ڄاڻڻ گهرون ٿا تہ توهان ڪير آهيو. ڪٿان آيا آهيو ۽ ڇا ڪندا آهيو. پر اهو بہ ٻڌائڻو آهي تہ توهان ۾ اها ڪهڙي صلاحيت يا خاصيت آهي، جنهن سان توهان موبلائيزيشن جي عمل ۾ ماڻهن کي پاڻ ڏانهن راغب ڪري سگهو ٿا ۽ ماڻهو توهان ڏانهن متوجهہ ٿين ٿا. توهان جي شخصيت کان متاثر ٿين ٿا.“

”منهنجو نالو سونالي اوجها آهي. منهنجو تعلق ممبئي انڊيا سان آهي. آئوڻ ٽرينر آهيان. هر گروپ ۽ هر عمر جي ماڻهو سان گفتگو جو هنر اچي ٿو. ماڻهو منهنجن وڏين اکين، گهُنڊي دار وارن، گول مٽول چهري ۽ جسم کان گهڻو متاثر ٿين ٿا.“

سندس اهڙي تعارف تي اسان سيني کان بيساختا ٽهڪ نڪري وڃن ٿا. سونالي جو اهو انداز ڏاڍو وڻيو. مونکي ياد آيو


books.sindhsalamat.com

تہ فارم ڀرڻ وقت اهڙي قسم جي سوالن جا جواب تہ اڳ ۾ ئي ڏئي چڪا هياسين. دوستن جي بيساختا ٽهڪن دوران آئون وڏي آواز ۾ چوان ٿو:

”سونالي دي گريٽ“

سونالي وڏي اچي منهنجو هٿ پڪڙي گروپ جي وچ ۾ بيهي سڀ کان اڳ ۾ مونکي پنهنجو تعارف ڪرائڻ لاءِ چوي ٿي. ان کان اڳ ۾ جو آئون ڪجهہ ڳالهايان، هيلِينا، سونالي کي مخاطب ٿيندي چوي ٿي:

"سونالی جی، رمجان اُدت نارائن کا فین ہے۔ اچھا گنگناتا ہے۔"

"ارے واہ پھر تو خوب محفل سجے گی۔" سونالي منهنجي ٻانهن ۾ ٻانهن وجهي بيهي ٿي.

"رمضان جی بولیں۔"

” آئون هڪ ادنيٰ سماجي ڪارڪن آهيان. پر بنيادي طور تي ليکڪ ۽ شاعر آهيان. محبتون ونڊڻ جو هنر آئون پنهنجي بزرگن، استادن، ۽ سونالي جهڙن دوستن کان سکيو آهيان. بنگال جي عظيم شاعر ۽ شانتي نڪيتن جهڙيءَ عظيم درسگاهہ جي باني رابندرناٿ ٽيگور جي نظريي جو پوئلڳ آهيان. جنهن هڪ جاءِ تي لکيو آهي تہ

سج، لهڻ وقت،
زمين ڏانهن نهاريندي چيو تہ،
ڪير آهي! جيڪو مون کان پوءِ روشني ڪري،
هڪ جهوپڙي ۾ ٽمڪندڙ ڏيئي چيو تہ:
آئون ڪوشش ڪندس.

آئون انهي ڏيئي جي مثال آهيان. سڄي دنيا جي ماڻهن کي پيار آڇيندڙ سر زمين سنڌ ڌرتيءَ کان توهان سيني لاءِ ڪوڙ ساريون محبتون ڪٽي آيو آهيان. مون ڀٽائي سرڪار ۽ سنڌ ڌرتيءَ جو ذڪر ڪندي بيت پڙهيو ۽ پوءِ ان جو اردو ۾ ترجمو ڪيو:


www.sindhsalamat.com

هلو هلو ڪوريئين، نازڪ جنين جو نينهن،
ڳنڍيين سارو ڏينهن، چنڊ مُور نہ سکيا.

منهنجي تعارف دوران ئي بڪالپا ڪينٽين ۾ خوبصورت نيپالي لباس پاتل ڇوڪرين ماني لڳائڻ شروع ڪئي تہ سڄي هال ۾ نيپالي کاڌن جي خوشبوءِ ڦهلجي ويئي. سيني جو خيال ماني ڏانهن هليو وڃي ٿو. مون کان پوءِ ڪنهن بہ دوست اهڙي همت نہ ڪئي جو سونالي جي ٻانهن ۾ ٻانهن وجهي پنهنجو تعارف ڪرائي. هرڪو پنهنجي پنهنجي جاءِ تي ويهي مختصر تعارف ڪرائي ٿو. تعارفي گڏجاڻي جي پڄاڻي جو اعلان ڪندي مئدم اسٽيلا ماني کائڻ جي دعوت ڏيئي ٿي ۽ پاڻ ميزباني جا فرض سر انجام ڏيندي اڳتي وڌي هر هڪ دوست کي پنهنجي هٿن سان پليٽ ڪٽي ڏئي ٿي.

ماني کائڻ دوران نِينا، هيلينا، لامِين ۽ اتِيلُو منهنجي پر ۾ اچي ويهن ٿا. نِينا منهنجو هٿ پڪڙي چوي ٿي تہ: ”توسان سنو وقت گذرندو.“

اتِيلُو خُراسي ناگا ليندِ سان تعلق رکي ٿو. تبتي نقش و نگار رکندڙ خوبصورت نوجوان، مون کان ڏاڍي اشتياق مان پڇي ٿو تہ: ”توهان پنهنجي تعارف ۾سنڌ ڌرتيءَ جو ذڪر ڪيو آهي . اها سنڌ ڪٿي آهي.“

هيلِينا ۽ لامِين بہ چيو تہ ”ها بلڪل اها ئي تہ اسان جي لاءِ نئين ڳالهہ آهي.اهو ئي تہ ڄاڻڻ چاهيون ٿا.“

آئون کين ٻڌايان ٿو تہ ”اگر سنڌ بابت توهان کي ٻڌائڻ شروع ڪيان تہ هي ٿي هفتا بہ گهٽ آهن. آئون مختصر توهان کي ٻڌايان تہ سنڌ هن وقت پاڪستان جو ڏاکڻيون ساموندي علائقي وارو صوبو آهي، جنهن جون اوپر واريون سرحدون هندستان سان لڳن ٿيون.“

جيڪڏهن توهان سنڌ جي تاريخي حقيقت ٻڌڻ چاهيو ٿا تہ پوءِ توهان جي معلومات ۾ اضافي لاءِ ايترو ئي ڪافي آهي تہ:



”سنڌ جو هڪ ٻيو نالو اندس بہ آهي، جنهن مان لفظ انديا نڪتل آهي. هاڻوڪو انڊيا، پاڪستان، نيپال، ڏکڻ اولهہ سمنڊ کان وٺي اتر اوپر هماليائي جبلن تائين سنڌُو تهذيب جون سرحدون ملن ٿيون. سنڌو ڌرم، جيڪو مختلف اُچارن مان بدلجي اِنڊُوڌرم ۽ هندُو ڌرم ٿي ويو اهو اڄ بہ هن خطي ۾ موجود آهي. تاريخي اعتبار کان سنڌوُ تهذيب، بابل، سمير ۽ مصر جي تهذيبن جي هم عصر آهي.“

”هڙاپا ۽ موهين جي دڙي جو شمار دنيا جي قديم ترين تهذيبن ۽ شهرن ۾ ٿئي ٿو. موهين جو دڙو هن وقت بہ موجوده سنڌ جي مرڪز ۾ درياءِ سنڌ جي ڪناري تي موجود آهي. قديم تهذيبن تي تحقيق ڪندڙ محققن جي تحقيق موهين جي دڙي (سنڌو تهذيب ) تي تحقيق ڪرڻ کان سواءِ اڻ مڪمل ليکي وڃي ٿي.“

آئون پورن وارن ۽ نيرين اکين واريءَ خوبصورت جرمن ڇوڪريءَ نِينا ڏانهن اشارو ڪندي چوان ٿو تہ: ”جرمن محققن جي تہ سنڌ سان آفاقي محبت رهي آهي. انهي جو هڪ سبب اهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ جرمن نسل سنڌ جي قديم جٽن جي نسل مان آهن.“

نِينا رڙ ڪندي چوي ٿي تہ ”پوءِ پاڻ تہ مائٽ آهيون.“

سڀ دوست مختلف گروپن جي صورت ۾ ماني کائڻ ۽ ڪچهري ۾ ڪافي دير تائين مگن رهن ٿا. ماني کان پوءِ ڪافي ۽ چانهن جو دور هلي ٿو. سونالي اٿي اچي اسان جي پر ۾ ويهي ٿي. مون سان مخاطب ٿيندي چوي ٿي تہ ” چونہ چانهہ جي وقفي دوران توهان اسان کي ڪجهہ ٻڌايو.“

ڪيس ٻُڌايم تہ ”آئون سنڌي ۾ لکندو آهيان.“

هو هندي ۾چوي ٿي تہ "یہ سندھی کہاں کی بھاشا ہے؟"

"سونالی جی یہ سندھ کی بھاشا ہے۔"

"اور پاکستان کی۔"

"پاڪستان مختلف بھاشاؤں کا ملک ہے۔ لیکن قومی بھاشا اردو ہے۔"

"ارے واہ رمجان جی آپ تو ہندی بہت اچھی بول لیتے ہیں۔ تو کچھ ہندی میں ہی سنا دیں۔"

"جی سونالی جی یہ ہندی بھی مجھے لتا جی نے سکھائی ہے۔"

"کون لتا جی؟"

"لتا منگیشکر، سونالی جی۔"

اسان سڀ دوست کلڻ لڳون ٿا.

سيني دوستن جي توجھ اسان ڏانهن ٿي وڃي ٿي. 25 کن ماڻھن ۾ اھڙو ڪو بہ نہ هو، جيڪو سنڌي سمجهي. آئون پنهنجو اردو ۾ لکيل غزل ٻڌايان ٿو. هندي ۽ اردو ڳالھائڻ ۾ ھڪ جھڙائي جي ڪري تقريبن سڀ سمجهي سگھن پيا.

رُخِ ماہتاب دیکھا تھا،
چہرا لاجواب دیکھا تھا۔

اسے پانے کی جستجو تھی،
میں نے اک خُواب دیکھا تھا۔

حُسنِ سحر میں مدہوش ہو گئے،
عجیب شباب دیکھا تھا۔

روشنیاں بکھیر گیا من میں،
چاند بے نقاب دیکھا تھا۔

منهنجي غزل ٻُڌائڻ تي سڀ تاڙيون وڄائن ٿا. هيلِينا هٿ ٻڌي التجا ڪري ٿي تہ اسان کي ڪجھ گنگنائي ٻڌايو. سڀ دوست سندس تائيد ۾ تاڙيون وڄائن ٿا. مون وٽ ٻڌائڻ کان سواءِ ڪو چارو بہ نہ هو. دل تہ چاهيو هو تہ نِينا يا هيلِينا جي ٻانهُن ۾



ٻانهون وجهي ڳانو ڳايان. مگر ان وقت آئون اهڙي همت نہ ٿو ڪري سگھان. اهو سونالي جو خلوص هو جو مونکي پنهنجائپ جو احساس ڏيارِيائين. سونالي جي ٻانهُن ۾ ٻانهون ڏيئي لتا ۽ مڪيش جو ڳايل ڳانو:

کبھی کبھی میرے دل میں خیال آتا ہے،
کہ جیسے تجھ کو بنایا گیا ہے میرے لیئے۔

ڳايان ٿو تہ ماحول تمام گھڻو خوشگوار ٿي پوي ٿو ۽ ايئن منهنجي هن ڳايل ڳاني کان پوءِ اها تعارفي تقريب بہ پڄاڻي تي پهچي ٿي.



سونالي اوجها ۽ مئڊم اسٽيلا تمنگ سان گڏ

# • نيل ڪنول ۽ گول گهر

هتي پهچڻ کان پوءِ منهنجي ذهن ۾ ٽريننگ جو بلڪل مختلف خاڪو هو. سوچيو هيم ته اسان کي هاءِ فاءِ ڳاڙهن ۾ ڪٽي کٽمنڊو جي ڪنهن فائيو اسٽار هوٽل ۾ رهايو ويندو ۽ جيڪڏهن بڪالپا آفيس وزٽ ڪرڻ جو موقعو مليو ته اها ڪنهن پوش علائقي ۾ بنگلي نما آفيس هوندي يا ڪو فليٽ هوندو. جتي لفٽ لڳل هوندي. لفٽ وارو آفيس تائين وٺي ويندو. پر هتي پهچڻ سان مون ڏٺو ته هن اداري جي شڪل ئي ٻي هئي. صبح جو سوير اٿي ڪري گيسٽ هائوس جي پهرين ماڙ گيلري ۾ بيهي ماڪ ۾ وهنتل گلن، ٻوٽن ۽ وڻن جو دلڪش نظارو ڏسان ٿو ته علائقو آشرم کان وڌيڪ ڪنهن جديد طرز جو ڏيک ڏئي ٿو. وڏي ايراضي تي پکڙيل اسڪول، آفيسون، گيسٽ هائوس، رهائشي گهر، خوبصورت پارڪ، پاڻي جا ننڍڙا تلاءَ، ڪنول جا گُل، ٻارين ۽ ڪرين تي پوکيل سبزيون، نارنگين ۽ ليمي جا ٻوٽا، بانس جا خوبصورت وڻ، ڪيٽنين ۽ ان جو ڪشادو اڱڻ، ٻڪريون، ٻدڪون، ڪڪڙيون، ناياب نسل جا ڪُتا، ٻليون، ساڙهيون ۽ نيپالي روايتي لباس پاتل عورتون، ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جو ڳڏيل تعليمي ماحول، اهو سڄو بڪالپا هو. بڪالپا جو بنيادي مقصد نيپالي عورت کي معاشي، سياسي، انتظامي، تعليمي ۽ سماجي طور تي مستحڪم ۽ منظم ڪرڻ آهي. اهوئي سبب آهي جو هن اداري جي روح روان ۽ سندس ٻانهن ٻيلي سڀ عورتون ئي آهن. هن اداري جي روح روان مئدم استيلا تمنگ، نيپال ۾ جمهوريت جي قيام ۽ عورتن جي حقن لاءِ تمام وڏي جدوجهد ڪئي آهي. عالمي سطح تي نيپالي عورتن جي مسئلن ۽ ان جي حقن لاءِ آواز اٿارڻ ۾ ڪامياب ويئي آهي. سندس نالو 2012ع ۾ نه صرف امن جي نوبل انعام لاءِ نامزد ڪيو ويو هو، پر دنيا جي سؤ عظيم عورتن ۾ به


books.sindhsalamat.com

سندس نالو شامل ڪيو ويو. جيڪڏهن آئون ڪيس مدر آف نيپال (نيپال جي ماءُ) چوان ته وڌاءُ نه ٿيندو.

ٽريننگ ۽ ننگر ڪوٽ ڏانهن روانگي جو شيڊيول ڏسان ٿو ته ايئن لڳي ٿو ڄڻ کٽمنڊو اجان گهڻو پري آهي.

گيسٽ هائوس جي گيلري مان بيهي جڏهن پري پري تائين نظر ڊوڙايان ٿو ته صبح جي اجري روشني ۾ حدِ نظر تائين پهاڙن ۽ وادين ۾ ڦهليل کٽمنڊو ڏسان ٿو ۽ سرسبز جبلن جي مٿان پري پري تائين ڦهليل برف پوش جبلن جي ڊگهي قطار ڄڻ ته ٻانهون ڦهلائي سڏي رهي هجي. خيالن ئي خيالن ۾ پاڻ کي هماليه جي هنجھ ۾ محسوس پيو ڪريان. پر چوندا آهن ته: ”انڌا سڄڻ جي وس“ اهو ته هتان جي ميزبانن جي هٿ وس آهي ته ڪيڏانهن ٿا وٺي وڃن.

ٽريننگ جي شروعات روايتي ڪاٺ سان نهيل گول گهر جي فرشي نشست تي تربيتي ڪورس جي افتتاحي تقريب سان ٿي. تربيتي هال نيپال جي مخصوص ڪاٺ سان نهيل جديد قسم جي چونئري جهڙو آهي، جيڪو ايترو ته ڪشادو آهي جو ان ۾ملٽي ميڊيا جي وڏي اسڪرين جي جڳهه سان گڏوگڏ 25 کان 30 ماڻهن جي ويهڻ جي گنجائش پڻ آهي. ڇوته اهو هڪ گهر نما آهي. نيپالي ٻولي ۾ گهر کي گهر ئي چوندا آهن. اهڙي طرح هن تربيتي هال جو نالو به ”گول گهر“ آهي. حيدرآباد واري مشهور گهڻ ماڙ گول بلڊنگ جو نالو اڌ سنڌي ۽ اڌ انگريزي ۾ آهي. ڇوته اسان انگريزي ۾ ايترا ته پڙ ٿي ويا آهيون، جو اهڙين شين يا نالن جي ترجمي يا صحيح اچار جي ضرورت ئي محسوس نه ٿا ڪيون. سو حيدرآباد واري گول بلڊنگ، گول بلڊنگ ئي رهندي جيڪا گول جڳهه يا گول گهر ٿي نه سگهندي. مگر بڪالپا جو ”گول گهر“ گول گهر ئي رهندو.

پيٽر ۽ سونالي گڏجي ٽريننگ جي طريقيڪار ، ان جي ضرورت ۽ افاديت کان اسان کي آگاهه ڪن ٿا. سونالي جي انگريزي ۽ رکي رکي هندي ۾ وضاحت ته سمجھ ۾ اچي وڃي


www.sindhsalamat.com

ٿي، مگر پيٽر جي انگريزي ڪجھ دوست وات گيدو ۽ ڪن ڪيٽا ڪري سمجھڻ جي ڪوشش ڪن ٿا.

اوچتو سونالي مونکي مُخاطب ٿيندي چوي ٿي تہ: ”توهان ايترا ڳنڀير ڇو ويٺا آهيو؟“

”آئون سوچان پيو تہ ڪٺمنڊو اڃان ڪيترو پري آهي.“ ڪيس مرڪندي جواب ڏنم.

سڀيئي دوست ٺهڪ ڏيئي ڪلڻ لڳن ٿا. ٽريننگ جو ماحول خوشگوار ٿي وڃي ٿو.

مئڊم اسٽيلا سيني کي مخاطب ٿيندي چوي ٿي: ”ترسو ترسو آئون توهان کي هن پروگرام جي هڪ خاص ڳالھ ٻڌايان. اسان جا اهي دوست جيڪي ٻين ملڪن کان آيا آهن، انهن کي ٻڌائيندي هلان تہ توهان سيني کي ڪٺمنڊو ۽ نيپال جا ڪجھ ٻيا علائقا ڏسڻ جو بہ موقعو ملندو. شايد اهڙا علائقا ۽ ادارا بہ جيڪي اسان جي ڪجھ نيپالي دوستن بہ نہ ڏٺا هجن. اسان هن ٽريننگ کي هڪ بس جو سفر( A Bus Journey ) جو نالو ڏنو آهي. جنهن جا ڪافي اسٽاپ هوندا. جتي توهان تمام گھڻا لطف اندوز ٿيندو. سکڻ سيکارڻ سان گڏوگڏ، ڳائڻ وڄائڻ، نچڻ ڪُڏڻ، گھمڻ ڦرڻ ۽ پيئڻ پيارڻ جون محفلون بہ ٿينديون. اسان توهان جي لاءِ اهڙا پروگرام ترتيب ڏنا آهن جنهن کي توهان ڪڏهن بہ وساري نہ سگھندؤ.“



بس ۾ سير و تفريح دوران .



# • ٻاگمتي
# ۽ بانس جي ٻتين مان ليئا پائيندڙ اکيون

ڪٺمنڊو پري هجڻ واري ڳالھ اسان وارن ميزبانن جي دل تي ايترو تہ گھرو اثر ڇڏيو جو فورن اسان کي بس تي چڙهڻ جو حڪم ڪيو ويو. ٻڪالپا جي آڳر ۾ بہ بسون تيار بيٺيون هيون. ڀن ڀار گروپن ۾ ورهائجن جو حڪم ڪيو ويو. هڪ بس ٻڪالپا جا موبائل اسڪول وزٽ ڪرائيندي ۽ ٻي بس ٻڪالپا جا Slum اسڪول ۽ ڪٺمنڊو جا Slum ايريا، ڪچي آبادي وزٽ ڪرائيندي. منهنجي اندر جي خانہ بدوش ۽ لاڏائو فطرت رولاڪ ڪچي آبادي کي ترجيح ڏني. آئون پنهنجي وڏڙن کان ٻُڌندو آيو آهيان تہ ڪيئن اسان جي وڏن، اُٺن، گھوڙن، ڍڳي ڳاڏين ۽ گڏهن تي لڏ ڪٽي هڪ هنڌ کان ٻي هنڌ سفر ڪيو آهي. بلوچستان جا لڪ لتاڙي، سرائيڪي علائقي جي سرسبز ميدانن، چولستان جي ريگذارن جا پنڌ ڪري، سنڌونديءَ ، ناري جا پتڻ ۽ گھاٽ گھيڙ جھاڳي سانگھڙ کي پنهنجو آبائي مسڪن ٺاهي ورتو هو.

اسان جي بس ڪٺمنڊو جا هيٺ مٿانهان، ڪاٻڙ کُوٻڙ، ڪٿان ڪشادا تہ ڪٿان سوڙها رستا لتاڙي جڏهن ٻاگمتي نديءَ جي ڪناري هلڻ لڳي تہ حدِ نظر تائين گند اوراٽي ندي جي ٻنهي ڪنارن تي جهوپڙين، خيمن ۽ بانس سان ٺهيل ننڍڙن گھرن ۾ آباد ماڻهن جي حالت ڏسي ٻاگمتي نديءَ جڻ تہ اياڻڻ لڳي رهي هئي. درياهن، ندين، ۽ ساموندي ڪنارن جي آس پاس اهڙيون ڪچيون آباديون ايشيا جي مڙني ملڪن ۾ موجود آهن. اها اسلام آباد جي افغان بستي هجي، نالا لئي جي ڪچي آبادي هجي يا ملير ندي جي پيٽ ۽ ڪنڌي تي آباد برمي، بنگالي يا ملڪ جي ٻين علائقن جا ماڻهو هجن. هر هنڌ اهڙيون آباديون ڏسڻ ۾ اينديون آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻاڳمتي ندي جي ڪنڌي تي آباد ڪچي آبادي ۾ موجود ڪاٺ سان ٺهيل ڇپر نما اسڪول جي اڳيان بس اچي بيٺي. اسين جيئن ئي اسڪول ۾ داخل ٿياسين ته ممتا هٿ ٻڌي پنهنجي روايتي انداز ۾ نمستي چئي آڌرڀاءُ ڪيو. اها ساڳي ممتا هئي، جيڪا هيلينا سان گڏ اسان کي وٺڻ لاءِ ايئرپورٽ تي آئي هئي. ممتا سان گڏ هڪ ڪمري واري هن ڇپري اسڪول ۾ ٻه ٻيون عورتون به ننڍين ٻارن جي سارسنڀال لاءِ موجود هيون. جن جي ميرن ڪپڙن، ڪمزور جسمن ۽ چهري جي گهُنجن مان محسوس پئي ٿيو ته غربت هنن کي وقت کان اڳ پوڙهو ڪري ڇڏيو آهي. جڏهن ته انهن جي عمر ڪا ايڏي وڏي ڪونه هئي. اسان جي گروپ ۾ موجود ڪلڪتي مليٽي ۽ خوش مزاج ڇوڪرِي لامين لاما ٻُڌايو ته ”ڪٺمنڊو ۾تعليمي ادارا ته ڪوڙ آهن پر غربت سبب تمام وڏي آبادي خصوصاً هن قسم جي ڪچين آبادين ۾ رهندڙ ماڻهو ٻارن جي پڙهائيءَ جو بار برداشت نه ٿا ڪري سگهن. جنهن سبب بڪالپا هن قسم جا سلم اسڪول ۽ موبائيل اسڪول قائم ڪيا آهن. ننڍا ٻار انهن عورتن جا آهن، جيڪي محنت مزدوري لاءِ گهرن کان ٻاهر ويل آهن.“

مون آس پاس جائزو ورتو، اسڪول جي پرواري جهوپڙيءَ مان ٻانس جي وٿين مان ٻه خوبصورت اکيون اسان کي گهوريندي نظر آيون ۽ اهو منظر مون ڪافي دير تائين محسوس ڪيو. جڏهن ٻاهر آياسين ته ان ساڳي جهوپڙيءَ مان لڳ ڀڳ 15 کان 16 سالن جون ٻه نوجوان ڇوڪريون اسان کي ڏسڻ ( ايئن ڪٽي چوان ته پاڻ ڏيکارڻ) لاءِ ٻاهر نڪري آيون. هڪ ٻي سان ڪيڇل ڪنديون رهن ٿيون. جنهن مان لڳو پئي ته وقت ۽ حالتن هنن کي عمر کان اڳ جوان ڪري ڇڏيو هجي.

اسان جو گروپ ڪافي دير تائين نديءَ جي ڪناري هلندي مختلف ماڻهن سان ملندي حال احوال ڪندي انهن جي حالتن جو مشاهدو ڪري ٿو. هلندي هلندي لامِين منهنجي پر وني مونکان پڇي ٿي ته ”هنن ماڻهن جي باري ۾ تنهنجو ڇا خيال آهي؟“


books.sindhsalamat.com

”لامِين تو منهنجي دل جي ڳالهه ڪئي آهي. منهنجي ذهن ۾ ڪوڙ سارا سوال آهن ته اهي ڪير آهن، ڪٿان آيا آهن، هنن جا ڪهڙا مسئلا آهن، هن ڳادي واري شهر ۾ اهي اهڙي حال ۾ ڇو آهن. لامِين آئون ته هنن کي ڏسي تعجب ۾ پئجي ويو آهيان.“

لامِين آهستي ۽ رازدارانه انداز ۾ ٻُڌائي ٿي ته ”هن ڪچي آبادي ۾ موجود هر گهر جي پنهنجي الڳ ڪٿا آهي. بظاهر ته هي اهي ماڻهو آهن، جيڪي مائوئيسٽ ويڙهاڪن ۽ نيپال رائل آرمي جي ويڙهاڪن جا متاثرين آهن ۽ لڪ لتاڙي هتي پهتا آهن. پر توهان کي هتي هر نسل جو ماڻهو ملندو. انهن ۾ ڏوهاري به آهن ته وري دلال به آهن. مناسب روزگار نه هجڻ ڪري هنن علائقن ۾ جسم فروشي به ٿِئي ٿي. نيپال ۽ هندستان جون سرحدون کليل هجڻ ڪري هتان جون ڪچي وهي ۽ ڦوهه جوان ڇوڪريون، دهلي، ممبئي، گوا ۽ هندستان جي ٻين علائقن ۽ ٻين شهرن جي ڳاڙهين بازارن تائين پهچايون وڃن ٿيون. اهو به ٻُڌڻ ۾ آيو آهي ته اهو ڪاروبار سنگاپور، ٿائيلينڊ، هانگ ڪانگ، دبئي ۽ عرب امارات تائين ڦهليل آهي. نيپال ۾ لُولِي لنگڙي جمهوريت اچڻ کان پوءِ ڪوڙ سارين اين جي اوز ۽ انساني حقن جا ادارا انهن ماڻهن جي حقن لاءِ جدوجهد ڪري رهيا آهن.“

لامِين اچانڪ پڇي ٿي ته ”تو انهن ٻن ڇوڪرين کي نه ڏٺو هو ڇا؟“

”ها بلڪل مونکي به ڪجهه ايئن ئي محسوس ٿيو هيو.“

اسان واپس اچي بس ۾ ويهون ٿا. لامِين پڇي ٿي ته ”توکي هن نديءَ جي باري ۾ ڪيتري ڄاڻ آهي؟“

هن کي اهو احساس بلڪل به نه ٿو ٿِئي ته آئون هتي پهريون دفعو آيو آهيان ۽ ڪنهن ٻي ملڪ مان آيو آهيان. چوانس ٿو ته ”بلڪل به نه.“


www.sindhsalamat.com

"ٻاڳمتي نديءَ جي تاريخ بہ ايتري آڳاٽي آهي، جيتري هتان جي ڀڳوانن جي ۽ ايتري ئي مقدس آهي، جيتريون ديويون ۽ ديوتا مقدس آهن."

"هن نديءَ جو پاڻي ٻُڌن لاءِ ايترو ئي مقدس آهي جيترو هندن لاءِ، گنگا کان بہ وڌيڪ مقدس. گنگا جي مقدس هجڻ جو سبب بہ ٻاڳمتي جو پاڪ پاڻي آهي. هن ندي جي ٻنهي ڪنارن تي مُنڍ کان وٺي پُڇڙ تائين (جنهن جو وڏو حصو هندستان ۾ بہ آهي) تمام گهڻا هندو مندر آهن. انهن ۾ سڀ کان اهم مندر پشوپتي ناٿ آهي. جيڪو اسان جي شهر ڪٽمنڊو ۾ هن ندي جي ڪنڌي تي اڏيل آهي. جتي عام هندو کان وٺي بادشاهن تائين کي دفنائڻ ۽ شمشان جون رسمون ادا ڪيون وڃن ٿيون. ڀڳوان پشوپتي ناٿ ئي هن نديءَ کي دعا ڏني هئي. روايت آهي تہ جيڪو بہ ماڻهو هن نديءَ جي پاڻي ۾ وهنجندو، اهو پنر جنم ۾ بہ ساڳي ئي حالت ۾ انسان تي نرواڻ وٺندو. ٻئي ڪنهن جيت جڻيي يا جانور جي شڪل ۾ پيدا نہ ڪيو ويندو. هر سال هتي ٻاڳمتي جو ميلو لڳندو آهي. سڄي دنيا جا هندو هتي اچي مقدس پاڻي ۾ وهنجندا آهن. شمشان گهاٽ تي ارٿي سنسڪار ڪرڻ کان اڳ ۾ بہ مُردي کي ٽي دفعا هن مقدس پاڻي ۾ ٽُٻي ڏياري ويندي آهي."

آئون لامِين جي گفتگو ۾ ايترو تہ محو ٿي ويس جو سفر جي خبر ئي نہ پئي. بس اچي ڀڪالپا جي دروازي تي بيٺي. اسان کي اڌ ڪلاڪ جو وقت ڏنو ويو تہ سامان پيڪ ڪري بس وٽ اچون تہ جيئن ننگرڪوٽ ڏانهن جلدي روانا ٿي سگهون.



# A Road to Nagarkot•

ٻن گروپن ۾ ورهايل سڀ دوست اچي هڪ ٽوئريسٽ بس تي گڏجون ٿا. هرڪو پنهنجو جوڙيوال چونڊيندو ويهندو پئي ويو. اسان جو هڪ نيپالي دوست سِڌاراج ٿاڪ خاموش طبع ۽ سيني کان الڳ ٿلڳ رهڻ وارو مزاج رکندڙ مونکي پاڻ سان گڏ ويهڻ جي آڇ ڪري ٿو. اڃان آئون ساڻس ڏانهن وڌان ئي نہ ٿو تہ ڊرائيور سيٽ جي بلڪل پويان واري سيٽ تي ويٺل نيپالي مسلم ڇوڪريءَ صدف اقبال صديقي مون کي وڏي آواز ۾ سڏڻ لڳي ٿي ۽ پاڻ سان گڏ ويهڻ جو چئي ٿي. سِڌاراج (سِڌُو جِي) کان معذرت ڪندي صدف سان گڏ ويهان ٿو.

سِڌُومون کي مخاطب ٿيندي چوي ٿو تہ Ramzan ji you are lucky man صدف کيس جواب ڏيندي چويس ٿي تہ "مون رمضان کي سلم اسڪول جي سفر دوران ئي چيو هو تہ ننگرڪوٽ جي سفر دوران مونسان گڏ ويهجو. مون کي جابلو سفر کان ڀؤ ٿِئي ٿو. مون سان ڳالهائيندا هلجو."

جڏهن سڀ دوست بس ۾ ويهي وڃن ٿا تہ مئدم اسٽيلا اٿي بيهي سيني کي هڪ دفعو ٻيهر اڳيئين سفر بابت آگاهہ ڪري ٿي. اسين سڀ مئدم جي ڳالهہ غور سان ٻُڌون ٿا . ايتري ۾ مون کي مخاطب ٿيندي چوي ٿي "مسٽر رمضان! دل ننڍي نہ ڪجو، انهن ڏينهن دوران اسان هڪ ٻہ نہ ٽي ڀيرا ڪٽمنڊو ايندا سين. مون کي اميد آهي تہ توهان سڀ تمام گهڻو انجواءِ ڪندؤ." بس هلڻ شروع ڪيو تہ هيلينا ۽ لامِين لنچ باڪس ۽ ڪولڊ ڊرنڪس ورهائڻ شروع ڪن ٿيون. ٿوري دير بعد بس ڪٽمنڊو جي مختلف رستن کان ٿيندي هڪ ڪشادي موٽروي جهڙي رستي تي اچي چڙهي ٿي.

صدف کان پڇيم تہ "شهر جي رستن ۽ هن شاهراهہ ۾ ايترو فرق ڇو آهي؟"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بُڌايائين تہ ”اهو China-Nepal friendship Highway آهي. اهو بنهي ملڪن جي دوستي خاطر چائنا ناهي ڏنو آهي. جيڪو 800 ڪلو ميٽر ڊگهو آهي. انهي جو معياري ڪم بہ انهي ڪري آهي جو هي شاهراهہ چائنا جي هيوي مشينري سان چائنا جي انجنيئرن ٺاهي آهي. نيپال جي انفراديت بہ ڪجهہ ايئن آهي جو اندريئن ملڪ جا رستا تمام سنا آهن، پر شهرن جي رستن جي حالت ڏاڍي خراب آهي. اسان جو علائقو نيپال گنج هتان کان وڌيڪ خوبصورت ۽ صاف سٿرو آهي، جيڪو کٽمنڊو کان لڳ ڀڳ 375 ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي آهي. روڊ ذريعي اسان کي هتي پهچڻ ۾ ڏهہ ڪلاڪ لڳي وڃن ٿا. نيپال گنج ۽ کٽمنڊو وچ ۾ روزانو 8 کان 10 اڏامون هلنديون آهن.“

بس جيئن ئي موٽروي جهڙي لگزري ۽ هموار شاهراهہ تي چڙهي ٿي تہ بس ۾ نيپال جي روايتي ۽ لذيذ کاڌن جي مهڪ ڦهلجي وڃي ٿي. آئون ۽ صدف بہ لنچ باڪس کوليون ٿا تہ منهنجي باڪس مان ٽماٽو ڪيچ اپ ڪٽي وني ٿي.

”ڪيچ اپ آئون شوق سان ڪائيندي آهيان. منهنجي باڪس مان توهان کي جيڪا شئي وڻي کائي ونجو.“ باڪس مون ڏانهن ڪندي آڇ ڪري ٿي.

بُڌائي ٿي تہ ”نيپال گنج، نيپال جو واحد ميداني علائقو آهي، جتي ٻنيون، ڊنيون، باغ، نديون ۽ گهاٽا ٻيلا آهن. آباديءَ جي حساب سان مسلمانن جو اڪثريتي علائقو آهي. جوتہ نيپال گنج هندستان سان لڳندڙ علائقو آهي. نيپال گنج سان لڳندڙ هندستاني رياستن ۽ ضلعن ۾ بہ مسلمانن جي گهڻائي آهي. منهنجي پُڦي محمدي صديقي بہ نيپالي پارليامينٽ جي ميمبر آهي. گهڻو وقت کٽمنڊو ۾ رهي ٿي. آئون بہ هن سان گڏ هتي رهان ٿي ۽ BSc ۾ پڙهان ٿي. منهنجي پُڦي بہ لکندي آهي. مونکي بہ لکڻ جو شوق آهي. پيار مان مونکي رسمِي سڏيندا آهن، جيڪو منهنجو تخلص بہ آهي.“



آئون غور سان ڪيس ٻُڌندو رهان ٿو. اچانڪ بس موٽروي کي ڇڏي ڪاٻڙ ڳوٻڙ روڊن تي ڊوڙڻ شروع ڪري ٿي. ”اسان هاڻي ڀڳتاپور شهر ۾ اچي ويا آهيون. هي شهر بہ کٽمنڊو جو حصو آهي پر الڳ ضلعو آهي. ڀڳتاپور جا تاريخي مندر، ٽيمپل، پگوڊا ۽ دربار هتان کان ٿورو پري آهن.“ صدف هٿ جو اشارو ڪندي ٻُڌائي ٿي. هر پاسي ڳاڙهين سرن سان ٺهيل سهٽيون، ساديون ننڍيون وڏيون جايون، فليٽن نما چار پنج ماڙ عمارتون نظر اچن ٿيون. گهرن جي آس پاس ننڍن ننڍن زمين جي ٻارين ۽ ٽُڪرن تي پاڇيون، ڦُولاريل سرنهن، ڪٽڪ، نارنگي، ڏاڙهون، ليمي جا ٻوٽا ۽ رنگ بہ رنگي گُل نظر اچن ٿا. مونکي سڀ کان وڌيڪ عورتن جو مردن سان کُلهو کُلهي سان ملائي ڪم ڪرڻ وارو رجحان تمام گهڻو متاثر ڪري ٿو. دڪانداري هجي، ٻني ٻاري جي پوڪائي هجي، ڪاٺ جنديءَ جو ڪم هجي، موٽر سائيڪل جو سفر هجي يا مال متاع جي خدمت هجي عورت مردن جي شانہ بشانہ نظر اچي ٿي.

”پُڦي جي هڪ خوبي اها بہ آهي تہ هو انتهائي هڏڏوکي ۽ مهربان خاتون آهي. خدمت ۾ مذهب، رنگ ۽ نسل جو فرق نہ رکندي آهي. انهي ڪري پنهنجي علائقي ۾ تمام گهڻي مقبول آهي.“ صدف پُڦي بابت وڌيڪ ٻُڌائيدي چيو.

دل ۾ ساڻس ملڻ لاءِ بيساختہ اُڪير پيدا ٿي پوي ٿي. صدف کي چيم تہ ”چا ساڻس ملاقات ٿي سگهي ٿي!“

”ها ڇو نہ!“ــ هن وراڻيو.

هوءَ فورن فون ڪيدي نمبر ملائي پُڦي سان ڳالهائي ٿي. منهنجو ساڻس غائبانہ تعارف ڪرائي ٿي. فون مونکي ڏيندي چئي ٿي تہ ڳالهايوس. سلام دعا سان گڏ طبيعت پڇانس ٿو. مونکي ٻُڌائي ٿي تہ ”توهان سڀني سان منهنجي ملاقات طئہ ٿيل آهي. جيئن ئي جڳهہ ۽ تاريخ جو تعين ٿيو تہ اسان سڀني کي معلوم ٿي ويندو تہ ڪٿي ملنداسين. آئون ذاتي طور تي توهان کي نيپال اچڻ تي ڀليڪار چوان ٿي. منهنجي دلي خواهش آهي

تہ توهان سان ضرور ملاقات ڪريان. رسمي ڪي چيو اٿم تہ هُوءَ اسان جي ملاقات جو انتظام ڪري وٺندي.“

بس جيئن ئي شهر جي حدن مان نڪري سرسبز ۽ خوبصورت جابلو وادين جي ور وڪڙ رستن تي ڊوڙڻ لڳي ٿي تہ ڊرائيور اردو گانا هلائي ڇڏي ٿو.

مجھے کوئی مل گیا تھا، سر راہ چلتے چلتے
مجھے کوئی مل گیا تھا۔۔۔۔۔۔۔۔۔

سيئي دوست واهہ واهہ ڪندي تاڙين جي تال تي سُر سان سُر ملائين ٿا. پاڪستاني گروپ جي اسلام آباد سان تعلق رکندڙ عورت عائشہ شوڪت پنهنجي سريلي آواز سان سُر ملائي گڏجي ڳائڻ لڳي ٿي تہ سفر ۽ بس جو ماحول اڃا بہ وڌيڪ خوبصورت ٿي پوي ٿو.

صدف منهنجو هٿ پڪڙي چوي ٿي تہ ”مونکي هنن جابلو رستن تي سفر ڪندي تمام گهڻو خوف ٿيندو آهي. آئون هيٺ وادين ڏانهن ڏسي نہ سگهندي آهيان يا تہ اکيون بند ڪري ڇڏيندي آهيان يا مونن ۾ منهن وجهي ڇڏيندي آهيان.“

چيومانس تہ ”ڪو مسئلو نہ آهي. اڄ هتان جي وادين، ندين، جبلن، برف پوش پهاڙن کي منهنجي اکين سان ڏسجانءِ ۽ جڏهن پاڻ ٻئي ڳالهائيندا هلنداسين تہ توکي ڊپ نہ ٿيندو.“

منهنجي اکين ۾ اکيون وجهي چوي ٿي تہ ”شايد ايئن هجي. ڏسون ٿا.“

نيپال ۾ هنن ڏينهن ۾ سخت ٿڌ پوڻ ۽ جبلن تي برف ڄمي وڃڻ ڪري پاڻي جي سخت اٹاٹ ٿي ويندي آهي. ندين جا وهڪرا اڪثر علائقن ۾ بلڪل بہ بند ٿي ويندا آهن ۽ جابلو وادين ۾ پوک لائق زمينن ۾ اتر سنڌ وانگر سرءُ جا فصل جيئن توريو، ڄانبو ۽ ڪڻڪ پوکي ويندي آهي. پوءِ اهي فصل ماڪ ۽ ٿوري گهڻي بوندا باندي، جيڪا اڪثر سياري ۾ ٿيندي رهندي آهي ان تي تيار ٿي ويندا آهن. جڏهن تہ زرعي اعتبار سان هي



ملڪ سارياڻو ليکيو وڃي ٿو. ان جو سبب سانوڻي جي برسات ڪري هتي جون نديون، واديون ۽ تلاءُ تر ٿي ويندا آهن. هي اهي ئي ڏينهن هوندا آهن، جڏهن هتي ساريون پوکڻ جي مند هوندي آهي. مڪئي جو فصل بہ شوق سان پوکين. وري هتان جا ماڻهو مڪئي جي سنگن کي ڏاڍي خوبصورت انداز سان گول چوٽئرن جي شڪل ۾ گهرن جي آڳر ۾ گڏ ڪري ڇڏيندا آهن ۽ ضرورت پوڻ تي صاف ڪري کائڻ لاءِ استعمال ڪندا آهن.

بس پنهنجي رفتار سان ور وڪڙ وارن رستي تي مٿانهين ڏانهن اڳتي ۽ پنهنجي منزل ڏانهن ڊوڙندي ٿي رهي. آئون صدف جو ڌيان مٿائڻ لاءِ نيپال جي خوبصورت وادين، گلن، ٻوٽن، فصلن، جبلن، ندين، نظارن، مندرن، جڳهين ۽ ماڻهن بابت ڳالهائيندو ۽ معلومات حاصل ڪندو رهان ٿو. هوءَ هيٺ اونهين ۽ گهرين وادين ڏانهن ڏسڻ کان لنوائي ٿي ۽ پنهنجي مشاهدي ۽ تجربي آڌار ٻُڌائيندي هلي ٿي، ننگرڪوٽ ڏانهن هن جو هي ٻيو سفر آهي. منهنجي ٻانهن ۾ پنهنجي هٿن جي گرفت مضبوط ڪندي ٿي وڃي ، رکي رکي چئي ٿي تہ مٿي کي چڪر ٿا اچن. واقعي بہ رستو تمام ڏاڍو خوفناڪ ۽ ڀوائتو ٿو لڳي. اسلام آباد کان مري جو رستو ڪشادو ۽ ورن وڪڙن تي ڪراسنگ مرر لڳل آهن. پر هتي تہ اهڙو ڪو بہ شيشو نظر نہ ٿو اچي ۽ وري روڊ بہ سنگل آهي. سامهون ايندڙ گاڏي بہ مشڪل سان گذري سگهي ٿي. اڳيان اوچتو گاڏي اچڻ تي ڊرائيور زور سان بريڪ هڻي ٿو تہ سيني کان ڇرڪ نڪري وڃن ٿا . صدف منهنجي ڪلهي تي مٿو رکي اکيون بند ڪري ٿي ڇڏي.

سانوڻيءَ جي موسم گذري وڃڻ، ندين ۽ نالين ۾ پاڻي نہ هجڻ ڪري جبلن تي ڦُٽل گاهہ هيڊو ٿي پيو آهي. ايتري ساوڪ نہ آهي جيتري سانوڻي ۾ هوندي آهي. ڪڻڪ نسري ويئي آهي. سرنهن ڦولارجي چڪي آهي. نئين موسم جي سبزين جي پوک، جابلو زمينن، ٻوٽن ۽ گهرن جي سونهن ويتر وڌائي ڇڏي آهي. ٻن ڦيٿن وارا ننڍڙا ٽريڪٽر جنهن جو ڊرائيور پاڻ بہ پيادو هلي



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

تو، ويجهي کان ڏسڻ ۽ هلائڻ جو اتساهه پيدا ڪن ٿا. منهنجي اندر جو ڪڙمي، هاري (جنهن اسڪول ۽ ڪاليج جي دور جا ساندهه 12 سال پنهنجي والد سان گرمي سردي اگهاڙن پيرن هر ڪاهيا) سڄُون ڏئي ٿو ته جيڪر موقعو ملي ته هنن ٻنين ۾ انهي ننڍڙي ٽريڪٽر سان وڃي هر ڪاهيان.

ڪٺمنڊو کان نئون ڳوٺ (نيا گائون) ننگرڪوٽ تائين 32 ڪلوميٽرن جي سفر دوران روڊ جي آس پاس آباد گهرن، ڳوٺن ۽ وادين ۾ رهندڙ ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي من موهيندڙ ۽ دل کي وڻندڙ آهي. عورتون، مرد ۽ ٻار گهريلو ڪم ڪار، ٻني ٻاري جي ڪرت، مال متاع جي خدمت ۽ ڪاروبار، ڪيبن، دوڪان ۽ هوٽلن تي ڪم ڪار دوران برابر جا شريڪ نظر اچن ٿا.

اڪيليون عورتون، گهاٽن ٻيلن، ڏکڻ وڻن سان گهيريل جابلو رستن تي گهر جو سيڌو سامان، ڪيبن ۽ دوڪان جو سامان موٽر سائيڪلن تي کڻي ويندي نظر اچن ٿيون. ڪن عورتن سان گڏ اسڪولي ٻارڙا به نظر اچن ٿا. اڪيلي عورت ، نوجوان ڇوڪريءَ جو موٽر سائيڪل تي سفر ۽ مرد سان گڏ سفر عام رواجي نظر اچي ٿو. اسين پنهنجي معاشري ۾ اڪيلي عورت جو موٽرسائيڪل هلائڻ جو تصور به نه ٿا ڪري سگهون. اسان جي سماج ۾ جيڪڏهن ڪا عورت دوڪان وغيره هلائي به ٿي ته ان کي ڪافي تڪليفن مان گذرڻو پوي ٿو.



ننگرڪوٽ مائونٽ ايوريسٽ جي سامهون


books.sindhsalamat.com

## • ننگر، ناريون ۽ نظارا

ڪٺمنڊو، ڀڪتاپور، نئون ڳوٺ (نيا گائون) ۽ ننگرڪوٽ تائين سفر دوران ڪوڙ ساريون اهڙيون جايون، ڳوٺ ۽ بس اسٽاپ نظر اچن ٿا، جن جا نالا جڻ ته سنڌي ٻولي ۽ علائقي جهڙا هجن. نئون ڳوٺ جڻ ته سنڌ جو نئون آباد يا نئون ڪوٽ هجي ۽ ننگر ڪوٽ به جڻ ته نيرون ڪوٽ يا ننگر پارڪر هجي. ننگرڪوٽ به نيپال ۾ ايئن آهي، جيئن پاڪستان ۾ ڪوهه مري. اسلام آباد کان ڪوهه مري به ساڳئي پنڌ تي آهي، جيئن ڪٺمنڊو کان ننگرڪوٽ جو مفاصلو. هتي ننگرڪوٽ ۾ هماليه جي برف پوش پهاڙن جو سلسلو حدِ نظر تائين ڦهليل آهي، جيڪو هر وقت واضع ۽ چٽو نظر اچي ٿو. جڏهن ته ڪوهه مري کان اترين جابلو علائقن تي برف ڪڏهن ڪڏهن صرف ٽدين موسمن ۾ ئي نظر اچي ٿي. پر ننگرڪوٽ کان هماليه جا برف پوش جبل هر وقت ڏسي سگهجن ٿا. جنهن ڪري واديءَ ڪٺمنڊو جي ويجهي کان ويجهي خوبصورت نظارن واري جڳهه ننگرڪوٽ ئي آهي. جنهن ڪري هن علائقي کي سياحتي حوالي سان اهم مقام حاصل آهي.

سفر دوران بس جي شيشن بند هجڻ ڪري ٿڌ ۽ سيءُ جو بلڪل به احساس نه ٿيو، پر جڏهن ننگرڪوٽ ۾ هوٽل جي پارڪنگ ايريا ۾ بس مان لٿاسين ته ٿڌ بدن مان سيسراٽيون ڪيرائي ڇڏيون. هوٽل اسپيس مائونٽين جي زرق برق پوشاڪ پهريل ڇوڪرين ۽ ٻي عملي اسان جو گلدستن سان آڌر ڀاءُ ڪيو، جنهن مان مونکي بخوبي اندازو ٿيو ته مختلف ملڪن جي سياحتي علائقن/شهرن، هوٽلن ۾ نوجوان ۽ خوبصورت ڇوڪريون/عورتون ماحول کي خوشگوار رکڻ ۽ سياحن/مهمانن (خصوصاً پرڏيهي مهمانن) جي دل لُڀائڻ ۽ محظوظ رکڻ جي ڊيوٽي سر انجام ڏينديون آهن.

نيپالي عورتون ۽ نوجوان ڇوڪريون حُسن ۽ خوبصورتي ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهن. پر جڏهن هندستان جي فلم انڊسٽري تي


www.sindhsalamat.com

نظر وجهبي ته اداڪارائن ۾ منيشا ڪوئيرالا ۽ فنڪارن ۾ ادت نارائڻ پنهنجو هڪ منفرد مقام رکن ٿا. فلم ۽ اداڪارن يا اداڪارائن سان ته منهنجي ڪا خاص دلچسپي نه رهي آهي پر آئون موسيقيءَ جو وڏو مداح آهيان. پنهنجي رڳ رڳ ۾ سمايل شاعري جو شغف شايد ان جو هڪ وڏو سبب آهي.

بس مان لهڻ مهل مون صدف کان پڇيو ته "ڇا توهان ان کان اڳ ۾ ڪڏهن ننگرڪوٽ آيا آهيو.؟"

وراڻائين ته "ها پر نه اڄڻ جهڙو."

مون محسوس ڪيو پئي ته ور وڪڙن واري بس جي سفر ۽ ننگرڪوٽ جي اوچائي جو هن جي ذهن تي اجان به اثر آهي. هن پريشاني واري ڪيفيت ۾ ٻڌايو ته "ڪاليج جي گروپ سان گڏ ڪجهه وقت اڳ آئي هيس، مگر مٿي ڪي چڪر، الٽيون اچڻ ۽ طبيعت خراب ٿي پوڻ ڪري ان سفر ڪي انجواءِ نه ڪري سگهيس."

چيائين ته "هن ڀيري ڪافي ڏينهن رهڻ جو پروگرام آهي ۽ خوب انجواءِ ڪرڻ جي ڪوشش ڪنديس."

ننگرڪوٽ سامونڊي سطح کان تقريباً 2200 ميٽرن جي اوچائي تي آهي، جتي جي سرسبز وادين ۽ جبلن جو ته پنهنجو حسن آهي، پر سج لهڻ ۽ اڀرڻ وقت هماليه جي برف پوش چوٽين ۽ جبلن جي بدلجندڙ انيلني رنگن جو وري پنهنجو دلڪش نظارو ڏسڻ وٽان آهن.

سيئي دوست وڏي حيرت ۽ تجسس سان آس پاس جي قدرتي حسن ۽ نظارن ۾ محو ٿي وڃن ٿا. ايتري ۾ مئدم اسٽيلا تمنگ اسان سيني کي پاڻ ڏانهن سڏيندي پڇي ٿي ته "اسان جا ڪيترا نيپالي دوست اڳ ۾ هتي آيا آهن؟" جهن جٽن مان صرف چار ڄڻا (صدف، شاهد، نيليمي راءِ ۽ اوم پرڪاش) ٻڌائن ٿا ته اهي اڳ ۾ به هتي آيا آهن. مئدم مون سان مُخاطب ٿيندي چوي ٿي ته "جيڪڏهن اسان چاهيون ها ته بڪالپا ۾ يا کٽمنڊو شهر جي ڪنهن به سني هوٽل ۾ اها ٽريننگ ڪرائي پئي سگهياسين، پر


books.sindhsalamat.com

اسان نه صرف پاڙيسري ۽ ايشيائي ملڪن جي مهمان دوستن ۽ هتان جي نيپالي دوستن کي ٽريننگ سان گڏوگڏ تفريح به فراهم ڪرڻ چاهيون ٿا. اسان جو هر سفر، هر قدم، هر علائقو تفريح سان گڏ تربيت به هوندو. مون کي يقين آهي ته توهان تمام گهڻو انجواءِ ڪندؤ."

انهيءَ ۾ ڪو به شڪ ناهي ته پاڪستان توڙي سنڌ ۾ خوبصورت، اتساهه ۽ تفريح مهيا ڪندڙ تاريخي ۽ يادگار مقام آهن. ليڪن سنڌ جي بد قسمتي اها رهي آهي ته انهن جي تحفظ ۽ سياحت کي هٿي ونرائڻ لاءِ نه ته ڪا سياسي ۽ سماجي قيادت اڳتي وڌي سگهي آهي ۽ نه ئي سرڪاري لاڳاپيل ادارن اهڙن ماڳن، مڪانن تي ڪو جوڳو ڌيان ڏنو آهي. خوف، مارا ماري، گهٽ ۽ ٻوسٽ واري ماحول سياحت کي ڄڻ ته مڪمل طور ختم ڪري ڇڏيو آهي. مونکي چڱي ريت ياد آهي ته مڪلي جي ماڳ تي ۽ سنڌ جي صوفين تي تحقيق لاءِ نئي ننگر آيل ايملي فلورنس نالي جرمني جي خاتون سان هڪ مقامي سنڌي پوليس آفيسر جي زيادتي ۽ تشدد عالمي سطح تي سنڌ جي ميزباني واري روايت ۽ ثقافت تي دانگي ملي ڇڏي هئي.

اسان وٽ ته وسيلا به آهن ته ادارا به، پر پوءِ به اسان تاريخي ماڳن مڪانن کي هٿ وني تباهه برباد ڪري رهيا آهيون. نيپال وٽ ته ڪي خاطر خواهه وسيلا به نه آهن، مٿان وري ملڪي قيادت بحرانن جي ور چڙهيل آهي. چين ۽ هندستان جهڙن ٻن سگهارن ملڪن وچ ۾ ڦڙيل اقتصادي ۽ سياسي جنگ جي ڪري هيءَ ملڪ جنڊ جي ٻن مضبوط پُڙن ۾ پيسجي رهيو آهي، پر پوءِ به سياح ۽ هائيڪنگ ڪندڙ گروپ سک سان ساهه کڻي ۽ آسودگي سان گهمي ڦري سگهن ٿا. اهو ڪافي حوصلو ڏيندڙ عمل آهي.

کٽمنڊو کان ننگرڪوٽ پهچندي پهچندي شام اچي ٿي. سياري جوسج جيڪو لهڻ ۾ دير ئي نه ڪري، ان اچي اوچن پهاڙن جي اوٽ ورتي. ٿڌ ته اڳ ۾ ئي گهٽي هئي ويتر شام


www.sindhsalamat.com

تيندي ئي ان ۾ اضافو ٿيڻ لڳو. ڏند ۽ ماڪ سڄي وادي کي اڇي چادر ۾ ڍڪڻ شروع ڪري ڏنو. اسان کي چيو ويو تہ پنهنجن پنهنجن ڪمرن ۾ ٽانيڪا ٿيو، ٿورو آرام ڪريو ۽ رات واري ماني تي مختصر ميٽنگ ڪنداسين. ايڏي خوبصورت ماحول ۽ نئين جهان ۾ تہ آرام جو سوال ئي پيدا نہ پئي ٿيو، بلڪ اسان پنهنجي ڪمرن ۾ پنهنجو سامان هٿيڪو ڪري ڪمرا پنهنجي نالي ڪري هوٽل جي ڇت تي هليا وياسين. لڳ ڀڳ 18 ماڻهن جي گروپ ۾ هر هڪ وٽ پنهنجون پنهنجون ڪيمرائون هيون. اسان تہ لهندڙ سج جي پنيان ايئن پئجي وياسين جڻ تہ وري موٽڻ جو ڪو امڪان ئي نہ هجيس. پيٽر جيڪو هن ٽريننگ جو ڪوآرڊينيٽر ۽ ريسورس پرسن آهي، پر سنو فوٽو گرافر بہ آهي، بلڪ پروفيشنل فوٽو گرافر پڻ آهي، اهو بہ پنهنجي ڪيمرا ڪٽي مٿي چڙهي آيو ۽ فوٽو گرافي ڪرڻ لڳو. اسان سيني کي سج پويان پيل ڏسي ڪلندي چئي ٿو تہ ”اسان کي تہ هتي ڪافي ڏينهن رهڻو آهي، توهان کي تہ اجان بہ سنا سنا منظر ڏسڻ ۾ ايندا، توهان رڳو سج کي نہ ڏسو، ٿورو هيڏانهن (برف پوش اوچن پهاڙن ڏي اشارو ڪندي) هماليہ کي بہ ڏسو تہ وقفي وقفي سان ڪيئن ٿو رنگ بدلائي.“

پيٽر گهڻو وقت نيپال ۾ ئي رهي ٿو، هن کي اهڙن منظرن جو تمام گهڻو تجربو آهي. چوتہ فوٽو گرافي هن جي سڃاڻپ آهي. اسان جڏهن هماليہ جي چوٽين (خصوصاً فش ٽيل يا مڇي جو پُڇ، جنهن کي نيپالي ۾ ”مڇا پُڇي“ بہ چون، جيڪو نيپال جي جهندي جو نشان پڻ آهي، ۽ مائونٽ ايوريسٽ جيڪا دنيا جي بلند ترين چوٽي آهي) کي ڏسون ٿا تہ واهہ واهہ ڪندي اچرج ۾ پئجي وڃون ٿا. سج هڪ پاسي بلند جابلو چوٽين پويان لڪي ويو هو تہ ٻي پاسي سندس روشني برفاني چوٽين تي عجيب رنگ بہ رنگي نقش چٽي رهي هئي. ننگرڪوٽ ۾ تہ اونداهہ ٿي ويئي هئي پر پوءِ بہ ڪافي دير تائين برف پوش هماليہ جون چوٽيون چمڪنديون رهيون هيون.


books.sindhsalamat.com

مونکي سمنڊ، چاندوڪيون ۽ ٿڌيون راتيون تمام گهڻيون وڻنديون آهن ۽ متاثر ڪنديون آهن. هڪ پاسي سج لٿو هو تہ ٻئي پاسي چنڊ پنهنجي آب و تاب سان نروار ٿي آيو هيو. مونکي تہ ٻنهي منظرن موهي وڌو هو. دل گهريو پئي تہ چاندوڪين راتين ۾ هنن پهاڙن ۾ رُلجي ۽ مهاتما ٻُڌ جي پراسرار دنيا جو مشاهدو ڪجي. گهڻي ٿڌ ۽ دير تي وڃڻ ڪري اسين بہ آهستي آهستي هوٽل جي ڇت تان لهي آياسين، ايتري ۾ اسان سيني کي ڊنر ڪرڻ (رات جي ماني) لاءِ سڏ ٿيو. ڊائينگ هال ۾ داخل ٿياسين تہ روايتي نيپالي کاڌن، چانورن، اوٻاريل ساڳ ۽ ڀاڄين ۽ مشرومز (سُوپ) جي خوشبوءِ اسان جو آڌر ڀاءُ ڪيو.

مئڊم اسٽيلا ٻُڌايو پئي تہ” 8 وڳي لائيٽ هلي ويندي آهي، بهتر آهي تہ اسان اڳ ۾ ئي ماني کائي وٺون.“

مون زور سان چيو تہ ”اسان پاڪستاني بجلي جا متاثر آهيون، هي تہ ننڍڙو ملڪ آهي هتي تہ نہ وڃڻ گهرجي.“

تنهن تي مئڊم اسان جي معلومات ۾ اضافو ڪندي چيو تہ ”اسين (نيپال) هندستان کان بجلي وٺون ٿا، جيڪا صرف اٺ ڪلاڪ آهي. اسان وٽ وسيلا نہ آهن تيل بہ نہ آهي. جنهن ڪري جنريٽر جي استعمال تي بہ تمام گهڻو خرچ اچي ٿو. هتان جا اڪثر ماڻهو (آبادي) لوڪل ميڊ، گهرن ۾ ٺهندڙ ميڻ بتي استعمال ڪن ٿا. اڪثر ڪري اهي پاڻ ناهي پاڻ استعمال ڪن ٿا.“

مئڊم ڪجهہ ڳالهين تي سختي سان عمل ڪرڻ جي تاڪيد ڪئي. هڪ تہ پاڻي (باٿ روم ۽ وهنجڻ لاءِ) گهٽ استعمال ڪجو، چوتہ سياري جي مند ۾ پاڻيءَ جي کوٽ هتي سڀ کان وڏو مسئلو هوندو آهي. جبلن تي برف جمي ويندي آهي، نديون خشڪ ٿي ويندون آهن ۽ اسان جي ملڪ ۾ ڀاڳمتي زون ۾ جتي ننگرڪوٽ بہ آهي اتي پاڻي ذخيرو ڪرڻ جا وسيلا نہ آهن. بجلي جو استعمال بہ گهٽ ڪيو، ضرورت نہ هجي تہ بلب


www.sindhsalamat.com

اجهائي ڇڏيو، بلب ڪمري جو هجي يا باٿ روم جو، ڪمري کي لاڪ ڪرڻ کان اڳ ۾ڪمري جون لائيٽون بند ڪرڻ توهان جي ذميداري آهي. بجلي جي گهٽ استعمال سان اسان جي معيشيت تي گهٽ بار پوندو. ڇو ته اسان يونٽن جي حساب سان پارٽ کي ادائگي ڪيون ٿا.“

هن وڏيڪ تاڪيد ڪندي چيو ته ” رات جي وقت خصوصاً 8 وڳي کان پوءِ هوٽل کان ٻاهر وڃڻ، واڪنگ ٽريڪ يا پهاڙي رستن تي وڃڻ ۽ سفر ڪرڻ کان پاسو ڪجو. هتان جي ماڻهن تي اعتبار نه آهي ۽ جهنگلي جانورن تي به. اسين نه ٿا چاهيون ته توهان سان ڪو اهڙو اڻٽندڙ واقعو پيش اچي، جنهن ۾ اسان سڀ مشڪل ۾ اچي وڃون. ها البته هتي موجود اهي نيپالي دوست، جيڪي هتان جي رستن، گسن، علائقي ۽ جابلو رستن کان واقف آهن انهن سان وڃي سگهو ٿا، ليڪن اسان مان ڪنهن کي به ان بابت اڳوات ٻڌائڻ ضروري آهي. پر جيڪڏهن توهان چاهيو ته صبح جو سوير واڪ لاءِ ڪٿي به هليا وڃو، توهان لاءِ ڪو مسئلو نه هوندو. ڇوته صبح جو سوير توهان کي ڪوڙ سارا ڏيهي توڙي پرڏيهي ٽورسٽ واڪ ڪندي، سائيڪلنگ ڪندي ۽ ڊوڙندي نظر ايندا. هوٽل مائونٽين ويُو، يا هن هوٽل کان ٿورو ٻاهر مٿانهين تي ٽيمپل آهي، جتان سج ايرڻ جو خوبصورت منظر ڏسي سگهجي ٿو. پر هڪ ڳالهه ضرور ياد رکجو ته اسان کي تربيتي سيشن وقت تي شروع ڪرڻا آهن. گهمڻ لاءِ اسان وٽ تمام گهٽو وقت آهي. ها هڪ ٻي ڳالهه به ٻڌائيندي هلان ته ڇنڇر ٽريننگ جو اڌ ڏينهن ۽ آچر موڪل هوندي. توهان انهي ٽائيم دوران جيڏانهن چاهيو وڃي سگهو ٿا. پر اسان جي خواهش آهي ته اسين گهمڻ لاءِ گڏيل پروگرام ناهينداسين ته جيئن اسان هڪ ٻئي جي رهنمائي ڪري سگهون.“

نيپالي دوستن جي محبت، اردو ۽ هندي ۾ رواني سان ڳالهائڻ سبب مون کي ته ايئن لڳو پئي ڄڻ ته هي منهنجو پنهنجو وطن هجي. سوچيو هيم ته نينگ ٽپا ڏيئي نچندس،



ڪُڏندس، ڊوڙندس، گهمندس، چانڊوڪين جو مزو وٺندس، اُماس راتين ۽ سانت ۾ ورتل ڊگهن ۽ گهاٽن وڻن ۽ وادين سان سرگوشيون ڪندس. ڀٽائي، بخاري ۽ اياز کي آلاپيندس، شاعري ڪندس. مئڊم ته رات جو نه نڪرڻ جو چئي ڊيڄاري ڇڏيو هيو ۽ اهو به احساس ٿيو هو ته نيپال منهنجو نه آهي.

ٿڪاوٽ جو احساس ٿيڻ لڳو هو، هال مان اٿڻ لڳس ته سِڌو سڌ ڪري چيو ته ” ڪمري جي چابي مون وٽ آهي.“ سِڌُو انتهائي مانيٽو، نفيس ۽ غريب طبيعت جو مالڪ آهي. بلڪ تعلق به غريب گهراڻي سان اٿس. هُن اهو محسوس ڪيو هو ته شايد ٻيو ڪو سندس روم پارٽنر نه ٿئي، منهنجي مزاج ۽ طبيعت کي ڏسندي اڳوات ئي پاڻ سان گڏ منهنجو نالو لکرائي آيو هو. ڪمري ۾ آياسين ته پڇيومانس ته ننگرڪوٽ کان ڪيترو واقف آهين؟ چيائين ته پهريون دفعو آيو آهيان. پر هتي منهنجا ڄاڻ سڃاڻ وارا دوست آهن، جتي چوندين هليا هلنداسين. سندس انهيءَ آفر تي منهنجي دل وڏي ٿي پئي هئي. ڪجهه دير ٽائين ڪچهري ڪندي سمهي پياسين.



انيتا مالا ۽ سندس پُٽ انوج مالا سان گڏ ننگرڪوٽ ۾

## • ننگر جون نرتڪيون

ننگرڪوٽ لاءِ ٻُڌو هيم تہ سانوٽي ايندي آهي تہ مهڪي ۽ جرڪي پوندو آهي. هتي تہ مِينهن سجو سال ٿورو گهڻو پوندو رهي ٿو، پر سياري ۾ تہ شبنم بہ ايئن وسي ٿي جڻ مِينهن وُنو هجي. پر سانوٽي واريون برساتون ندين کي رونقون بخشي ڇڏين ٿيون. قدرتي آبشار ۽ جبلن تان لهندڙ پاڻيءَ جو شور علائقي کي وڌيڪ پرڪشش بڻائي ڇڏي ٿو. پر ننگرڪوٽ تہ سج ابرڻ وارن منظرن جي حوالي سان تمام گهڻو مشهور آهي. ٿڪاوٽ، گرم بسترن ۽ هيٽر هجڻ جي ڪري ننڊ بہ سُني آئي.

صبح سوير اک ڪلي ويئي، ڪمري جي دري مان ليئو پاتم تہ هلڪي هلڪي روشني هئي. اجان سج نہ ابريو هيو. دري واري پاسي کان ڪجهہ ماڻهو متاڻهين ڏانهن ويندي نظر آيا. آئون بہ سِڌو ڪي جاڳائڻ کان سواءِ تڙ تڪڙ ۾ نڪري پيس. ٿورو اڳيرو متاڻهين تي مندر نظر آيو. جنهن جو ذڪر مئدم بہ ڪيو هيو. مندر ڪافي اوچائي تي هيو، متي چڙهڻ لاءِ ڏاڪڻيون نهيل هيون. متي پهتس تہ سج جا تازا ڪرڻا، روشني سان چمڪندڙ برفاني جبل، خوبصورت جابلو چوٽين جي قطار ٻانهون ڦهلائي جڻ تہ منهنجو آدرياءُ ڪندا هجن. پاڻ کي تمام گهڻو خوش قسمت محسوس ڪيم. دل گهريو تہ خوشي جا اهي لمحا، جيڪي مون محسوس ڪيا پئي، سڌو سنئون محبوب ماڻهن سان شيئر ڪريان. پر منهنجي لاءِ اهو ممڪن نہ هو نہ ئي ان وقت مون وٽ اهڙي ڪا سهوليت هئي.

بابا سائين سان گڏ ڪاڙهي ۾ اڱهاڙن پيرن سان ڏڳن سان ڪٽڪ جو ڳاهہ ڳاهڻ، ٻني ڪيڙڻ ۽ رات جو سارين جي مَنهِ تي ويهي اڪيلي سِر مِرُوئن ۽ ٻين جانورن سان مقابلو ڪرڻ وارا ڏينهن ياد آيا. ان عمر ۾ ايئن لڳندو هيو تہ اسان ڪُڙمي ۽ غريب هاري ماڻهن لاءِ جڻ تہ سڄي ڪائنات چار ايڪڙ ٻني، گاسليٽ


books.sindhsalamat.com

واري بتي، طوفان ۾ مِينهن جي ٽٽ نہ سهي سگهندڙ ڪکاوان گهر ۾ سواري لاءِ ڏڳي گاڏي ئي آهي. خوشي مان اکيون پرجي آيون. پنهنجي رب جو شڪر ادا ڪيم. جنهن هن خوبصورت جهان ڏسڻ جو موقعو عطا ڪيو هيو.

مون جڏهن جبلن ڏي پئي نهاريو تہ سامهون ساڄي ڪان ڪابي نظر ڪُٽي وڃڻ تائين برف پوش جبلن جي قطار هئي. جيڪا مونکي سفر دوران جهاز جي دري مان بہ نظر آئي پئي. اجان سج جبلن مان ڪَني نہ ڪڍي هئي ۽ روشني دلڪش نظارا پيش ڪرڻ لڳي هئي تہ ڏاڪڻين تان ٽي خوبصورت نيپالي ڇوڪريون متي مندر ڏانهن ايندي نظر آيون، سچ تہ ننگرڪوٽ جون فضائون ۾ صبح جا منظر اجا بہ دلڪش ٿي پيا هئا. نيپالي عورتون خصوصاً ٻهراڙي ۾ سلوار قميص پائين. جڏهن تہ مرد پينٽ ۽ شرٽ پائين. منهنجي سلوار قميص واري لباس مونکي ٻين کان الڳ تلڳ ڪري بيهاريو هو. ٿوري دير هيڏانهن هوڏانهن ڏسندي، ڏيدي اک سان هڪ ٻئي کي ڏسندي، مسڪرائيندي، هڪ ٻئي جا فوٽو ڪيڏڻ ٻهاني ٽنهي ڇوڪرين سان تعارف ٿي پيو ۽ ڳالهہ وڃي گڏجي فوٽو ونڻ تائين پهتي. هڪ هئي گنگا مهارجن، ٻِي هئي بندانا ٺُڪارمي ۽ ٽين پُروا (پرويا) مهارجن هئي. ٽيئي ڪِرتي پور جون هيون، جيڪو ڪٽمنڊو شهر کان لڳ ڀڳ 12 ڪلوميٽر پري آهي. اهي ٽيئي ڇٽيون بہ ساڳئي هوٽل ۾ ترسيل هيون. جتي اسان ترسيل هياسين. ٽيئي مقامي اين جي او جون رضاڪار هيون ۽ ٽريننگ ۾ آيل هيون. هنن کي هتي آئي ٽي ڏينهن ٿي ويا هئا. ٻن ڏينهن کان پوءِ هنن جي ڪٽمنڊو واپسي هئي. هنن ٽنهي کي منهنجو سلوار قميض ۾ هجڻ دلچسپ بہ لڳو هو تہ عجيب بہ. ڪجهہ دير تائين گڏ رهياسين، هوٽل تائين گڏ واپس آياسين. گنگا، جيڪا منهن مهاندن ۾ مون جهڙي هئي، ويندي ويندي هٿ ملائيندي چيائين تہ "اسان کي وقت ڏجو." اهڙي طرح هڪ ٻي سان ٻيهر ملڻ جو واعدو ڪري پنهنجن پنهنجن ڪمرن ۾ هليا وياسين.


www.sindhsalamat.com

زندگي جي گوناگون ۽ پير پٽون کندڙ سفر ۾ اڪيلايون ئي گڏ رهيون آهن. پنهنجي نندپڻ جي هڪ محبوب ماڻهو (جيڪو هنين ۾مون سان گڏ ڪيڏندي، ڪيچلايون ڪندي، پنهنجا اباڻا پڊ ڇڏي، شهر جي شور ۾ گم ٿي ويو هو) وڏي عرصي ڪان پوءِ ملي چند گهڙين جو پيار ارپي چيو هيائين تہ " ضروري ناهي تہ جنهن کي چاهجي ان لاءِ دربدر ٿجي، زندگي زهر ڪجي، مجنون ٿجي، پٿر ڪائجن، سسئي وانگر سُور سهجن، پر وقت ۽ حالتن آهر، جي خوبصورت چند گهڙيون بہ ملي پون تہ خوشي جا اهي شاندار لمحا ساهہ سان سانديي رکجن ۽ جيئڻ جو اتساهہ پيدا ڪجي." مون اهي لفظ ٻُڌي پنهنجي ڪُندلي پڙهي ورتي هئي تہ اسان جي قسمت ۾ اڪيلايون ئي آهن. چند گهڙين جو قرب ۽ ڊگهي عرصي جي اڪيلائي مون کي رولاڪ بڻائي ڇڏيو آهي. مون کي بخوبي احساس آهي تہ نيپال جي هن مختصر سفر ۾ ڪنهن جو بي ساختہ قرب ماڻي بہ وٺان پر پوءِ بہ مڪمل حواسن سان وفا نہ ڪري سگهندس. وڇوڙي جي هڪ ڊگهي سرحد، الوداعي چُمي، بہ گرم ڳوڙها، سُڏڪن ۾ وري ملڻ جي آٿت ڪان سواءِ ڪجهہ بہ پلئہ نہ ٿو پوي. بس رهن ٿيون تہ يادگيريون.

نِينا سان نئين مائٽي، لامِين جا ٽهڪ ۽ قرب، صدف سان مسافر جيان هڪ اسٽاپ ڪان ٻي اسٽاپ ٿائين جو ساٿ، شانتي جو اُٿاهہ پيار، نديڙي انوج جون ڳلڪڙيون ۽ گنگا سان ٻيهر ملڻ جو عهد ڪٿي چيهہ ڪندا ڪا بہ خبر نہ آهي. پر آئون پنهنجي آس پاس قابلِ احترام ۽ محبوب هستين جي محبت ۽ شفقت کي ڪڏهن بہ وساري نہ ٿو سگهان. امان جون دعائون، بابا سائين جي حياتي پر ٿائين جي شفقت، پنهنجي مهربان گهرواريءَ جو لازوال ساٿ ۽ حوصلو، مون جهڙي رولاڪ سان نينهن جا ناتا ڳنڍيندڙ رُخ ماهتاب ۽ منهنجا خوبصورت ٻارڙا منهنجي جيون جو املهہ خزانو آهن.


books.sindhsalamat.com

مسڪرائي ملندڙ ۽ مانيٽي طبيعت جي مالڪ پيٽر جي چرپر جو مون جڏهن مشاهدو ڪيو تہ مونکي هن جي ۽ پنهنجي مشغلن ۾ هڪ جهڙائي نظر آئي. فوٽو گرافي ۽ مشاهداتي نوٽ لکڻ (ڊائري لکڻ) اسان ٻنهي جو روز جو معمول هو. سڄي ڏينهن ۾ ٽريننگ دوران ٿوري بہ ڪيس فرصت پئي ملي تہ ڪيمرا کڻي ٻاهر نڪري ٿي ويو. گل، ٻوٽا، جبل، وڻ، ماڻهو، جانور ۽ پکي (خصوصاً اڇي ڳچي ۽ ڇهنب وارو برفاني باز) سندس نشاني تي هئا ۽ شام جو هن تفصيلي نوٽ پئي لکيا. منهنجو سنڌي ۾ رواني سان لکڻ هن کي ڏاڍو وڻيو پئي. ڏسي چيائين پئي تہ تنهنجو لکڻ جو رسم الخط عربي وانگر آهي، جنهن مان اندازو پئي ٿيو تہ هن کي عربي ڪان ٿوري گهڻي ڄاڻ ضرور آهي. يورپين انهي معاملي ۾ ڏاڍا تيز هوندا آهن. ڪنهن بہ ملڪ جو سفر ڪندا آهن تہ اتان جي ٻولي، رسم الخط ۽ عام استعمال ۾ ايندڙ جملا ۽ لفظ جلدي سمجهڻ ۽ ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن.

منهنجي پر وني پڇيائين تہ "وقت ڪيئن پيو گذري. اسان جنهن علائقي کي هن پروگرام لاءِ منتخب ڪيو آهي اهو توهان کي ڪيئن لڳو."

خيال آيو تہ داستان دل ٻُڌايانس، وري خيال آيو تہ هي گورا تہ مختصر ڳالهہ ٻُڌڻ پسند ڪن ٿا. پيٽر پاڻ بہ گهٽ ڳالهائو آهي. چيومانس تہ"وقت شاندار پيو گذري، هر قدم تي منهنجي لاءِ هڪ نئين ڪهاڻي، نئين ڪٿا ۽ نئين دنيا آهي. پروگرام جي حوالي سان علائقي جي چونڊ شاندار آهي. مگر ڪنهن ڪنهن مهل هڪڙو خيال ضرور اچي ٿو تہ هڪ ئي علائقي ۾ ٽي هفتا رهڻ جي ڪري ڪٿي اسان جا دوست يڪسانيت جو شڪار نہ ٿي پون."

"۽ توهان بہ؟" هن فوراً پڇيو.

"نہ"


www.sindhsalamat.com

" مون ٿورن ڏينهن ۾ سُنا دوست ناهي ورتا آهن، واندڪائي ۾ يا ته انهن وٽ هليو ويندس يا انهن سان گڏ ڪيڏانهن نه ڪيڏانهن گهمڻ لاءِ نڪري ويندس."

اسان اجا ڳالهه ٻولهه پئي ڪئي سين ته گنگا، پرويا ۽ بندانا اچي ويون. شڪايتي لهجي ۾ چيائون ته ڪافي دير ڪان توهان کي ڳولهيون پيون. مون اٿي بيهي تنهي کي نمسڪار ڪيو ۽ پيٽر سان تنهي جو تعارف ڪرايو. پيٽر سمجهي ويو ته هي اهي ئي دوست آهن، جن جو مون ذڪر ڪيو پئي.

اسان پيٽر کان اجازت وٺي هوٽل کان ٻاهر نڪري آياسين. گنگا ٻُڌايو ته "سُياڻي منجهند ڏاري واپسي آهي. اڄ رات اسان جي مچ ڪچهري، پيئڻ پيارڻ ۽ ڊانس جو پروگرام آهي، توهان ضرور شامل ٿجو. اسان پنهنجي ڪوآرڊينيٽر کان توهان جي لاءِ خصوصي اجازت ورتي آهي ۽ غائبانه تعارف به ڪرايو آهي.

چيو مانس ته "آئون انهن خوبصورت لمحن کي ضرور انجواءِ ڪندس."

" مس سجانا توهان جي ڪوآرڊينيٽر آهي نه !" ساٿڻ مخاطب ٿيندي چيم.

تنهي مون ڏانهن تعجب سان ڏٺو ۽ گنگا پڇيو ته "توهان ڪيئن سڃاڻوس؟"

ڪيسي مان پين ڪڍي ڏيکاريندي چيومانس ته "هي پين مس سجانا گفٽ طور مونکي ڏني آهي." اهو هڪ اتفاق هو ته آئون پين ۽ ڊائري جي ڳولا ۾ ڪنهن دوڪان جو ڏس پتو معلوم ڪرڻ لاءِ هوٽل جي رسيپشن تي ويس ته اها خاتون ملي، مون سمجهو ته هوٽل جي ڪا مئنيجر آهي. جڏهن مقصد جي ڳالهه ٻُڌائي مانس ته چيائين " آئون توهان کي هيءُ پين گفٽ ڪري سگهان ٿي، نه ئي مونکي ڪنهن دوڪان جي خبر آهي، نه ئي آئون هن هوٽل جي ملازمه آهيان. شايد اڳيان ڪٿي نيا ڳاؤن/نئون ڳوٺ واري چوڪ تي ڪو دوڪان هجي ۽ توهان کي پنهنجي ڪم جي شئي ملي وڃي. آئون ٽريننگ ڪوآرڊينيٽر


books.sindhsalamat.com

آهيان. گرائونڊ فلور واري ٽريننگ هال ۾ اسان جي ٽريننگ هلندڙ آهي."

"گنگا مون کي پڪ آهي ته اها ئي توهان جي ڪوآرڊينيٽر ۽ توهان واري اين جي او آهي."

پرويا پڇيو ته " ڪيئن لڳي اسان جي مئدم."

چيومانس ته" سانورو رنگ ۽ خوبصورت نقش ڏاڍا وڻندا اٿم. پر توکان وڌيڪ سهڻي ڪونهي. هن جي مقابلي ۾ تون ڏاڍي حسِين آهين." هوءَ بيساخته منهنجي ٻانهن ۾ زور سان هٿ وجهي پڪوڙيندي وڏا ٽهڪ ڏيڻ لڳي ٿي.

بندانا ڪيچل ڪندي چيو ته "پرويا ڪالهه کان تنهنجي تعريف ڪندي نه پئي ٿڪجي، پاڻ سان گڏ وٺي وڃينس. توکي دل ڏيئي ويٺي آهي."

اسان هڪ اڻ ڏٺي جابلو رستي تي هيٺانهين ڏانهن تيز تيز وکون کڻندا، هڪٻئي سان ڪيچل ڪندا هلندا رهون ٿا. گنگا ٻُڌايو ته ڪجهه پنڌ تي اڳيان تمنگ وليج آهي. شايد ٽي يا چار ڪلوميٽر هجي. اوڏانهن هلون ٿا، ٿڪجي پياسين ته واپس موٽي ايندا سين.

هن مونکي مخاطب ٿيندي چيو ته " هي جبل، نديون، گهاٽا وڻ، ماحول، گُل ٻُوٽا جيترا خوبصورت لڳن ٿا، اوترين ئي درد ڪٿائون هنن جبلن، جهنگن ۽ ماترين ۾ پريون پيون آهن. هنن علائقن ۾ عورتن سان وڏا ظلم ٿين ٿا. گهريلو تشدد ڀهراڙين ۾ عام آهي. نوجوان ڇوڪرين جو اغوا ۽ جنسي تشدد، ويڙهاڪ گوريلن جي هوس جو نشانو بنجڻ به هتان جي عورت جو مقدر بڻيل آهي. جيڪڏهن آرمي کي خبر پوي ته ويڙهاڪ هن ڳوٺ ۾ آيا آهن ته اهي به گهرن ۾ گهڙيو پون. مرد ڳوٺن مان نڪريو وڃن ۽ مٿان وري فوج به عورتن سان وڏا ظلم ڪري ٿي. سامان سيڌو آٽڻ، مال متاع جي سار سنڀال ۽ ٻارڻ لاءِ ڪاٺيون ڪري اچڻ، دوڪان يا ڪيبن ۽ ڪينٽين هلائڻ، جنديءَ جو ڪم، پرت پرڻ، ايتري ٽائين جو سبزيون وغيره مارڪيٽ ۾ وڪڻي اچڻ ۽


www.sindhsalamat.com

بني ٻاري ۾ پوڪي راهي جو ڪم به عورتون ڪن. مرد آس پاس جي هوٽلن تي تمام گهٽ پگهار تي نوڪري ڪن. دلالي ڪرڻ به اهڙن مردن جو پارٽ ٽائيم ڌنڌو آهي. اندروني ويڙهه، سياسي پيچ ڊاهه ۾ مختلف اين جي اوز جي متحرڪ ٿيڻ جي ڪري هتي ته هر ماڻهو بئي کي شڪ جي نگاهه سان ڏسي ٿو. هتان جي ميڊيا تي بادشاهت کان وٺي اڄان تائين سخت پابنديون آهن. اهڙن مسئلن کي جيئن جو تيئن لکڻ يا ڪنهن ٽي وي چينل تي پيش ڪرڻ ڪنهن جي وس جي ڳالهه نه آهي.“

”گنگا تو هي ڪهڙيون ڳالهيون ڪڍي شروع ڪيون آهن. پاڻ ڊوڙڻ، ڊُڪڻ ۾ ڳائڻ لاءِ نڪتا آهيون، ڇڏيو انهن ڳالهين کي، گڏجي ڪو گانو ڳايون.“ بندانا بوريت واري انداز ۾ چيو.

مونکي ياد آيو ته مئدم استيلا به ڳالهيون ڪندي چئي ويئي هئي ته هتي جا ماڻهو اڃا تائين بادشاهن جي اثر هيٺ آهن. انهن بابت يا سياسي گروهن جهڙوڪ مائوئيسٽ گروپن بابت کلي ڳالهيون ڪرڻ ۾ تبصرا ڪرڻ کان پاسو ڪجو.

ڳالهين ڳالهين ۾ ڪافي پنڌ ڪري وياسين. سامهون اکين اڳيان ڳوٺ به نظر آيو پئي. واپسي ۾ مٿانهين ڏانهن اچڻ جي احساس ٿڪائي وڌو ۽ پوئين پير موٽڻ جي ڪئسين. بندانا تجويز ڏني ته هندي ۾ ڳائيندا سين ته جيئن رمضان به سات ڏيئي سگهي. بندانا، انڊيا ۽ نيپال جي سئنيمائن تي وڏي عرصي کان هلندڙ شاهه رُخ ۽ ڪاجول جي فلم ”دل والے دلہنیا لے جائیں گے“ جو مشهور گانو:

”تجھے دیکھا تو یہ جانا صنم

پیار ہوتا ہے دیوانا صنم“ ڳائڻ شروع ڪري ٿي ته اسان چارئي تاڙين جي ردم ۾ گڏجي ڳائڻ لڳون ٿا. گاني جي ردم، سُر تال، شام جي ٿڌي ۽ رومانوي ماحول ۾ مون گنگا کي پنهنجي تمام گهڻو ويجهو محسوس ڪيو هو. هوٽل تائين پهچندي پهچندي اونده ٿي وئي هئي. ڏُور ڏسائن تائين جبلن جي هيٺ مٿانهين تي آباد


books.sindhsalamat.com

هوٽلن ۾ گهرن جا بلب ٽانڊاڻن جيان ٽمڪڻ لڳا هئا. گنگا جي ذهن ۾ جڻ آنڌ مانڌ هئي. هوءَ بندانا ۾ پرويا کي ڇڏي واپس موٽي آئي ۽ چيائين ته ٻاهر هلون، ڪافي پيئڻ جو موڊ آهي. اسين ڳچ پنڌ چُپ چُپ هلندا رهياسين. اسان واري هوٽل ۾ نئين ڳوٺ تائين روڊ جي ٻنهي پاسي قائم مني بار ۾ هوٽلن ۾ رونقون ٿيڻ لڳيون هيون. اردو گانن جي مڌر ڌنن تي هر پاسي مئي جي مهڪ ڦهلجڻ لڳي هئي. اسين بئي نئين ڳوٺ جي هڪ مني بار/هوٽل جي هڪ ڪنڊ ۾ اچي ويناسين. گنگا سامهون ويهڻ بجاءِ پر ۾ ويهڻ پسند ڪيو. پڇيائين ته ڇا پيئندؤ.

”ڪافي/استرانگ ٽي“ مون فوراً وراڻيو.

”برانڊي يا بيئر نه پيئندؤ، ٿڌ آهي“

”نه مون ڪڏهن به ڪنهن به قسم جو شراب يا الڪوهل نه ورتو آهي، آئون انهي معاملي ۾ ڪم ظرف آهيان.“ پنهنجي مٿي سان منهنجي ڪلهي کي هلڪو ٽڪر هڻندي کِلي پيئي. پر محسوس ٿيو هيم ته هوءَ خوش نه آهي اداس آهي.

”اسين سياٽي واپس هليا ويندا سين. تون ڪٽمنڊو ۾ گهٽا ڏينهن هوندين.؟“

”آئون آخري به ٽي ڏينهن ڪٽمنڊو ۾ هوندس. ڪوشش آهي ته فلائيٽ تبديل ڪرايان. ارادو آهي ته ڪجهه ڏينهن رهي نيپال جا وڏيڪ علائقا به ڏسي وٺان. تون ساٿ ڏينديئن نه. شايد ٽريننگ دوران به ٻه يا ٽي پيرا گروپ سان گڏ ڀڪتاپور ۾ ڪٽمنڊو اچڻ ٿئي. آئون ته اڃا به ڪافي ڏينهن هتي هوندس، تون ٽائيم ڪڍي چڪر ڏيئي وڃجان.“

”آئون مٿان هتي نه اچي سگهان، مگر فون تي توسان رابطي ۾ رهنديس. ڪٽمنڊو ۾ توهان جو ساٿ ڏينديس، گڏجي ڪٽمنڊو گهمنداسين. موقعو مليو ته ڪٽمنڊو کان ٻاهر به هلنداسين، ڪٽمنڊو ۾ هڪڙو پورو ڏينهن توهان سان گڏ هونديس.“

چيومانس ته ”رات نه رهائيندينءَ؟“


www.sindhsalamat.com

هن کو ٻہ جواب نہ ڏنو، اکين ۾ اکيون وجهي منهنجي کلهي تي ڪنڌ لاڙي ڇڏيائين.

چيومانس تہ "پاڻ کي واپس هلڻ کپي. مون ٻہ ڪنهن کي نہ ٻُڌايو آهي، توهان جو فنڪشن ٻہ شروع ٿي ويو هوندو. هو ٻئي ديوانيون ٻہ پاڻ کي ڳولينديون هونديون."

هوءَ خاموش ٿي ويئي، ويٽر کي نيپالي ۾ سڏي، بل ڏيئي اٿي بيٺي. ريسٽوران کان ٻاهر ساڳي روڊ تي نڪري آياسين. ٿڌ گهٽي وڌندي پئي وئي. ماڪ پوڻ شروع ٿي وئي هئي. اونداهي جو فائدو وٺندي هن پنهنجي ٻانهن منهنجي ٻانهن ۾ پڪوڙي ڇڏي هئي. هوٽل پهتاسين تہ سڏُو پائي شدت سان انتظار پئي ڪيو ۽ فڪرمند هو. مونکي گنگا سان ڏسي خوش ٿي پيو ۽ ڀاڪرن سان منهنجو آڌر ڀاءُ ڪيائين. هنن ٻنهي نيپالي ۾ عليڪ سليڪ ڪئي.

گنگا کي چيائين تہ "رمضان منهنجو روم پارٽنر آهي، توکي ڪيئن لڳو؟" هن شرمائيندي ۽ مسڪرائيندي صرف هٿ جي اشاري سان پنهنجي دل ڏانهن اشارو ڪندي جواب ڏنو. ڄڻ تہ چوندي هجي تہ "هي تنهنجو روم پارٽنر ضرور آهي پر هي تہ منهنجي دل ۾ آهي."

گنگا جي گروپ جو فنڪشن اڃان شروع نہ ٿيو هيو. مگر ڪجهہ نوجوان مچ ٻارڻ ۾ مصروف هيا. اسين وڃي هڪ بينچ تي ويناسين. بندانا ۽ پروپا ٻہ اچي شامل ٿيون. گروپ جا ٻيا نوجوان ۽ نوجوانڙيون ٻہ اچڻ شروع ٿيون. مون سان ٻہ انهن جو تعارف ٿيندو رهيو. مچ تي نچڻ، ڳائڻ ۽ کائڻ پيئڻ جو پروگرام ڪافي دير تائين هلندو رهيو. پروگرام ختم ٿيڻ تي اسان چارئي ڄڻا هوٽل جي بار جي هڪ ڪنڊ ۾ وڃي ويناسين. ميڻ بتين جي مدھم روشني ۽ مڌ جي مهڪ ڦهليل هئي. مئي ڪش سرور ۾ هئا. اسان ويٽر کي گرين ٽي ۽ ڪافي آڻڻ جو چيو. گنگا چيو تہ "اسان جي دلي خواهش آهي تہ توهان کي پنهنجي ڳوٺ ڪِرتي پور وٺي هلون. پر اسان سان ڪجهہ گهريلو مجبوريون آهن.



ڪِرتي پور تمام خوبصورت علائقو آهي، سچ ٻہ توهان کي وڻندو."

"ها بلڪل توهان ٽنهي جي حُسن مان اندازو ٿئي ٿو تہ توهان جو ڳوٺ ٻہ خوبصورت هوندو. ڪڏهن موقعو مليو تہ توهان جي ڳوٺ ضرور اچبو. اسان جو گروپ ٻن ڏينهن کان پوءِ ڀڳتاپور ويندو. توهان اچي سگهو تہ گڏجي گهمون."

گنگا چيو "پڪ ناهي پر اسان توسان کٽمنڊو ۾ گڏ هونداسين. جڏهن تہ ڀڳتاپور اسان جي ناناڻن جو شهر آهي. پروپا جي وڏي ڀيڻ اتي اسڪول ٽيچر آهي."

گرين ٽي ۽ ڪافي جا سُرڪ ڀريندي هُنن ٽنهي مونکي شاعري ٻُڌائڻ جي فرمائش ڪئي. مون پروپا ڏانهن ڏسندي پنهنجو تازو نظم آهستي ۽ ڌيمي لهجي پڙهڻ شروع ڪيو:

اسے کہنا!
ہم تو مسافر ہیں،
سفر در سفر تو بس
مقدر سا بن گیا ہے۔
ایسا لگتا ہے
لمبی مسافت کی لکیریں
ہاتھوں سے مٹا کر
پاؤں کے تلووں میں
جڑ دی گئی ہیں۔
دھرتی اور دلوں سے
ہمارا اٹوٹ رشتہ ہے

نہیں معلوم
ننگر کوٹ (نیپال)
کب لوٹ آنا ہے۔
دسمبر کی یخ بستہ شاموں میں
اس کے ہاتھوں کی گرمی کو
میں کیسے بھول پاؤں گا
ملا جو پیار ہے مجھ کو
اس کی بے لوث محبت کو
میں کب بھول پاؤں گا
دیا جو ساتھ قسمت نے
میں پھر لوٹ آؤں گا
اسے کہنا
ہم تو مسافر ہیں۔۔۔

مون گنگا ڏي نهاريو ته هن جون اکيون پنل هيون ۽ هوءَ روئي پئي هئي. ميڻ بتي جي مڌم روشني ۾ سندس ڳوڙها موتين جيان چمڪيا پئي. مون بي ساخته هن کي پنهنجي ڀاڪر ۾ ڀڪوڙي ڇڏيو هو. هن جو جسم صفا ساڻو پئي لڳو. هوءَ روئي پئي هئي.

ٽڏ تمام گهٽي هئي، رات جا ٽي ٿي چُڪا هيا. اسان کان سواءِ ريسٽوران ۾ ٻيو ڪير به نه هو. اسان به اٿڻ جي ڪئي.

آهستي آهستي ڪري ڪمري جو در کوليم ته سِڏُو منهن تان ڪمبل لاهي مون کي ڪيڪاريو ۽ اُٿي ويٺو. چيائين ته ”مون کي تنهنجو خيال پئي آيو. ننڊ ڪري چُڪو آهيان. تون ٻُڌاءِ ڪٿي ڪٿي گهميئن ڦِريئن“؟


books.sindhsalamat.com

هڪڙي جملي ۾ ئي چيومانس ته”اڄوڪو ڏينهن منهنجي روح ۽ منهنجي حواسن تي محبتن جا اڻ مِٽ نقش ڇڏي ويو آهي.“ آئون به ڪمبل اوڍي ليٽي پيس. ننڊ ڇڻ ته ننگرڪوٽ جي جابلو وادين ۾ ڪٿي وڃائجي ويئي ۽ ذهن تي بار بار عاجز اڃڻ جون سٽون تري ٿي آيون.

رات ٺري لوڪ سُتو، سُتا نه منهنجا سُور،
عاجز اڃڻ عجيب جا، پلٽي پيم پور،
چاڪن ڪيو چُور، ويئي وهامي راتڙي.



گنگا، پرويا ۽ بندانا سان گڏ هڪ فنڪشن ۾


www.sindhsalamat.com

# • رامچند گوپالي پڳتاپور ۾

رات جي اوجاڳي ۽ ذهني ڪيفيت جي ڪري صبح واريءَ واڪ جو بلڪل بہ ارادو نہ هو. آئون ساجهر ئي اٿي تياري ڪي لڳي ويس. سڌو بہ اٿي وينو. چيائين تہ ”آئون حيران آهيان ۽ سمجهي نہ سگهيو آهيان، جڏهن موڊ ۾ هوندو آهين تہ هر ماڻهو سان ڪل پوڳ ڪندو رهندو آهين. جڏهن بحث ڪندو آهين ۽ ڊسڪس ڪندو آهين تہ ڏاڍو ڳنڀير ۽ سنجيده ٿي ويندو آهين ۽ جڏهن پريزنٽيشن ڏيندو آهين تہ پُر اعتماد نظر ايندو آهين. اڄ ايڏو بيچين آهين جڻ تہ ڪنهن ڏکي سفر تي ويندو هجين. تنهنجي قرب جا رنگ بہ ڏاڍا عجيب آهن. جڏهن نيپال ڇڏيندين تہ ڪيئن محسوس ڪندين؟“

آئون خاموشي سان هُن جون ڳالهيون ٻڌندو رهيس. هُن کي اُٿ ٿُڻ هئي تہ آئون ڳالهايان.

چيومانس تہ ” هر گذري ويل لمحو ياد ٿي ويندو آهي. آئون پاڻ سان گڏ اڻ مِٽ يادون کڻي بہ ويندس ۽ ڇڏي بہ ويندس. اڄ آئون صدين جي سفر جي تياري پيو ڪريان. آئون پڳتاپور جي گهِٽين، مندرن، ماڻهن جي هجوم، ڪنڊرن، اتان جي ٽيمپلز جي درن ۽ ديوارن ۾ پاڻ کي ڳوليندس.“

”تڏهن ڪالهہ کان وٺي تنهنجو روح بيچين آهي.“ هُن مون ڏانهن گهوريندي چيو.

”تي سگهي ٿو، پر آئون تمام گهڻو خوش آهيان. هن ڌرتيءَ سان منهنجو مضبوط سٻنڌ ٿي ويو آهي.“

هُو بہ اٿي تياري ڪي لڳي ويو. مونکي چيائين تہ تڪڙ نہ ڪجانءِ گڏجي ٻاهر هلنداسين.

اسان اٺين وڳي تيار ٿي ناشتو ڪري ٻاهر نڪري آياسين. انيتا مالا پنهنجو دوڪان کولي صفائي پئي ڪئي. اسان کي ڏسي ڪم ڪار ڇڏي بيهي رهي. هٿ ٻڌي ڪيڪاريائين. سندس ننڍڙو پُٽ انوج مونکي ڏسي هَپ هَپ ڪري ڪڳيون هڻڻ لڳو.



انوج منهنجي روز جي اچ وڃ ڪري فيملي جيان واقف ٿي ويو هيو. انِيتا اسان کي چانهہ جي صلاح ڪئي. ميار ڏيندي چيائين تہ ”ٻن ڏينهن کان منهنجي دوڪان تي نہ آيو آهين.“ کِلي چيومانس تہ ”تو جهڙا پيارا ماڻهو ملي ويا هيا، انهن کي وقت ڏيڻو پئجي ويو.“

”مون سمجهو تہ موڪلائڻ کان سواءِ واپس هليا ويا آهيو.“

”نہ انِيتا اجا تہ هفتو مس گذريو آهي. مون توکي ٻُڌايو هو تہ ٽي هفتا هونداسين. توکان موڪلائڻ کان سواءِ ڪيئن وينداسين.“

” ها خبر تہ هئي مگر مون کي الاءِ ڇو ايئن خيال آيو تہ ڪيڏانهن ٻي پاسي نہ هليا ويا هجو.“

مون انوج کي ٿوري دير لاءِ هنجهہ ۾ کڻي ورتو، انِيتا تڪڙ تڪڙ ۾ چانهن ناهڻ لڳي ويئي. هن جي رهائش دوڪان جي هينيان ئي هڪ ننڍڙي ڪمري تي مشتمل هئي. مڙس ننگرڪوٽ ۾ ئي ڪنهن هوٽل تي بورچي اٿس. سندس تعليم ميٽرڪ اٿس. پاڻ تہ تمام گهڻي خوش هئي. پر هو پنهنجي والدين ۽ پيبرن لاءِ تمام گهڻي فڪر مند هئي، جيڪي ڳوٺ ۾ رهن ٿا، ۽ تمام گهڻي غربت واري زندگي گذارين ٿا.

هن مون کي ٻُڌايو هيو تہ ”سندس مڙس شادي کان اڳ ۾ ايترو گهڻو نہ پائيندو هيو، جڏهن کان انوج پيدا ٿيو آهي، هُن جو مڙس تمام گهڻو خوش آهي.“

چيومانس تہ ”تنهنجو چانهہ وارو هوٽل تہ ناهي، دوڪان آهي، تون جو هُجت ڪري اسان لاءِ چانهہ پئي ناهين. تنهنجو مڙس ڏسي وٺي تہ ڪاوڙ نہ ڪندو.؟“

چيائين تہ ”نہ. شروع شروع ۾ آئون بہ ڪنهن سان گهڻو فري نہ ٿيندي هيس. پر ننگرڪوٽ تہ سياحت جو مرڪز آهي. هاڻي سڀ ڪجهہ هلي ٿو.“

پڇيومانس تہ ”سڀ ڪجهہ مان ڇا مطلب آهي.؟“

سِڌو کي ڏسي شرمائجي وئي. ”توهان انوج سان پيار ڪريو ٿا نہ! مونکي خوشي ٿئي ٿي.“

اسان چانھ پئي پيتي تہ ھوءَ دوڪان جي صفائي ۾ ڪم ڪار ۾ لڳي وئي. ايتري ۾ ھڪ ٻيءَ خوبصورت نيپالي ڇوڪريءَ ڪجھ فارم ۽ فائيل کڻي انيتا وٽ آئي. انوج کي مونسان راند ڪندي ۽ ڳراٽڙيون پائيندي ڏٺائين تہ انيتا کان پڇيائين تہ ”ڪير آھي؟“

ٻُڌايائينس تہ ”پاڪستان کان آيو آھي ۽ سامھون واري ھوٽل ۾ ترسيل آھي.“ پاڻ ئي مونسان مخاطب ٿيندي چيائين تہ ”ڪڏھن کان ھتي آھيو؟“

ٻُڌايومانس تہ ”ھفتو کن ٿي ويو آھي.“

شڪايتي لھجي ۾ چيائين تہ ”پوءِ منھنجي شاپ تي ڇو نہ آيا آھيو؟“

چيومانس تہ ”مونکي تنھنجي شاپ جي خبر ئي نہ آھي.“

ھٿ جو اشارو ڪندي چيائين تہ ”چند قدم اڳتي نئين ڳوٺ واري روڊ تي ميجڪ اسٽار ريسٽوران نالي مھان ڪالي سيڪنڊري اسڪول جي سامھون آھي. ھاڻي ھلو تہ توھان کي ڏيکاري ڇڏيان.“

”مھرباني، تو وٽ ايندس.“

”اڄ شام جو اڇجو.“

”نہ اڄ ڀڳتاپور جو پروگرام آھي، شايد دير ٿي وڃي، سڀاڻي ضرور ايندس.“

”واعدو“

”ھا ضرور“

ھوءَ دلربا انداز سان ھٿ ٻڌي ٿينڪس ڪندي اھو چوندي وئي تہ ” آئون توھان جو انتظار ڪنديس.“

انيتا ٻُڌايو تہ ”شانتي نالو اٿس، ھي بہ ڳوناٽي ڇوڪريءَ آھي، ڪوآپريٽو سوسائٽي ۾ نوڪري ڪندي آھي ۽ شام جو پنھنجو شاپ/ريسٽوران ھلائي ٿي. رھائش بہ دوڪان ۾ اٿس.“

مون اڪثر ڏٺو ھو تہ ننگرڪوٽ ۾ روڊ جي ٻنھي پاسن کان ننڍڙا دوڪان، ريسٽوران، ڪيبنون ۽ بار آھن. سيني ۾ مرد ۽


books.sindhsalamat.com

عورتون گڏ ڪم ڪن، جي اگر مرد نوڪري ڪن تہ پوءِ سڄو ڪم عورتون ۽ ڇوڪريون ئي ڪن. انھن جا گھر يا تہ دوڪان جي ھينان يا وري لڳولڳ پاسي ۾ ننڍڙا ننڍڙا رھائشي يونٽ ٺھيل آھن. شانتي ڪافي پنڌ تائين مُڙي مُڙي ڏسندي وئي. اکين ۾ ڪشش، چپن تي معنيٰ خيز مسڪراھٽ ڇڏ تہ ھن جي دوڪان يا ڪاروبار جا سائين بورڊ ھجن.

آئون ۽ سِڏو انيتا کان موڪلائي، مندر واري رستي کان واڪ ڪندا ھوٽل ۾ داخل ٿياسين تہ 12 کان 13 سالن جون ٻہ خوبصورت ڇوڪريون مٽي سان سنڌي عورت جي ڪانبي جيان ٽوڪريون ٻڌل ھوٽل ۾ داخل ٿيندي اسان کي نظر آيون. سِڏو کي چيم تہ آئون ھنن جا فوٽو وٺندس ۽ ھنن سان گڏ فوٽو بہ ڪيرائيندس. ڇوڪرين سان جڏھن ڳالھايوسين تہ ڇوڪرين شرمائيندي فوٽو ڪيرائڻ کان انڪار ڪيو. سِڏو جي بہ ھنن ڳالھ ڪونہ مڃي. مون سِڏو کي چيو تہ ”ڇڱو ساڻن حال احوال ئي ڪريون ٿا، تون ترجماني ڪر.“

آئون سِڏو کي چوندو ويس، ھو نيپاليءَ ۾ ڪانئن پڇندو ويو. ھڪڙيءَ جو نالو ڪوِيتا ۽ ٻي جو نالو سبِيتا ھيو. جاڙيون ڀينرون ھيون. ستين درجي ۾ پئي پڙھيون. گھر ۾ پوکيل سبزيون آس پاس جي ھوٽلن تي وڪڻي گذر سفر ڪن ٿيون. ھو ٽوڪرين ۾ سبزيون کڻي ھوٽل تي ڏيڻ آيون ھيون. ھنن جي اسڪول جو ٽائيم صبح جو ڏھين وڳي کان وٺي شام ڇئين وڳي تائين ھوندو آھي. انھي ڪري ھنن کي ٻئي ڪم ڪار جو وقت بہ ملي ٿو وڃي.

مون ھنن کي چيو تہ ”آئون پنھنجي يادگيرين تي مشتمل ڪتاب لکندس. توھان بابت بہ لکندس. توھان جو فوٽو بہ ڏيندس. مون سان گڏ فوٽو ڪيرائيندؤ.“

ٻئي فوٽو ڪيرائڻ لاءِ راضي ٿي ويون. جڏھن مون فوٽو ڪڍي ڊجيٽل ڪئيمرا جي ڊسپلي تي کين ڏيکاريا تہ ڏاڍيون خوش ٿي پيون.


www.sindhsalamat.com

صبح جو ڏهين وڳي هوٽل کان روانگي جو پروگرام طئہ ٿيل هو. اسان سيني کي هدايت مليل هئي تہ مرد پينٽ شرٽ يا ڪوٽ ٽاءِ ۾ هجن. ڪوبہ پنهنجو روايتي لباس پائي نہ هلي. اسان جي گروپ ميمبر نِيلِيمي راءِ، جيڪا ڀڳتاپور جي رهاڪو آهي، ان جي هدايتن تي عمل ڪرڻو آهي. ٽورسٽ بس بہ اچي ويئي. اسان جا باقي دوست بہ گڏجڻ شروع ٿي ويا هيا. نيڪ ڏهين وڳي ننگرڪوٽ کان ڀڳتاپور لاءِ روانا ٿياسين.

بس تي چڙهڻ کان اڳ ۾ سونالي منهنجي پر ۾ ايندي ڏاڍي معنيٰ خيز انداز سان وڏي آواز ۾ چيو تہ ”اڄ ڪهڙو خوشنصيب توهان سان گڏ ويهندو.“

سڀ کان اڳ ۾ سِڏو هٿ مٿي ڪيو ۽ گڏ ويهڻ جي خواهش ظاهر ڪئي. سونالي کي چيم ”توهان وانگر جنهن جي دل وڏي هوندي ان جي پر جهليندس.“

اسان جي گروپ جي ٻن بنگلاديشي دوستن فيروز احمد ۽ ابوُ ريحان البيروني (نالو وڏو ديهہ ويران، جنهن کي اسان صرف ابوُ ڪري سڏيو پئي) کي اسان پاڪستانين کان خدا ڪارڻ ڪا نفرت هئي، جو اسان سان ڪڏهن بہ ڪلي ڪونہ ڳالهايائون.

منهنجي خواهش هئي تہ آئون انڊين ناگالينڊ جي دوست اتيِلُوخُراسِي سان گڏ ويهان. جنهن کي ادب، تاريخ، شاعري ۽ موسيقيءَ سان تمام گهڻو لڳاءُ هو.

هن ڌرتي جا رنگ، ٿڌيون هوائون، ماڪ پني سان مهڪندڙ مٽي ۽ گُلن جي مهڪ، مرڪون، ڳوڙها، نرم ۽ گرم هٿڙن جو گداز، پکي پکڻ، وڻ ٽڻ ٻوٽا ۽ ماڻهو بہ اجنبي نہ رهيا هيا. هر هر منهنجي ذهن تي سِڏو جا چيل لفظ تري تي آيا ”تون جڏهن نيپال ڇڏيندين تہ ڪيئن محسوس ڪندين؟“

منهنجي واتان بيساختہ نڪتو تہ ”آئون پنهنجي رولاڪ روح کي ڀڳتي لباس پارائي جوڳ وٺرائي ڇڏيندس.“

“What” اتِيلُو مونکي ٻانهن مان جهلي ڏونڏاڙي خيالن جي دنيا مان موٽائي ورتو هو. بس ڪافي سفر ڪري چُڪي هئي.



”ڪٿي گم آهيو؟“

ٻُڌايومانس تہ ”زندگي جي سفر تي پيو سوچان.“

”اڙي واهہ پوءِ تہ اسان سيني کي ٻُڌايو نہ.“

باقي دوست هڪٻئي سان ڳالهين ۾ مشغول هئا. مون ڪشور ڪمار جو ڳايل يادگار گانو ڳائڻ شروع ڪيو.

زندگی کے سفر میں گزر جاتے ہیں جو مقام
وہ پھر نہیں آتے۔
پھول کھلتے ہیں
لوگ ملتے ہیں
مگر پت جھڑ میں جو پھول مرجھا جاتے ہیں
وہ بہاروں کے آنے سے کھلتے نہیں
کچھ لوگ اک روز جو بچھڑ جاتے ہیں
وہ ہزاروں کے آنے سے ملتے نہیں
عمر بھر چاہے کوئی پکارا کرے ان کا نام
وہ پھر نہیں آتے
وہ پھر نہیں آتے۔

سيئي دوست گڏجي ڳائڻ ۽ جهومڻ لڳن ٿا. مئڊم اسٽيلا بہ چپٽي وڄائڻ شروع ڪري ٿي ڏئي. گانو ختم ٿو ٿئي تہ مئڊم خوشيءَ جو اظهار ڪندي ٻُڌائي ٿي تہ ٻِڪالپا طرفان هن وقت تائين جي انٽرنيشنل ٽريننگس مان هي گروپ سڀ کان سُٺو ۽ سگهارو گروپ آهي. اسان توهان سيني کي تمام گهڻو ياد ڪنداسين. رمضان کي تہ يقيناً تمام گهڻو ياد ڪنداسين.

بس ڀڳتاپور شهر ۾ داخل ٿي وئي هئي. اسان کي هڪ دفعو ٻيهر نيليما کي فالو ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي.

ڪٺمنڊو کان ننگرڪوٽ ڏانهن ايندي بہ اسان جو ڀڳتاپور جي شهري علائقي مان گذر ٿيو هو. صدف هٿ جي اشاري سان

تاريخي جڳھون، مندر، ٽيمپل ۽ ٻيا علائقا مونکي ڏيکاريا ھئا. ھن شھر جي تاريخي حيثيت بابت ڪجھ ڳالھين جي اڳ ۾ بہ ڄاڻ ھئي، مگر ڏسڻ جو تمام گھڻو اشتياق ھو.

اسان ڀڪتاپور جي ھڪڙي قديم رھائشي علائقي جي پڪين سرن سان جُڙيل گھٽي مان ٽڪڙا ٽڪڙا اڳتي ھلندا رھياسين، جتي بہ ڪوڙ ساريون تاريخي جايون موجود ھيون. ان وقت مونکي اندازو نہ پئي ٿيو تہ وک وک ۾ چپي چپي تي ڦھليل تاريخ کي ھڪ لمحي لاءِ بيھي ڏسڻ ڪان سواءِ ڪيڏانھن پيا وڃون. لڳ ڀڳ ڏھن منٽن جي پنڌ ڪان پوءِ اسان قديم طرز جي پڪين سرن سان ٺھيل تمام ڪشادي ميدان/ آڱر تي اچي پھتاسين. جتي اُن ڪشادي ۽ وسيع ميدان جي چوڌاري حيرت ۾ وجھي ڇڏيندڙ تاريخي عجائبات نظر آيا. صدين ڪان ڳاٽ اُوچا ڪري بيٺل محل، پگوڊاز، ٽيمپلز، مندر، مورتيون، ديويون ديوتا ۽ در، درين ۽ ديوارن تي اُڪريل زندھ و جاودان نقش و نگار ڏسڻ ڪان پوءِ مون کي موھين جو دڙو، مڪلي، رني ڪوٽ، حيدرآباد، سانگھڙ، سکر، خيرپور، دادو، روھڙي، ننگرپارڪر، عمرڪوٽ جا ڊھندڙ ڀُرندڙ آثار ياد آيا. جن کي اسان ۽ اسان جي حاڪمن لتاڙي تباھ ۽ برباد ڪرڻ ۾ ڪا بہ ڪسر نہ ڇڏي آھي. مونکي محسوس ٿيو تہ بادشاھن جو ڏنبو ھيو، جو جاءِ جاءِ تي مختلف عقيدن جا ڀڳوان ويھاريا ويا آھن. نہ تہ گھٽتائي تہ ھنن ۾ بہ ڪونھي. آخرڪار آھن تہ ايشيائي نسلن مان نہ. مونکي بعد ۾ احساس ٿيو تہ ٽڪيٽ جا 100 روپيا بچائڻ لاءِ پينٽ شرٽ پائي نيپالين جھڙو ٻُوٿ ڪري ھلڻو ھيو ۽ چور گھٽين مان گذاري ھيستائين پھچايو ويو. جڏھن تہ اصل في تہ پنجاھ روپيا ھئي ۽ ٻاھرين ملڪن جي سياحن لاءِ 700 روپيہ جڏھن تہ سارڪ ملڪن جي ماڻھن لاءِ خصوصي رعايت ھئي تہ اھي صرف 100 روپيا ڏيئي بغير ڪنھن ڊپ ڊاءَ جي گھمي ڦري سگھيا پئي. مون دل ئي دل ۾ چيو:

او ڀڪتاپور جا ڀڳوان!



books.sindhsalamat.com

ڏک نہ ڪجانءِ
جي اسان توکي ڏسڻ جا
100 روپيا نہ ڏناسين.
اسان جا ماڻھو تہ
مسجدن، مزارن ۽ درگاھن تان
چندي واريون پيٽيون
ٽوڙي الھ تلھ ٻُھاري ويندا آھن
يا وري پيٽيون ئي کڻي ويندا آھن.
واعدو آھي،
آئون ٻيھر موٽي ايندس
۽ تنھنجو قرض ضرور چُڪائيندس.

اِٽِيلُوڪي مون چيو تہ "انھيءَ ۾ ڪو شڪ ناھي تہ ھي شاندار شھر، انھي جا تاريخي ماڳ مڪان، آثار، گھٽيون، بازارون، ٻني ٻارا ۽ لوڪ ورثو ھڪڙي ڏينھن ۾ نہ ٿو گھمي سگھجي. پوءِ بہ اسان وٽ ڪافي وقت آھي. ضروري ناھي ٻاڪر ڊوڙ (ٻڪرين جيان ڊوڙڻ) ڪري رڳو جاين کي جھاتيون پائجن ۽ فوٽو ونجن. جي توھان مناسب سمجھو تہ سُڪون سان گھمجي، پوءِ کڻي جتي چيھ ٿئي. ھن کي منھنجي صلاح دل سان لڳي. اسان جي گروپ جي اڪثر دوستن کي تہ تاريخ سان ڪا بہ دلچسپي نہ ھئي. عورتن کي تہ رڳو شاپنگ جو شوق ھيو. نوجوانن نينگ ٽپا ڏيڻ ۽ فوٽو ڪيرائڻ کي ترجيع پئي ڏني.

اسان جنھن ڪشادي ميدان يا آڱر تي بيٺا ھياسين. اھو ڀڪتاپور جو مرڪزي دربار اسڪوائر ھو. معلوم ٿيو تہ دربار اسڪوائر ۾ داخل ٿيڻ جي فيس ڪان علاوه ٻي ڪا بہ فيس ناھي. پر مخصوص جاين جي اندر جي فوٽو گرافي منع ھئي.

اِٽِيلُو، ڪڳندرا پوري، سيڏاراج (سِڌُو) ۽ آئون آس پاس جي ماحول جو متاچرو مشاھدو ڪندا رھياسين. پر اسان مان ڪنھن کي بہ ڪا خاص تاريخي معلومات نہ ھئي. اتي موجود مقامي گائيڊن ڪوشش ڪئي تہ اسان سندن مدد ونون. سِڌُو ۽ ڪڳندرا



www.sindhsalamat.com

ڪين پنهنجي زبان ۾ ٻڌايو تہ اسان کي سڄي ڄاڻ آهي. ڪنهن بہ گائيڊ وغيره جي ضرورت ناهي.

سِڌُو ٻُڌايو تہ ”55 دري محل ڏسڻ ۽ گولڊن گيٽ ٽيمپل ۾ داخل ٿيڻ جي صرف هندن کي اجازت آهي.“

کِلي چومانس تہ ”توهان اڳيان ٿيو آئون ڪا نہ ڪا اٽڪل ڪيان ٿو.“ پوءِ بہ هُو ڊنل هيو. گيٽ تي بيٺل سپاهي هر هڪ کان پڇندو ٿي ويو. منهنجو وارو آيو تہ ٻُڌايو مانس تہ نالو رامچند گوپالي آهي ۽ انڊيا کان آيو آهيان. مونکي اندازو هيو تہ انڊيا جو ٻُڌي هُو نہ ڪارڊ پڇندو ۽ نہ پاسپورٽ ۽ ائين رمضان راهي عرف رامچند گوپالي 55 دري محل ۾ داخل ٿي ويو.

55 دري محل جيڪو فنِ تعمير جو شاهڪار آهي تہ وري سامهون مُک دروازي تي اڏيل ناگا پوکري (نانگن جو تلاءُ) بہ هڪ عجوبي جيان آهي. ڄڻ تہ اهي نانگ، محل جي چوڪيداري ڪندا هجن، جن جي بناوت بہ وقت جو شاهڪار آهي.

اسين گهمي ڦري هڪ وڏي ڪاريهر نانگ جي پر ۾ اچي بيٺاسين. ڪجهہ نانگ تہ پاڻي جي هڪ وڏي تلاءُ کي گهيريو ويٺا هئا. مون دوستن کي چيو تہ”اچو تہ توهان کي هڪ دلچسپ ڪهاڻي ٻُڌايان، جيڪا منهنجي سوچ ۽ ذهن جي پيداوار آهي. هي نانگ نہ آهن پر هن تلاءُ جا چوڪيدار آهن. سونهن راڻيون جڏهن هن تلاءُ ۾ وهنجڻ اينديون هونديون. پنهنجا گداز، لچڪدار ۽ خوبصورت بدن ڌوئڻ لاءِ پاڻي ۾ ٽُڙڳنديون ۽ ڪيچلايون ڪنديون هونديون. پنهنجا ڪارا وار کولي، تلڪ لڳائي، پُورين نشيلين نيڻن سان نانگڻ جو روپ ڌاري وننديون هونديون، تڏهن اهي ڪاريهر سندن سحر ۾ مست ٿي جهومندا هوندا. جڏهن کان ڀڳتاپور مان راڻين جو راڄ ختم ٿي ويو آهي، تڏهن کان تلاءُ بہ خُشڪ ٿي ويو آهي ۽ اهي ڪاريهر پنڊ پهڻ ٿي ويا آهن. هي محل ڦڙڦانگ ۽ ويڳاڙو ٿي پيو آهي.“

”واهُ گريٽ، يقينن ائين ئي هوندو. هندو ميٿالاجي ۾ اهڙيون ڪيئي ڏندڪٿائون ۽ سچا واقعا موجود آهن.“ اِٽيلُو کي تہ يقين



books.sindhsalamat.com

ئي نہ پئي آيو تہ اها ڪهاڻي منهنجي ذهني تخليق آهي. هن چيو تہ ” تو ضرور ڪٿي پڙهيو هوندو.“

چيومانس تہ نہ ”منهنجو ڪتاب ايندو تہ ان ۾ اها جيئن جو تيئن لکي ڇڏيندس. پوءِ جيڪڏهن هتان جي گائيڊن ائين ئي ماڻهن کي ٻُڌائڻ شروع ڪيو تہ انهن جو ڪاروبار چمڪي پوندو ۽ رامچند گوپالي جي ميٿالاجي تاريخ جو حصو ٿي ويندي.“ اسين انهي ڳالهہ تي کلندا ٻاهر نڪري آياسين. گولڊن گيٽ کان ٻاهر نڪتاسين تہ ڏکهي ٽنيي تي 55 دري محل جو بادشاهہ ڀُپيندرا مالا هٿ ٻڌي اسان کي ڏسي مسڪرائي رهيو هو. مون اِٽيلُو کي چيو تہ ”هڪ ٻي دلچسپ ڳالهہ ٻُڌايان تہ سامهون ٿنڀي تي ويٺل ڪنگ مالا بہ مون واري ڳالهہ تي خوش ٿي مسڪرائي رهيو آهي، ڄڻ چوندو هجي تہ مڙس جو پُٽ آهين.“ سڀئي دوست انهي نئين ڳالهہ ٻُڌڻ تي وڏا وڏا ٽهڪ ڏيڻ لڳن ٿا.

مون ڏٺو تہ ڪجهہ پرڀرو مردن ۽ عورتن جو هڪ گروپ روايتي سازن جي ڌُنن ۽ ڊولڪ جي ٿاپ تي ڀڄن ڳائيندو پئي آيو. آئون ڊوڙي وڃي انهن جي گروپ ۾ شامل ٿيس. ڪجهہ پنڌ ڪرڻ کان پوءِ اهي سڀ جا سڀ هڪ مندر ۾ داخل ٿي ويا. معلوم ڪرڻ تي ٻُڌايو ويو تہ تازو ئي ديوالي (ڊِيپالي) ڏياري جو تهوار ٿي گذريو آهي. انهي کان پوءِ ننڍا ننڍا تهوار شروع ٿيندا آهن، ماڻهو باسون باسيندا آهن، پوڄا پاٺ ڪندا آهن. هي بہ انهي قسم جو هڪ ننڍو تهوار آهي.

ڀڳتاپور جي هر پاڙي، هر گهٽي ۽ هر چوڪ تي مندر ۽ ٽيمپل ڏسي مون کي مٺياري ياد اچي وئي. جتي هر گهٽي، هر پاڙي ۾ ننڍيون وڏيون مسجدون، درگاهون ۽ مزارون آهن. ڀڳتاپور جا بہ ڪيئي رنگ آهن. درٻار اسڪوائر جي تاريخ تہ ڪجهہ صدين تي محيط آهي، ليڪن آس پاس تي اگر نظر ڦيرائجي تہ معلوم ٿئي ٿو تہ ڪي ڪي آثار قبل مسيح جا بہ آهن ۽ هزارين سالن جي تاريخ رکن ٿا. درٻار اسڪوائر جتي نہ صرف تاريخ جا اڻ مِٽ نقش زنده و جاودان آهن. اتي جديد دؤر جي



www.sindhsalamat.com

زندگي ۾ روان دوان آهي. اسڪول، بازارون، هوٽل هن علائقي ڪي وڏيڪ رونق بخشين ٿا. پنج ماڙ اُوچي نيا تيولا ۽ سِڌي لڪشمي ٽيمپل جي سامهون وسيع ميدان تي تعليمي نمائش لڳل هئي، جتي نيپال ۽ هندستان جي اسڪول جا ٻارڙا رنگ به رنگي يونيفارم ۾ پنهنجي هٿ جي نهيل فن پارن، پينٽنگس ۽ تدريسي ماڊلز سان سجايل پنهنجي پنهنجي اسٽالن تي موجود هئا. جتي اڪثر عورتون استاديائيون ڪين رهنمائي ڪرڻ ۾ مصروف هيون. اها تعليمي نمائش به سياحن جي دلچسپيءَ جو مرڪز هئي. هندي ٻولي ڪان ڪافي قدر شناسائي هجڻ ڪري آئون انگريزيءَ واري خفي ڪان بچيل هئس. مون ٻارن سان پنهنجو تعارف ڪرايو ۽ حال احوال شروع ڪيا ته ڏاڍو دلچسپي وارو ماحول پيدا ٿي پيو.

تعليمي نمائش ۾ موجود وديا ارجن انگلش اسڪول ڀڳتاپور جي ٻن مهربان استاديائين سان عليڪ سليڪ ٿي ته ڪجھ دير ڪچهري ڪرڻ بعد چانھ پيئڻ جي آڇ ڪيائون. اهو منهنجي لاءِ پهريون موقعو هو جو پهرين ملاقات ۾ هنن ميزباني جو شرف ادا ڪندي چانھ جي آفر ڪئي. مس مانِي ڪالا ڪَنوان هندستاني آهي ۽ ڀڳتاپور ۾ رهي ٿي. جڏهن ته مس انوراڌا پرڌان نيپالي آهي ۽ سندس خاندان اوائل ڪان ڀڳتاپور ۾ آباد آهي. آئون ڪجھ دير لاءِ انهن سان گڏ رهيس، ٻيا دوست ارد گرد گهمندا رهيا. مون انوراڌا ڪان پڇيو ته ”يلا هي جيڪي ٽورسٽ گائيڊ آهن، اهي ڪتابن، ڪتائن ۽ بروشرن مان رٽيل معلومات ٻُڌائن ٿا يا پنهنجي طرفان هٿ نوڪيون ڪهاڻيون گهڙي ماڻهن کي متوجهه ڪرڻ لاءِ ٻُڌائيندا رهن ٿا. هوءَ کِلي پئي. چيائين ته توکي هڪڙي ڳالھ ٻُڌايان ته ”مون تاريخ ۾ ماسٽرس ڪئي آهي. نيپال بابت گهڻو ڪجھ ڄاڻان ٿي. مختلف جُز وقتي وفدن جي گائيڊ به رهي آهيان. هتي نيپال ۾ تعليم، ثقافت، قومي ورثي ۽ سارڪ جي پليٽ فارم تي ڪوڙ سارين مختلف قسم جون ڪانفرنسون ٿينديون رهنديون آهن. هتي جا ٽورسٽ گائيڊ ته حد ڪري ڇڏين



ٿا. اهڙيون اهڙيون هٿ نوڪيون ۽ جُڙتُو ڪهاڻيون ٻُڌائين ٿا جو اسان ڪي به ڏندين آڱريون اچيو وڃن. اهڙي ئي هڪ ڳالھ ٻُڌائيندي چيائين ته 55 دري محل جي باري ۾ اڄڪلھ هڪ دلچسپ ڪهاڻي منظرِ عام تي آئي آهي. جيڪا سراسر غلط ۽ من گهڙت آهي ته 55 دري محل جو نالو بادشاهه جي 55 زالن، راڻين جي ڪري پيو آهي. هر هڪ دري الڳ الڳ راڻي جي نالي هئي. جڏهن بادشاهه دربار ۾ ايندو هو يا رعايا کي زيارت ڪرائيندو هو ته راڻيون به پنهنجيءَ پنهنجيءَ دريءَ تي ويهي ڪيس ڏسنديون هيون ۽ جڏهن محل ۾ داخل ٿيندو هو ته راڻيون درين مان ويهي سندس آجيان ڪنديون هيون. هن هٿ نوڪي ڪهاڻي ڪي ايترو ته ورجايو پيو وڃي جو، هتان جا ماڻهو به يقين ڪرڻ لڳا آهن.“

جنهن تي مون ناگا پوڪري/نانگن واري تلاءُ بابت پنهنجي خيالي ڪهاڻي ٻُڌائي مانس ته چيائين ته ”يقين ڄاڻو ته اگر اها ڪهاڻي ڪنهن گائيڊ ڪي ملي پوي ته هُو ورائي ورائي پيو ٻُڌائيندو ۽ ڪو نه ڪو ٽوئرسٽ/سياح، پنهنجي بلاگ ۾ ڏيئي ڇڏيندو. ڪجھ وقت ڪان پوءِ ماڻهو انهي ڪهاڻي تي يقين ڪرڻ لڳندا.“ مون ٻنهي مهربان استاديائين جو ۽ ٻارن جو شڪريو ادا ڪيو ۽ هڪ ٻئي سان اتو پتو شيئر ڪري موڪلايوسين.

مون ڪي نيپالي ماڻهن جي محبت ۽ بيپناهه پنهنجائپ تمام گهڻو متاثر ڪيو. مون ڪوشش ڪئي ته ڪي اهڙا ماڻهو به ملي پون، جن جو علمي، ادبي ۽ صحافتي دنيا سان لاڳاپو هجي. يقينن ڪوڙ ماڻهو هوندا. مگر جنهن ليول جي ماڻهن سان ملاقات پئي ٿِي، اهي ڪنهن ملازمت يا پنهنجي ڌنڌي ڌاڙي وارا ماڻهو هئا. مون ڪوشش پئي ڪئي ته سندن نالا ۽ ڪرت ياد رهي ۽ وري مون نوٽ به ڪيا پئي ته جيئن نه وسرن. پر هتان جي ماڻهن جي محنت، پورهئي، هٿ جي هنرن، چاهي اهو ڪاشي جو ڪم هجي، پٿر تي اڪر جو ڪم هجي، ڪاٺ جي جڙاوت ۽ مجسمي سازي جو ڪم هجي، چيني مٽي ۽ مٽي جي ٿانون جو




books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

خوبصورت ڪم هجي، گهريلو هنرن ۽ تعميرات جو ڪم هجي، بني باري پوکي راهي يا سبزيون پوکڻ جو ڪم هجي، انهن ئي ڪمن، هنن ماڻهن کي زنده دل بنائي رکيو آهي. هن وقت به فنِ تعميرات ۾ جنهن قسم جو ڪاٺ تي چٽسالي جو ۽ مجسمي سازي ۽ اُڪر جو ڪم ٿئي ٿو، جيڪو هزارين سال آڳاٽي اُڪر ۽ جُڙاوت سان مماثلت رکي ٿو. مون ڏٺو ته دربار اسڪوائر جي آس پاس نين ٺهندڙ بلڊنگن ۽ مختلف تاريخي جاين جي ٻيهر بحالي تي انهي ساڳي طرح جو خوبصورت ڪم ٿي رهيو هو.

مهاتما ٻُڌ ۽ ٻين ديوين، ديوتائن ۽ ڀڳوانن جي ننڍن وڏن مجسمن ۽ ماسڪ ناهڻ وارا ڪاريگر مرد توڙي عورتون مون کي ننگرڪوٽ، کٺمنڊو ۽ ڀڳتاپور ۾ هر جاءِ تي نظر آيا. معلوم ڪرڻ تي ٻُڌايو ويو ته اهو ڪم هتان جا ماڻهو ڪيترين ئي پيڙهين کان ڪندا پيا اچن.

ڀڳتاپور جي بازارن، گهٽين، دوڪانن ۽ ريسٽورانن جو وري الڳ ۽ منفرد رنگ ڍنگ آهي. هڪ لڳا مون کان ڪنهن دوست پڇيو ته اسانجي بازارن خصوصاً ڪاسميٽڪس، جيولري ۽ ڪپڙي جي دوڪانن تي وڏا وڏا پردا چو لڳل هوندا آهن. پردن پويان ڪهڙو ڪاروبار ٿئي ٿو.مون وٽ ڪوبه جواب نه هو. پر هتان جي بي پردا (پردن کان سواءِ) ۽ حُسن و جمال جي پيڪر دوڪاندارن وٽ خريدارن جا انبوهه ڏٺاسين. ڪيسي ڪٽجڻ ۽ دل لٽجڻ جو ڊپ به رهيو. منهنجي ذهن تي استاد بخاري جون سٽون:

محفل حسين تنهنجي، تنهنجا حسين ماڻا،
هت مير پير آهن، ناٽي بنا وڪاٽا.

بار بار تري پئي آيو.

ڀڳتاپور اسڪوائر جي قديم بلڊنگ ۾ قائم نيشنل آرٽ گيلري به ڏسڻ وٽان آهي. جيڪڏهن عام رواجي اک سان ڏٺو وڃي ته هي سڄو شهر جهڙو پڻ هڪ گيلري آهي. جتي مختلف رنگ ۽ نسل جا جيئرا جاڳندا ماڻهو، انهن جي ڪرت، ڪاروبار


books.sindhsalamat.com

۽ انهن جي رهائش، بلڊنگون، تهوار هڪ قسم جي تاريخي گيلري جيان ئي آهن. جيڪڏهن آرڪيالاجي، انٿراپالاجي، مذهب ۽ تعميراتي شعبي سان دلچسپي رکندڙ ماڻهو وٽ گهمڻ جو ججهو وقت آهي ته هن قسم جي ميوزيم مان ڪنهن حد تائين اتان بابت مستند معلومات حاصل ڪري سگهي ٿو. ڪيس گائيڊ جي ضرورت نه پوندي.

سياحت جڏهن کان هن ملڪ جي معيشيت ۽ مجموعي آمدني جو ذريعو بڻي آهي، تڏهن کان انڌي کي لٺ جي سهاري وانگر سياحن کي عطائي گائيڊن جي ور چاڙهيو ويو آهي. گهڻي ڪوشش باوجود اگر ڪو شخص اڪيلو ۽ پاڻ مرادو ٽوئر ڪري ٿو ته جاين جي اصل حقيقت ۽ تاريخي حوالن کان محروم رهي ٿو. اهڙي صورت ۾ ڪين مهانگا بروشر به ونڻا پون ٿا ۽ جيڪڏهن گفٽ طور ڪا شئي ونڻ به چاهي ته اها ڳاٽي ٽوڙ اگهه ۾ ڪيس ملندي.

درباراسڪوائر جي حدن ۾ موجود گولڊن گيٽ، ناگا پوکري، 55 دري محل، ڪيدار ناٿ ٽيمپل، نيشنل آرٽ گيلري ميوزيم، فاسي ڊيگا ٽيمل، شينهن وارو دروازو ۽ شينهن جو بُت، ڪيدا ماٽا ٽيمپل، وتسالا ديوي ٽيمپل، ڪچا ڪوگن (پونڪنڊڙ گهنڊ) چيسلن ڊيگا ٽيمپل، سِدي لڪشمي ٽيمپل، بدري ناٽا ٽيمپل، يڪ ششوارا ٽيمپل، پُيپندرا بادشاهه جو مجسمو، نيا ٽپولا ٽيمپل، پئيرپ ناٿ ٽيمپل، ڊِٽا ترايا ٽيمپل ۽ ٻين ننڍين وڏين جاين ۽ ڪاٺ، پٿر ۽ درين ديوارن تي اڪريل مجسمن جون وري الڳ الڳ ۽ عجيب ڪهاڻيون آهن. انهن سڀني ۾ مون سميت اڪثر ماڻهن جي دلچسپي جو مرڪز ڪاماسُترا ۽ واضع جنسي لاڳاپن وارا مجسما هئا، جيڪي مختلف ٽيمپلن جي در و ديوار تي جا بجا نظر آيا. انهن ۾ دتا ترايا ٽيمپل ۽ يڪ ششوارا ٽيمپل سرِفهرست هئا. مون نوجوان جوڪرن ۽ جوڪرين کي انهن جي آس پاس مزي سان وينل ۽ گهمندي ڦرندي ڏٺو.


www.sindhsalamat.com

پڳتاپور درباراسڪوائر ۾ گهمندي اسان کي ڪافي دير ٿي وئي هئي. ٻين دوستن جي ڪابہ خبر نہ هئي تہ اهي ڪٿي هئا. اسان کي چئين وڳي بس اسٽينڊ تي واپس پهچڻو هيو. مون ٽائيم ڏٺو تہ ٻہ ٿيا هئا. اسان کي درباراسڪوائر ۾ جهڙوڪر ٽي ڪلاڪ ٿي ويا هيا. مون اتِيلُو، ڪڳندرا ۽ سِڌُو کي چيو تہ آئون توهان کي وڌيڪ پابند نہ ٿو ڪريان. مون کي پڳتاپور جي پڳوانن جي آشيرواد ملي وئي آهي. آئون گهمندي ڦرندي اڪيلو بہ بس تائين پهچي ويندس. جيڪڏهن توهان چاهيو تہ آزادي سان پنهنجي مرضي سان گهمي ڦري سگهو ٿا. ڪڳندرا پُوري مون سان گڏ هلڻ پسند ڪيو. ڪڳندرا تازو ئي تري يوَن يونيورسٽي مان گريجوئيشن ڪئي آهي. انتهائي ڪلڻو ملڻو نوجوان آهي. اسان ٻئي پڳتاپور جا مختلف علائقا، بازارون، ننڍا وڏا مندر، ٽيمپل، شادين مرادين، باسون باسڻ، گناهہ بخشرائڻ وارن فنڪشنن، چؤيارين، ڪچهرين، ڪوهن، تلائن، ندين، ٻنين، باغن، گُلن ٻوٽن کي ڏسندا ۽ گهمندا ڦرندا رهياسين. ٿڪاوٽ ۽ بُک جو تہ بلڪل بہ احساس نہ ٿيو. مون کي هر هنڌ عورتون مختلف ڪمن ۾مصروف نظر آيون. بس اسٽاپ ڏانهن واپس ايندي پڳتاپور شهر جي هڪ مُکيہ گهٽي ۾خوبصورت جوان جوڪريون اُکري ۾ ان ڇڙيندي، وهنجندي، ڪپڙا ڌوئيندي، وار ڌوئيندي ۽ سُڪائيندي، ٿڌ جي ڪري ٻغلن ۾ هٿ وجهي سج جي سيڪ تي هٿ سيڪيندي نظر آيون.

مون پر وٽي وجي هڪڙي جوڪريءَ کي چيو تہ چا مان توسان هٿ ونڊائي سگهان ٿو. هُن ويرم ئي نہ ڪئي، اُٿي بيني، ڪپڙا، پاٽيءَ جي بالٽي ۽ ويهڻ واري منجي/ٽاپي منهنجي حوالي ڪري، پاڻ ٿورو پري ٿي بيني. آس پاس ڪم ڪندڙ جوڪريون ۽ عورتون مسڪرائيندي ڏسڻ لڳيون. مٿان گيلري مان بيهي هڪ عورت (جيڪا سندس ماءُ پئي لڳي) سڏ ڪري پڇيائينس تہ ”ڪير آهي ۽ چا پيو ڪري.“ هن وراڻيس تہ ”ڪو ٽورسٽ آهي ۽


books.sindhsalamat.com

منهنجا ڪپڙا پيو ڌوئي.“ ماءُ چيس تہ ”چئينس تہ ايڏي همت وارو آهي تہ اسان وٽ ئي رهي پئي.“

مون دل ئي دل ۾ چيو تہ ” نہ هيءَ سسئي آهي ۽ نہ آئون پنهون جو هن کي ماڻڻ لاءِ ويهي ڪپڙا ڌوئان“

هن پنهنجو نالو انُوجا ٻُڌايو. بي ايس سي پارٽ ون جي شاگردياڻي هئي. سندس پر ۾ جنهن جوڪريءَ ڪپڙا پئي ڌوتا، سندس نالو راڌا هو، ٻئي سؤٽ هيون، ساڳي ڪاليج ۾ هم ڪلاسي هيون.

مون اهو فوٽو فيس بُڪ تي شيئر ڪندي ڪيپشن ڏنو هو تہ:

”ڪڏهن ايئن هياس، جو پنهون ڌوتم ڪپڙا“

واپسيءَ جو ٽائيم بہ اچي ويجهو ٿيو. اسان بيڪريءَ تان ڪائڻ پيئڻ جون شيون وٺي اچي بس ۾ ويناسين.



رامچند گوپالي 55 دري محل جي مک دروازي اڳيان


www.sindhsalamat.com

## • لُمبيني، پوکرا ۽ نيپال گنج جو خواب

پگتاپور مان نڪتاسين ته هڪ دفعو ٻيهر صدف مون سان گڏ اچي ويٺي ۽ ٻڌايائين ته "نيپال جي سرزمين تمام گهڻي خوبصورت آهي. ليڪن لُمبيني، پوکرا ۽ سندس علائقو نيپال گنج وڌيڪ خوبصورت آهن. جيڪڏهن توهان پروگرام ناهيو ته آئون سات ڏيئي سگهان ٿي. چاهيان ٿي ته توهان منهنجو علائقو ۽ گوٺ به ڏسو."

هن ٻڌايو ته "لُمبيني ڪوهه هماليه جي دامن ۾تمام خوبصورت علائقو آهي، جتي گوتم ٻڌ جو جنم ٿيو هيو. قدرتي طور تي خوبصورت وادين ۽ نظارن هجڻ سان گڏوگڏ نيپال سرڪار جي انهي علائقي تي خاص توجهه رهي آهي. پوکرا نيپال جو واحد علائقو آهي، جتي نديون پارهوئي وهندي نظر اچن ٿيون. اتان جي مشهور ڦيوا ليڪ (ڍنڍ) بوٽنگ ۽ سياحن لاءِ دلچسپي جو مرڪز هوندي آهي. نيشنل پارڪ، هاٿين جي پرورش، گهاٽا ساوا ٻيلا ۽ جهنگ به ڏسڻ ۽گهمڻ وٽان آهن."

هن ٻڌايو ته"نيپال گنج ته منهنجو پنهنجو علائقو آهي. جتان جا ميداني علائقا، فصل، ننڍا وڏا ڳوٺ، وڻ وٽڪار يقينن توهان کي تمام گهڻا پسند ايندا. هي اهو علائقو آهي، جتي مسلمانن جي گهڻائي آهي. مون پنهنجي خاندان وارن سان توهان جو ذڪر ڪيو آهي. مون کي يقين آهي ته توهان جي هلڻ سان اتان جي ماڻهن ۽ منهنجي خاندان کي تمام گهڻي خوشي ٿيندي. جيڪڏهن توهان نيپال جا اهي علائقا نه ڏٺا ته پوءِ توهانجو نيپال جو سفر اڌورو هوندو."

مونکي ياد ٿو اچي ته ڪٺمنڊو کان ننگرڪوٽ ايندي به هن اها ڳالهه چئي هئي. مون هن کي چيو ته "توسان گڏ اهي علائقا گهمڻ ۾ مونکي تمام گهڻي خوشي ٿيندي. اجا ته واپسي ۾ ڪافي ڏينهن آهن. آئون ڏسان ٿو ته جيڪڏهن مونکي واپسي


books.sindhsalamat.com

جي فلائيٽ ڪجهه ڏينهن پوءِ جي ملي ٿي وڃي ته پوءِ پروگرام ناهي وٺنداسين. منهنجي به دل چاهيو پئي ته نيپال جا اهي علائقا به گهمي ڏسجن."

واپسيءَ تي گروپ جا ڪافي ميمبر ٿڪجي پيا هئا. ڪو به ڇهچٽو محسوس نه ٿيو. سج لهڻ مهل اچي ننگرڪوٽ پيڙا ٽياسين. انين وڳي ڊنر تي گڏجڻ جو پروگرام طئي ٿيو. انٽرنيٽ تان پي آئي اي ڪٺمنڊو ۽ ڪراچي جا نمبر هٿ ڪري رابطو ڪريان ٿو. نپ جواب ڏيئي ڇڏيائون. ايندڙ 20 کان 25 ڏينهن تائين ڪابه سيٽ نه ٿي ملي سگهي. مون پنهنجي اين جي او جي لاجسٽڪ آفيسر سان اسلام آباد رابطو ڪيو ۽ فلائيٽ تبديل ڪرائڻ لاءِ چوانس ٿو. ٿوري دير بعد فون ڪري ٻڌايائين ته ڪم نه ٿو ٿئي.

ڊنر تي صدف کي ٻڌايم ته "لُمبيني، پوکرا ۽ نيپال گنج جو خوبصورت تصور ۽ خواب ڪٽي موٽي ويندس ۽ اها اميد به ڪٽي ويندس ته ٻيهر موٽي ايندس."



ٻڌانات ٽيمپل ۾ عبادت جو منظر


www.sindhsalamat.com

## • محبتون
# سرحدن جون محتاج نہ هونديون آهن

خوبصورت نظارن کان اکيون، خوشبوئن کان نڪ، مڌر آلاپن کان ڪن، ڪو بہ ماڻهو بند ڪري نہ ٿو سگهي. مونکي ننگرڪوٽ جي نظارن جو رنگ ۽ روپ روز نت نئون نظر آيو. هتان جي ماڻهن سان ايتري تہ شناسائي ٿي وئي هئي جو پنهنجائپ جو احساس ٿيڻ لڳو هو. صبح جو ساجهر ناشتو ڪري جهٽ گهڙي لاءِ انيتا جي شاپ تي ويس تہ هن ٻڌايو تہ شانتي لاما بار بار توهان بابت پُڇي ٿي پئي. بہ چڪر هوءَ پاڻ آئي هئي ۽ بہ ٽي ڀيرا فون تي بہ پُڇي چُڪي آهي. چيم تہ آئون شام ڌاري هُن وٽ ضرور ويندس. مون هُن سان واعدو ڪيو آهي.

آئون مختصر واڪ ڪري ٽريننگ هال ۾ موٽي آيس. هرڪو پڪتاپور بابت ڳالهائي رهيو هو. مئڊم اسٽيلا تمنگ بہ سيشن جو آغاز پڪتاپور جي سفر سان ڪيو. هُن مونکي، اٽِيلُو، ابُو، شاهد ۽ نيليما کي مخاطب ٿيندي چيو تہ صرف اهي ئي پنهنجا پنهنجا ويچار وندين، ٻيا دوست اگر سمجهن تہ ڪٿي ڪا ڳالهہ شامل ڪرڻي آهي يا وضاحت ڪرڻي آهي تہ پوءِ ڳالهائن. ڪافي ڏکڻ ۽ بور ڪندڙ موضوعن جي ڪري دوست ٿڪجي پيا هئا. انهن پڪتاپور جي سفر مان خوب مزو ورتو هيو. سڀئي چهرن مان تازا توانا ۽ خوش لڳا پئي. مون مئڊم کي مخاطب ٿيندي چيو تہ پڪتاپور ۾ منهنجن حرڪتن بابت توهان کي اٽِيلُو ٻڌائيندو. باقي وچڻ مهل 100 روپيا بچائڻ لاءِ هڪڙي چور دروازي کان توهان وني ويا تہ وري ٻي دروازي ۾ داخل ٿيڻ لاءِ اسان پنهنجي شناخت ئي مٽائي ڇڏي. شايد اها تمام گهٽ ماڻهن کي خبر هجي تہ انڊين فلمن جو ڪلاسڪ ۽ ليجنڊ اداڪار دليپ ڪمار مسلمان آهي ۽ سندس اصل نالو يوسف خان آهي. توهان جي سامهون ويٺل هن شخص کي پڪتاپور جا در ۽ ديوارون


books.sindhsalamat.com

رامچند گوپالي جي نالي سان سڃاڻن ٿيون. گولڊن گيٽ کان ٻاهر ايندي جڏهن منهنجي نظر ڪنگ ڀُپيندر مالا جي مجسمي تي پئي تہ مونکي ڏسندي مسڪرائي جڻ تہ چئي رهيو هجي تہ ”تون واقعي مڙس جو پُٽ آهين.“

مون وڌيڪ ڪجهہ نہ چيو، ٻين دوستن ڏاڍيون دلچسپ ڳالهيون ٻڌايون. مئڊم ٻڌايو تہ اسان ڪوڙ سارا پروگرام ترتيب ڏنا آهن. توهان اڃا بہ وڌيڪ لطف اندوز ٿيندؤ. اسان هڪ دفعو ٻيهر ٽريننگ جي شيڊيول ۽ موضوع تي موٽي آياسين.

شام جو جيئن ئي سيشن ختم ٿيو تہ آئون شانتي جي ريسٽوران تي هليو ويس. مونکي ڏسي خوشي ۾ نہ پئي ماپي. ميار ڏيندي چيائين تہ ”ڪيڏو انتظار ڪرايو اٿئي.“

”مون کي تمام گهڻو احساس آهي. تہ توکي منهنجو شدت سان انتظار هيو. مونکي اِنيتا تنهنجي باري ۾ ٻڌايو آهي تہ تو ڪافي دفعا منهنجي باري ۾ پڇيو آهي.“

آئون ريسٽوران جي هڪ ڪُنڊ وني ويهي رهيس. جتان هڪ پاسي کان روڊ تان ايندڙ ويندڙ ماڻهن کي سولائي سان ڏسي پئي سگهيس تہ ٻئي پاسي کان جابلو وادين جا خوبصورت منظر بہ اکين اڳيان هئا. شانتي ٿوري دير لاءِ شاپ سان لڳو لڳ ٻي ڪمري ۾ هلي وئي. واپس آئي تہ هن جي هٿن ۾ گرما گرم فنگرچپس، نمڪو، بسڪٽ ۽ چانهہ هئي.

”اري شانتي جِي ايڏي تڪليف ۾ ڇو پئجي وئي آهين. آئون تہ توسان ڪيل واعدو پاڙڻ آيو آهيان.“

”نہ ايئن ٿورئي ٿيندو. هي تہ صرف آڌرڀاءُ آهي. توهان کي مونسان اڃا لنچ يا ڊنر بہ ڪرڻو آهي.“

تڪڙ تڪڙ ۾ پڇيائين تہ ”اڃا گهڻا ڏينهن هتي آهيو.“

چيومانس تہ ”بہ هفتا ڪن تہ پڪ سان هتي آهيون. جي اگر شيڊيول ۾ ڪا تبديلي نہ ٿي اچي تہ.“

هُوءَ منهنجي پر ۾ اچي ويني. گڏجي چانهہ پيتي سين. انهيءَ دوران ڪجهہ خريدار ۽ مئي نوش بہ آيا تہ انهن کي نيپالي ۾


www.sindhsalamat.com

ڪجھ چئي موٽائي پئي ڇڏيائين. پڇيو مانس تہ " ڇا پئي گھريائون."

چيائين تہ "جيڪو ڪجھ گھريائون پئي اھو منھنجي شاپ/ريسٽوران تي آھي. توسان گڏ ويٺي آھيان. تنھن ڪري مون چيو آھي تہ مون وٽ ڪونھي."

مون کان پڇيائين تہ "نيپال ڪيئن لڳو."

"توکي ڏسي اڃا بہ خوبصورت لڳڻ لڳو آھي." ٽھڪ ڏيڻ لڳي ھئي. تمام گھڻي خوش نظر آئي ھئي.

"لڳي ٿو تہ تون شاعر مزاج آھين."

شاعر مزاج نہ شاعر آھيان. تون ڄڻ تہ منھنجو خوبصورت غزل آھين."

مون کي ھن جي اکين ۾ ڪشش ۽ چھري تي لالائي ڏسڻ ۾ آئي ھئي. اکيون جھُڪائي ڪنھن سوچ ۾ گم ٿي ويئي ھئي.

"شانتي منھنجي ھُجت ڪرڻ تي ڪا تڪليف پھتي آھي تہ معاف ڪجان. مون کي اجازت ڏي ۽ تون پنھنجو ڪم ڪار ڪر."

"نہ اھڙي ڳالھ ناھي ڪجھ دير ويھو."

ھوءَ خالي ڪوپ کڻي ڪمري ۾ ھلي ويئي. واپس آئي تہ تازو منھن ڌوئي آئي ھئي. محسوس ٿيو تہ ڄڻ تازا لڙڪ لڪايا ھجنس. ڪمري ڏانھن اشارو ڪندي چيائين تہ" سامھون وارو ڪمرو اسان جي رڌ پچاءُ جو ڪمرو آھي ۽ ھن ريسٽوران ۽ انھيءَ ڪمري ھينيان رھائش آھي. اسين ٽي ڄڻا رھندا آھيون. منھنجي ياٽيجي سرشتي، منھنجو مڙس ۽ آئون. منھنجي شاديءَ کي بہ سال ٿيا آھن. پر اسان ٻنھي ۾ انڊراسٽينڊنگ ڪونھي. آئون انھن خوشين کان محروم آھيان، جيڪي شادي کان پوءِ ملڻ کپن ھا. مھنجي وڏي ڀيڻ کي بہ مڙس، بابا وارن وٽ ڇڏي ھليو ويو آھي." پنھنجي پاٽيجي سرشتي (جيڪا ٽين ڪلاس جي شاگردياڻي آھي) ڏانھن اشارو ڪندي چيائين تہ " اھا انھيءَ ڀيڻ


books.sindhsalamat.com

جي ڌيءَ آھي. جڏھن کان ھيءَ پيدا ٿي آھي مُڙس گھر ڏانھن مُڙي بہ نہ آيو آھي."

مون کي اياز ڳُل جون سٽون ياد اچي ويون:

ڏُک جي نہ پُڄاڻي آ، ھر شخص ڪھاڻي آ.

مون سوچيو تہ آئون شانتي سان سندس ڪم ڪار، مصروفيتن ۽ ڪوآپريٽو سوسائٽي بابت پڇندس. پر ھن کي تہ پنھنجا سُور آھن. ڪٿي ڏند ڪٿائون، ڪٿي آتم ڪٿائون تہ وري ڪٿي درد ڪٿائون آھن. ڪٿائن ۾ ڪٿي فرق ھجي پر سُور تہ سيني جا ساڳيا آھن.

ھن ٻُڌايو تہ "سندس ڳوٺ ننگر ڪوٽ کان گھڻو پري ناھي. ھاڻي تہ مون وٽ موٽر سائيڪل آھي. نہ تہ اڪثر پنڌ بہ ايندا ويندا آھيون. والدين وڏي عمر جا آھن بہ پائر ملڪ کان ٻاھر ڪمائن ٿا. وڏيءَ ڀيڻ جنھن جو مون توھان کي ٻُڌايو، اُھا ۽ مون کان وڏو ياءُ ڳوٺ ۾ رھن ٿا. مون انٽر تائين تعليم (مھان ڪالي سيڪنڊري اسڪول، اسڪول ڏانھن اشارو ڪندي چيائين) سامھون واري اسڪول مان حاصل ڪئي آھي. مڙس ھوٽل تي نوڪري ڪري ٿو. ھي منھنجو ذاتي ريسٽوران/شاپ آھي. گذريل ٻن سالن کان مائيڪروفنانس بينڪ ۾ رڪوري اسسٽنٽ طور نوڪري بہ ڪريان ٿي ۽ ريسٽوران بہ ھلايان ٿي. نوڪري تمام گھڻي سخت ۽ ٿڪائيندڙ آھي. ريسٽوران ۾ مقامي توڙي پرڏيھي سياحن جون بيھوده حرڪتون بہ برداشت ڪرڻيون پون ٿيون. مونکي ٻئي ڌنڌا بلڪل بہ پسند نہ آھن. مجبوري آھي ڇڏي بہ نہ ٿي سگھان. ڪڏھن ڪڏھن سوچيندي آھيان تہ ڪجھ پئسا گڏ ڪريان ۽ ڪنھن ٻي ملڪ ھلي وڃان."

پڇيومانس تہ "ڪھڙي ملڪ ڏانھن وڃڻ جو ارادو اٿئي."

چيائين تہ "سنگاپور، ٿائيلينڊ، ملائيشيا، نہ تہ پوءِ عرب امارات بہ ھلي ويندس."


www.sindhsalamat.com

چيومانس تہ ”مون ٻُڌو آهي تہ عرب امارات ۾ هتان جي نوجوانن خصوصاً ڇوڪرين سان سُٺو ورتاءُ نہ ٿو ڪيو وڃي. انتهائي تڪليف واري زندگي گذارين ٿيون.“

چيائين تہ ”ها مگر عرب امارات ۾ منهنجي اڳ ۾ ئي ڄاڻ سڃاڻ آهي. آئون جاءِ ناهي ونديس. پر في الحال ايترا پئسا ناهن جو وڃي سگهان.“

پڇيو مانس تہ ”تنهنجي مُڙس جي ڇا راءِ آهي؟“

ڪاوڙ مان منهن گهنجائيندي چيائين ”ڪڏ ۾ اڇلائينس، هن کي تہ آئون ٻُڌائيندس بہ ڪونہ، خبر پئيس تہ ماري وجهي.“

”پوءِ تون هن کي ڇڏي ڏينديئن.“

فوراً وراڻيائين تہ ” ها، ڪهڙو سُک ڏنو اٿس.“

”۽ جيڪڏهن هاڻي پاڻ کي ڏسي وٺي تہ!“

”ڪجهہ نہ چوندو اهو تہ بزنس جو حصو آهي.“

”پوءِ تہ هنن سيني شين جو بل بہ مونکي ادا ڪرڻو پوندو.“

”نہ بلڪل بہ نہ. تنهنجو اچڻ منهنجي لاءِ باعثِ عزت آهي. هن ٿوري وقت ڏيڻ جي بہ آئون شايد ڪا قيمت ادا ڪري نہ سگهان.“

آئون اٿي بيٺس. هن اجازت نہ پئي ڏيڻ چاهي. مئي ڪش بہ اچڻ شروع ٿي ويا هئا. ٻاهر اونداهہ ٿي وئي هئي. هُن سڀاڻي بيهر اچڻ ۽ ڊنر گڏجي ڪرڻ جي پڪ وٺي پوءِ وڃڻ جي اجازت ڏني.

واپسي تي اِنيتا پڇيو تہ ”شانتي سان ملاقات ٿي؟“

ٻُڌايومانس تہ ”ها اُتان اچان پيو.“ هن جي چپن تي مخصوص مسڪراهٽ تري آئي. انوج جي ڳل تي مني وٺي آئون هوٽل تي هليو آيس.

لابي ۾ پيٽر، نِينا، مئڊم اسٽيلا ۽ سونالي سان ملاقات ٿي تہ سونالي ميار ڏيندي چيو تہ ”رمضان اسان کي ٽائيم ئي نہ ٿو ڏئي.“ مئڊم چيو تہ ”رمضان ڪوجي ماڻهو آهي، ڪنهن نہ ڪنهن ڪوچ ۾ مگن هوندو.“ نِينا منهنجي پر اچي ورتي، آئون سيني جون ڳالهيون خاموشي سان ۽ غور سان ٻُڌندو رهيس. سونالي



ٻُڌايو تہ ” اڄ رات ڊنر کان پوءِ اسان ڪلچرل شو جو اهتمام ڪيو آهي. توهان ڪيڏانهن ڪسڪي نہ وڃجو. توهان جو انهي ۾ اهم رول هوندو.“

مون ورندي ڏيندي چيو تہ”توهان حڪم ڪريو. آئون هر وقت توهان جي لاءِ حاضر آهيان.“

نائين وڳي اسان سڀ هال ۾ گڏجڻ شروع ٿياسين. مون پاڻ مرادو سنڌ جو روايتي لباس اڇو وڳو، اجرڪ ۽ ٽوپي پاتي هئي. ٻين ڪي ڪو خاص روايتي لباس نہ هيو. سِڌو نيپالي ٽوپي جيڪا هن کي خوبصورت لڳي رهي هئي، پائي آيو هو. پروگرام جي شروعات نيپالي لوڪ موسيقي سان ڪئي ويئي. جيڪا رڪارڊ ٿيل هئي ۽ ڊيڪ تي وڄائي وئي. نيپالي دوستن روايتي اداڪاري ۽ ڊانس جو شاندار مظاهرو ڪيو. جيڪو دل کي وڻندڙ ۽ دل لُڀائيندڙ هو. نيپالي ڊانس ۾ هوٽل جو اسٽاف جيڪو گهڻا ڏينهن رهڻ جي ڪري اسان سان رلي ملي ويو هو اهو بہ شامل ٿي ويو هيو. اسان جي پاڪستاني دوست بلال مسعود قلندر جي ڌمال:

لال ميري پت رکيو جهولے لالن،
سندهڑی دا سیہون دا سخی شہباز قلندر
دمادم مست قلندر
علی دا پہلا نمبر

ڳائي سيني کي جهومائي ڇڏيو.

سونالي مونکان پڇيو تہ ” توهان جي علائقي ۾ عموماً گهوٽ کي ڪهڙو لباس هوندو آهي.“

ٻُڌايومانس تہ ”گهوٽ سفيد بوسڪي جي سلوار قميص، اجرڪ، ٽوپي يا پٽڪو ٻڌندو آهي.“

”پرفيڪٽ. تہ پوءِ توهان ئي گهوٽ جو رول ڪندؤ.“

هال ۾ خاموشي ڇانئجي وئي. اسان جي گروپ جون ڪجهہ ڇوڪريون هال کان ٻاهر نڪري ويون. ٿوريءَ دير کان پوءِ جڏهن



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

واپس آيون تہ سائي رنگ جي روايتي پاڪستاني لباس ۾ ملبوس ڪنوار ڪي اندر وٺي آيون ۽ ڍولڪ جي ٿاپ تي اردو ۾ ميندي جا گيت وڄڻ شروع ٿي ويا.

”واهُ فائزه، ڪنوار جي روپ ۾. حسين ۽ جميل خوبصورت ڇوڪريءَ، اها منهنجي ڪنوار. هن ڪي خبر بہ آهي الائي نہ، تہ آئون سندس گهوٽ آهيان.“

سونالي چيو تہ ”رمضان ڏس تنهنجي لاءِ ڪيڏي خوبصورت ڪنوار هٿ ڪئي اٿئون.“

”ها مگر خيال ڪجو متان نڪاح/ڦيري وقت ڦري نہ وڃي.“

”تنهنجو چا خيال آهي تہ سچ پچ ۾ هوءَ تنهنجي ڪنوار ٿئي پئي.“

چيومانس تہ ” منهنجي غيرت ڪيئن گوارا ڪندي تہ منگل سُوتر مونکي پارائي ۽ گهُمندي ٻين سان وتي.“

هُوءَ وڏا ٽهڪ ڏيئي کلڻ لڳي. شادي ۽ رخصتي جون خوبصورت رسمون ڪيون ويون ۽ ڍولڪ جي ٿاپ تي نيپالي ۽ هندي/اردو ۾ شادي جا گيت وڄايا ويا. پروگرام ڪافي دير تائين هلندو رهيو.

پروگرام جي اختتام کان اڳ سونالي فرمائش ڪئي تہ رمضان کان شاعري ٻُڌنداسين. ان ٽائيم نِينا منهنجي پر ۾ تي ويٺي. منهنجي اکين ۾ اکيون وجهي چڻ تہ سونالي جي فرمائش جي تائيد ڪندي هجي. نِينا جو هٿ پڪڙيندي چيم تہ:

تجھ کو چھونے سے پہلے
ہم کچھ بھی نہیں تھے
بے معنی تھے
جیسے گہرے سمندر میں
بارش کی پہلی بوند کو چھونے سے پہلے
سیپ کچھ بھی نہیں تو ہوتے۔



سجو هال تاڙين سان گونجي اٿيو. ٻيهر ٻُڌائڻ ۽ ترجمو ڪرڻ جي فرمائش ٿي. مون نِينا جي هٿن ۾ پنهنجي گرفت مضبوط ڪندي هڪ دفعو ٻيهر نظم پڙهيو ۽ سونالي انگريزي ۾ ترجمو ڪري ٻُڌايو تہ نِينا جا ٻئي هٿ منهنجي هٿن ۾ اچي ويا هئا. پروگرام ختم ٿيڻ کان پوءِ نِينا پڇيو تہ ”اهو نظم ڪنهن جي لاءِ لکيو اٿئي.“ دل رکڻ لاءِ چيومانس تہ ”تنهنجي لاءِ.“ ايئن لڳو هوم چڻ امانت ۾ خيانت ڪئي هجيم.

وراڻيائين تہ ”مائٽي جو حق ادا ڪري ڇڏيو اٿئي.“ آئون هن جي نيرين اکين ۽ چهري جا تاثرات ڏسندو رهيس. چيائين تہ ”ڪٺمنڊو واري سفر ۾ مونسان ڪمپني ڪجو.“

”ها ضرور.“

ڪمري ۾ آياسين تہ سِڌو منهنجي شاعري جي واکاڻ ڪئي، پڇيائين تہ”ڪير خوشنصيب آهي“.

منهنجي زبان تان بيساختا نڪتو ”رُخِ ماهتاب“

مون ڪيس سچي حقيقت ٻُڌائي.

“Really you are lucky man” واقعي تون تمام گهڻو خوش نصيب آهين. رات ڪافي گذري ويئي هئي، ڳالهيون ڪندي ڪندي ننڊ اچي وئي.



سيتاراج پاٺڪ سان گڏ خوشگوار موڊ ۾



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# • شيوا، شانتي ۽ دعائيه جهنڊيون

ٿڌ هجڻ باوجود بہ موسم تمام خوبصورت ۽ وڻندڙ هئي. رات دير سان وسڪارو ٿيو هيو. جنهن ڪري گُل ٻهڪي پيا هيا. ماحول اجرو لڳو پيو هيو. هماليہ جي ٽڙين هوائن، ڏکڻ ۽ آڪاش سان ڳالهيون ڪندڙ وڻن کي جهومائي ڇڏيو هيو. اوم پرڪاش منهنجي معلومات ۾ اضافو ڪندي چيو تہ ”اسان هن موسم کي مستي واري موسم چوندا آهيون. ديوانا هنن جابلو وادين ۾ پڳڊنڊين تي ڊيٽنگ لاءِ نڪري پوندا آهن. زندگيءَ کي جڻ تہ نوان رنگ ملي پوندا آهن.“

اسان جي آرگنائيزرس بہ اجوڪي موسم جي ڪيفيت کي پرکي ورتو هيو ۽ سيشن مختصر ڪري باقي اڌ ڏينهن مذهبي ۽ ثقافتي ڏينهن ملهائڻ جو فيصلو ڪيو ويو.

12 وڳي سيشن ختم ڪري ٺيڪ ٻن ڪلاڪن کان پوءِ 2 وڳي هوٽل جي ڪُشادي آڳر ۾ گڏ ٿيڻ جو چيو ويو. مونکي بلڪل بہ اندازو نہ هيو تہ اها تقريب ڪهڙي نوعيت جي هوندي. منهنجي لاءِ ڪجهہ شين جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ ٿورا ڏينهن بچيا هيا. ان لاءِ آئون تڪڙو تڪڙو شانتي جي ريسٽوران تي هليوويس. مون کي اوچتو ڏسي حيرت ۾ پئجي وئي ۽ خوشي ۾ نہ پئي ماپي. ڪرسي ڪٽي اچي ڪائونٽر جي پر ۾ رکيائين ۽ هٿ پڪڙي ويهڻ جو چيائين. چيومانس تہ ”آئون ويهان ڪونہ ٿو. آئون هي اسڪول ڏسڻ آيو آهيان، ڇا تون ڪو بندوبست ڪري سگهين ٿي.؟“

چيائين تہ ”ها بندوبست جي ڪهڙي ڳالهہ آهي هليا ٿا هلون. اسڪول جي پرنسپال مس پراميلاٿاپا انتهائي مهربان خاتون آهي.“

شانتي مونکي ٻن منٽن جو چئي چينج روم مان فريش ٿي تيار ٿي آئي. شري مهان ڪالي سيڪنڊري اسڪول ننگرڪوٽ


books.sindhsalamat.com

جو مرڪزي اسڪول آهي. جتي وڏي انگ ۾ ڇوڪريون ۽ ڇوڪرا گڏ تعليم حاصل ڪن ٿا. ساڳي طرح ٽيچنگ اسٽاف بہ مردن ۽ عورتن تي مشتمل آهي. مئڊم پرنسيپال اسان جو آڌرڀاءُ ڪيو ۽ ٻُڌايائين تہ پڪتاپور کان روزانو پبلڪ ٽرانسپورٽ تي ايندي ويندي آهي. وڏي عرصي کان هن اسڪول ۾ ڊيوٽي سر انجام ڏئي رهي آهي. اسڪول جي اسٽاف کي گهرايائين ۽ اسان جو تعارف ڪرايائين. انهي دوران هڪ اهڙي شخص سان ملاقات ٿي. جيڪو ڪجهہ عرصو پاڪستان ۾ رهي چُڪو هو. محترم شيوا جِي نيپالي پرڌان. جڏهن منهنجو ساٿس تعارف ٿيو تہ هو انتهائي شفقت، پيار ۽ پاٻوهہ سان ڀاڪر پائي مليو. روٽري ڪلب نيپال ۾ ننگرڪوٽ جو صدر هجڻ سان گڏوگڏ هن اسڪول جو نگران بہ آهي. چوتہ روٽري انٽرنيشنل نيپال، هن اسڪول کي ايڊاپٽ ڪيو آهي. ٻُڌايائين تہ ”سرڪار جو ڪوبہ ڪامورو هي اسڪول وزٽ نہ ٿو ڪري. چيڪ اينڊ بيلينس ۽ انتظامن کي ڏسڻ جي ذميداري روٽري ڪلب وٽ آهي ۽ هي اسڪول تعليمي ڪارڪردگي جي حوالي سان علائقي جي ناليوارن اسڪولن ۾ شمار ٿئي ٿو.“

شيوا ٻُڌايو تہ ”هُو 2000ع کان 2003ع تائين جنگلات ۽ وڻن جي تحفظ لاءِ ڪم ڪندڙ عالمي اداري سان ڪوئٽا ۽ سوات وارن علائقن ۾ رهيو آهي.“ جڏهن ٻُڌايومانس تہ ”آئون اڄڪلهہ شڪارپور ۾ رهوندو آهيان تہ کلي چيائين تہ ”آئون شڪارپور جي آچار/پڪلس جي خوشبوءَ اڄ تائين محسوس ڪريان ٿو. سکر، خيرپور، ۽ موهين جو دڙو گهمي چُڪو آهيان.“ منهنجي معلومات ۾ اضافو ڪندي چيائين تہ ”روٽري ڪلب، نيپال جي ڀهراڙي وارن علائقن جا اڪثر اسڪول ايڊاپٽ ڪيا آهن. اهڙا علائقا، جتي تعليم گهٽ آهي، انهن کي وڌيڪ ترجيحي بنيادن تي معاونت فراهم ڪيون ٿا. اندروني ويڙهہ ۽ ملڪ جي سياسي صورتحال جي ڪري اسان جي ملڪ جي تعليم کي ڪاپاري


www.sindhsalamat.com

ڏک لڳو آهي. تعليم نہ هجڻ ڪري ڪوڙ سارا سماجي مسئلا بہ جنم وٺن ٿا، جنهن ڪري هتان جي عورت تمام گهڻو پوڳي ٿي.“

مون شانتي ڏي نهاريو تہ هُوءَ ڪنهن گهريءَ سوچ ۾ گم هئي. مون شيوا، مئڊم پراميلا ۽ اسٽاف جو شڪريو ادا ڪيو ۽ موڪلايوسين. شيوا ڳالهيون ڪندي اسان کي اسڪول جي مين گيٽ تائين ڇڏڻ آيو. شانتي کي ڀاڪر وجهي قرب مان سيني سان لڳائي شڪريو ادا ڪيائين تہ ”تون بهترين انسان کي اسان سان ملائڻ لاءِ وٺي آئين.“

مون شانتي کان اجازت گهري، مگر هوءَ منهنجو هٿ زوري پڪڙي پنهنجي ريسٽوران تي وٺي آئي. مون کي محسوس ٿيو تہ هو هڪ پل بہ مونکي پاڻ کان الڳ نہ ڪرڻ چاهي. رڌ پچاءُ واري ڪمري ۾ وٺي آئي. ٽڙتڪڙ ۾ چانهہ ناهڻ لڳي ۽ ڳالهيون بہ ڪندي رهي. رکي رکي مون ڏي ڏسي مُسڪرائيندي رهي، ڄڻ تہ ڪجهہ چوندي هجي پر چئي نہ پئي سگهي. مون کي هُن جي انهي ادا تي اوم پرڪاش جو چيل جملو ياد آيو تہ ”هن موسم کي اسان نيپالي مستي واري موسم چئون ٿا.“ ڪٿي شانتي تي ان موسم جو اثر تہ نہ ٿيو آهي. اسين پنهنجو پنهنجو ڪوپ کڻي ريسٽوران ۾ اچي ويٺاسين. منهنجو هٿ پڪڙي چيائين تہ شام جو ايندين.

”ڪوشش ڪندس. اڄ فنڪشن بہ آهي خبر ناهي تہ ڪهڙي مهل ختم ٿئي.“

”ٺيڪ آهي، آئون انتظار ڪنديس. جهڙي مهل بہ واندو ٿيئن، مون وٽان ٿي وڃجانءِ.“

چانهہ پي هُن کان موڪلايم ۽ هُوءَ ڪافي دير تائين ريسٽوران کان ٻاهر اچي مونکي ڏسندي رهي.

آئون هوٽل تي واپس آيس تہ ڪجهہ دوست اجا ڊائننگ هال ۾ هيا. آئون بہ ماني کڻي نِينا جي پر ۾ اچي ويٺس تہ پڇيائين تہ ”ڪٿي هئين؟“



ٻُڌايومانس تہ ”مهان ڪالي سيڪنڊري اسڪول ڏسڻ ويو هيس.“

”اُتي ڪا مٿي مائٿي تہ ڪونہ ڪيئہ نہ.“

”مٿي مائٿي تہ نہ ٿو چئي سگهان، البت هڪ اهڙي جاڪوڙي ماڻهوءَ سان ملاقات ٿي آهي، جيڪو منهنجي علائقي ۾ رهي آيو آهي.“ مون نِينا کي شيوا جِي نيپالي پرڏان بابت ٻُڌايو. چيائين تہ ”مونکي تنهنجي انهي فطرت تمام گهڻو متاثر ڪيو آهي. تنهنجو مشاهدو بہ وسيع آهي پر ڄاڻ حاصل ڪرڻ، مختلف شين بابت کوجنا ڪرڻ جو هنر ڪو توکان سکي. ماڻهو کي پرکڻ جو تنهنجو پيمانو بہ ڪمال جو آهي.“

مون نِينا جو شڪريو ادا ڪيو، هوءَ مانجهاندو ڪري چُڪي هئي. تنهن هوندي بہ هوءَ ايستائين گڏ رهي جيستائين مون کائي بس نہ ڪئي.

ٻاهر آياسين تہ هوٽل جي آڳر ۾ دوست گڏجڻ شروع ٿي ويا هئا. ڊيڪ ۽ سائونڊ سسٽم تي هلڪي هلڪي نيپالي موسيقي هلِي رهي هئي. اسين سڀ هڪڙي دائري ۾ گڏ ٿياسين. سڀني کي رنگ بہ رنگي جهنڊين جا بنڊل ڏنا ويا، جن تي سمجهہ ۾ نہ ايندڙ قديم زماني جي زبان ۾ ڪجهہ لکيل هيو. مئڊم اسٽيلا ٻُڌايو تہ ”هي تبتين دعائيہ جهنڊيون آهن. جڏهن ٻُڌازم تبت ۾ متعارف ٿيو هو. تڏهن انهن جهنڊين کي امن، سُک، شانتي ۽ ميٺ محبت سان رهڻ لاءِ انساني آجپي ۽ جياپي جي علامت طور متعارف ڪرايو ويو هيو. اها لڳ ڀڳ بہ هزار سال اڳ جي ڳالهہ آهي. جهنڊين جا پنج رنگ مختلف علامتون آهن. جن ۾ نيرو رنگ آسمان يا خلا جو رنگ، اڇو رنگ هوا ۽ بادلن جي علامت، ڳاڙهو رنگ باهہ جي علامت، سائو رنگ پاڻي جي علامت ۽ پِيلو/هيڊو رنگ ڌرتي جي علامت آهي. هر جِيوَ، جاندار جي جياپي لاءِ اهي سڀ شيون تمام اهم هونديون آهن. اسان سڀئي هيڊي رنگ(جيڪو ڌرتيءَ جي علامت آهي) تي پنهنجو نالو لکنداسين. سڀئي دوست پنهنجون پنهنجون



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

جهنڊيون، هن دائري ۾ هڪ ٻئي سان شيئر ڪندا ۽ پنهنجي لاءِ، دوستن، پنهنجن پيارن، گهر وارن، مٽن مائٽن، ڪُل ڪائنات لاءِ دعا گهرنداسين ۽ انهن کي ڪنهن اُوچي مٿاهين مقام تي لٽڪائينداسين. روايت آهي ته جيئن جيئن هوا ۾ اهي جهنڊيون لُڏنديون، جهُولينديون، دعائون اوترو جلدي قبول ٿينديون.“

اڌ ڪلاڪ جي انهي دعائيه تقريب کان پوءِ اسان جي دوستن انهن جهنڊين کي هوٽل جي آڳر ۾ لڳل موبائل ٽاور، اُوچن وڻن ۽ هوٽل جي ڇت تي پاڻي جي ٽينڪي جي پائيپن سان ٻڌي ڇڏيو هو. جڏهن جهنڊيون ٻڌيون پئي ويون، تنهن ويل منهنجي ذهن تي ڪوڙ سارا دل گهريا دوست، گهر ڀاتي ۽ نيپال جي هن مختصر سفر ۾ ملنڊڙ سڀاجهڙا ۽ پيارا ماڻهو ياد آيا.

مون پارڪ ۾ لڳل گُلن جي اوٽ وٺي لکيو هو ته:

سوچا تھا
ان رنگین پرتوں پے
جہاں مقدس دعائیں ہیں
ان دعاؤں کے درمیان
بہت سے نام لکھوں گا۔
بہت سے کام لکھوں گا
سوچا تھا
برسوں کے اس سفر میں
ملے ہیں لوگ جو مجھ سے
ان کو سلام لکھوں گا
محبت کا پیام لکھوں گا۔
بس سوچا تھا!!


books.sindhsalamat.com

لکھا تھا تو بس
اپنا ہی نام لکھا تھا
مانگا تھا تو بس
خدا سے اتنا ہی مانگا تھا
میرے مولا میرے مالک
زندگی کی اس مسافت میں
تجھ سے جو بھی مانگا ہے
عطا کر دے مجھے وہ سب
میرے مولا میرے مالک۔

جهنڊيون لهرائڻ ۽ دعائيه تقريب جي اختتام تي اسان کي ٻُڌايو ويو ته رات جي ڊنر تي سڀ گڏ ٿينداسين. اهو ورڪنگ ڊنر هوندو. ڊائننگ هال ۾ داخل ٿياسين ته ماحول ئي بدليل هيو. اسان جي ٽيم جي ڪجهه دوستن ريسٽوران ۽ ڪاڌي پيتي جو انتظام سنڀالي رکيو هيو ۽ ڊشز به مختلف هيون. خبر پئي ته اسان جي ٽيم مان رڌپچاءُ جي شوقينن پاڻ ڪاڌا تيار ڪيا آهن. انهي سڄي انتظام جو انچارج ابُو ريحان البيروني بنگلاديشي هيو. جنهن خصوصي ڊش چانور ۽ مڇي تيار ڪئي هئي.

مئڊم اسٽيلا ٻُڌايو ته ”اسان جا ايندڙ ٻه ٽي ڏينهن تمام اهم ۽ مصروف گذرندا. پر انهي سان گڏوگڏ سير و تفريح به ٿيندي رهندي. سڀاڻي اسان ڪٺمنڊو ۾ مختلف اين جي اوز سان به اهم ميٽنگون رکيون آهن. هڪ جاءِ تي اسان اسٽريٽ ٿيٽر ۾ به شامل ٿينداسين. سڀاڻي واري تفريح لاءِ اسان صرف سيانپُونات ٽيمپل ڏسنداسين. سياري جي هنن ننڍن ڏينهن ۾ ممڪن آهي ته اسان کي ڪٺمنڊو ۾ ئي سج لهي وڃي. ان لاءِ اسان کي جلدي نڪرڻو پوندو.“


www.sindhsalamat.com

مون کي رکي رکي شانتي جو خيال پئي آيو ته هُن انتظار
کيو هوندو. ڪافي دير ٿي وئي هئي. هن مهل نڪرڻ به مناسب
نه هو. سياڻي به شايد نه ملي سگهانس ته تمام گهڻا ڏوراپا ڏيندي.
انهي خيالن ۾ ئي هيس ته گنگا جو فون آيو، پڇيائين ته ”وقت
ڪيئن پيو گذري“ ڪٺمنڊو جي پروگرام جي ڳالهه ڪئي مانس
ته ٿوري دير ماٺ ڪان پوءِ چيائين ته“ اسان نه ملي سگهنداسين.
اسان چاهيون ٿا ته جڏهن ملون ته اسان سان گڏ توهان ڪان سواءِ
ٻيو ڪير به نه هجي.“ چيومانس ته ”نيڪ آهي واپسي وارن
ڏينهن ۾ ملنداسين.“

اسان وارا ساٿي مختلف ٽولين ۾ ورهائجي ويا. آئون، پيٽر،
مئڊم اسٽيلا، سونالي ۽ نِينا ڪافي دير تائين ڪچهري ڪندا
رهياسين. سونالي چيو ته ”رمضان اهو نظم، جيڪو تو نِينا جا
هٿ پڪڙي ٻُڌايو هو، اهو مونکي پنهنجي هٿن سان ڊائري تي
لکي ڏجان.“

”ها ضرور“

پڇيائين ”اڄ به ڪجهه لکيئه يا نه“

”ها لکيو اٿم.“

سيئي اسان جي ڳالهين ڏانهن متوجهه ٿي ويا. سيني جي
اسرار تي جڏهن دعائيه جهندين وارو نظم ٻُڌايم ته سيني کي
تمام گهڻو وڻيو. مئڊم منهنجي شاعري جي واکاڻ ڪئي ۽
ٻُڌايائين ته ”نيپال ۾ به تمام سُنا شاعر ۽ ليکڪ آهن. مگر اهي
تمام گهڻا محتاط ٿي لکن ٿا. اڪثر ڪري انهن جون لکڻيون
جيئن جو تيئن پارٽ جي مئگزينن ۾ ڇپجن ٿيون، پر هتي
پريس ۽ ميڊيا تي تمام گهڻي پابندي هجڻ ڪري گهڻو ڪري
ڇپجي ئي نه سگهنديون آهن.“

مئڊم ٻُڌايو ته هڪ دفعو جڏهن نيپالي رائل آرمي اسان جي
گهر تي ڇاپو هنيو هو ته سڀ ڪان اڳ ۾ اسان جي انهن الماڙين
کي ٽوڙيو ويو جن ۾ اسان جا ڪتاب هئا. آرمي کي اسان خلاف
بغاوت جا ڪيس ناهڻ لاءِ مواد گهربل هوندو هو. اهڙين حالتن


books.sindhsalamat.com

اسان جي شاعرن ۽ ليکڪن کي رڳو فطرت، ديوين، ديوتائن ۽
عشقيه لوڪ ڪهاڻيون لکڻ تائين محدود ڪري ڇڏيو آهي. پر
انهي جي باوجود به اسان وٽ اڄ به سگهارا ۽ سُنا شاعر ۽
ليکڪ موجود آهن. پر پوءِ به اسان علائقائي اعتبار سان ڀارت،
بنگلاديش ۽ پاڪستان جو مقابلو نه ٿا ڪري سگهون.“

ٿڌ به تمام گهڻي ٿيندي پئي ويئي. ڪافي دير ٿي وئي هئي
اسان به پنهنجن پنهنجن ڪمرن ۾ وڃي آرامي ٿياسين.



شيوا جي نيپالي پرڌان سان گڏ ننگرڪوٽ ۾


www.sindhsalamat.com

## • سيانيُونات
## جوالاکيل ۾ بيڪري ڪيفي

مونکي احساس ٿيو ته ڪٺمنڊو ڪجھ ويجھو اچي ٿيو آهي. آئون ۽ سِڌو تيار ٿي ناشتي لاءِ ريستوران ۾ آياسين ته متانهين ڪان هوٽل جي مين گيٽ اڳيان ٽوريسٽ بس نظر آئي. سِڌو کي چيم ته اها بس پنهنجي لاءِ آئي آهي. اسان کي انين وڃي بس وٽ پهچڻ لاءِ چيو ويو هو. ڪافي دوست اڳ ۾ ئي ريستوران ۾ موجود هئا. اجوڪي سفر لاءِ مئڊم اسٽيلا پاڻ ئي روح روان هئي. ٻاهر تمام گهڻي ٿڌ هئي. نيڪ سادين انين وڃي بس ننگرڪوٽ مان رواني ٿي. ٻه ٽي پيرا ساڳي رستي کان اڄ وڄ جي ڪري علائقي کان ڪافي شناسائي ٿي وئي هئي.

آئون ۽ نِينا هڪ ئي سيٽ تي ويناسين. مئڊم اسٽيلا ۽ سونالي پر واري سيٽ تي ويٺيون. مئڊم مونسان مخاطب ٿيندي مسڪرائيندي چيو ته ”رمضان مونکي يقين آهي ته تو تمام گهڻو انجواءِ ڪيو هوندو. اڄ ڪنهن حد تائين توکي ڪٺمنڊو ڏسڻ جو موقعو ملندو. دراصل ڪٺمنڊو توهان ٽريننگ ختم ٿيڻ کان پوءِ ئي ڏسي ۽ گهمي سگهندؤ. جوته انهن ڏينهن ۾ توهان آزاد ٿي پنهنجي مرضيءَ سان گهمي ڦري سگهندؤ.“

ڪٺمنڊو جو هي دورو نه صرف گهمڻ ڦرڻ پر مختلف ادارن سان ميٽنگ لاءِ رکيل هو. گڏوگڏ ڪجھ اهم جاين جي تفريح به هئي. عورتن جي حقن بابت ملڪي سطح تي ڪم ڪندڙ تنظيم ”ومين الائينس فار پيس جسٽس اينڊ ڊيموڪريسي“ سنڪالپا جي عهديدارن سان گڏجاڻي، جوالاکيل چوراهي تي نگريڪا آواز پاران اسٽريٽ ٿيٽر، بيڪري ڪيفي ۾ انساني حقن جي ڪميشن نيپال ۽ بليو ڊائمنڊ نالي تنظيم جي بريفنگ ۽ لنچ ۽ شام جو سيانيونات اسٽوپا ڏسڻ جا پروگرام رٿيا ويا ها.



بس ڏنل وائنل رستن کان ٿيندي ڪٺمنڊو ۽ لَلِت پور جا خوبصورت منظر، بازارون، چوراها، يونيورسٽيون، ڪاليج وغيره کان ٿيندي هڪڙي پوش رهائشي علائقي ۾ اچي بيٺي. اتي پهچڻ کان پوءِ معلوم ٿيو ته بس درست علائقي ۾ ته آئي آهي، مگر صحيح رستي کان نه آئي آهي. اسان سڀ بس تان لهي سنڪالپا آفيس تائين پنڌ نڪري پياسين. هر پاسي مختلف ملڪن جا سفارتخانا، ڪارپوريٽ سيڪٽر جون آفيسون، يونائيٽيڊ نيشن ۽ بين الاقوامي اين جي اوز جون آفيسون ۽ رهائشي يونٽ به هئا. هيٺ متانهين وارن وروڪڙ وارن رستن کان ٿيندا 10 منٽن جي پنڌ تي سنڪالپا آفيس اچي پهتاسين. اداري جي عورت اڳواڻن اسان جو استقبال ڪيو. منهنجي خوشي جي حد نه رهي، جڏهن صدف ڊوڙي وڃي هڪ خاتون کي ياڪر پاتو ۽ هٿ کان وٺي اچي مونسان ملايائين ته:”رمضان هي آهي منهنجي آنٽي محمدي صديقي، جنهن سان ملڻ جو توهان کي تمام گهڻو اشتياق هيو.“ مون ادب سان جهُڪي سلام ڪيو ۽ ڪائنس آشيرواد ورتو. بعد ۾ خبر پئي ته محمدي سنڪالپا جي گورننگ باڊي جي متحرڪ ميمبر به آهي ۽ ليکڪا به آهي. سندس لکڻين جا موضوع مذهب، عورت ۽ معاشرو آهن. نيپالي زبان ۾ هن جو مقبول ڪتاب ”اسلام ۾ عورت جو مقام“ آهي، جنهن کي نيپال جي مسلم ڪميونٽي ۾ تمام گهڻي پذيرائي ملي آهي.

رسمي تقريب ۾ اسان جو آڏرياءُ مس شويا باسنيٽ(سنڪالپا جي اهم عهديدار) ڪيو ۽ پنهنجي اداري جي سرگرمين کان آگاهه ڪيو، بعد ۾ مئڊم اسٽيلا تمنگ ۽ محمدي صديقي پنهنجي خيالن جو اظهار ڪيو. مئڊم اسٽيلا تمنگ جي گفتگو ”نيپال ۾ عورتن سان ٿيندڙ زيادتيون، جمهوري حق ۽ قانوني مدد ۾ سنڪالپا جو ڪردار“ هيو. جڏهن ته محمدي صديقي جو موضوع ”نيپال ۾ مسلم اقليتون ۽ انهن جا مسئلا“ وغيره جهڙا موضوع هئا. سوال جوابن جو سلسلو ڪافي تفصيلي هيو.

ساڳي طرح اسان کان ٻه پنهنجين پنهنجين انفرادي توڙي اجتماعي سرگرمين بابت ٻه تفصيل سان پڇيو ويو.

سنڪاليا جو تفصيلي وزٽ ڪرڻ کان پوءِ اسان جو گروپ جوالاڪيل چوراهي ڏانهن روانو ٿيو. آئون، صدف، محمدي صديقي ۽ صدف جي سؤٽ رُوبي صديقي پنڌ ڪندا واپس ساڳي رستي کان بس تائين آياسين. محمدي صديقي، مئدم اسٽيلا کي ٻُڌائي مونکي پاڻ سان سندس گاڏي تي ويهاريو. ايئن اسان چارئي ڳالهيون ڪندا جوالاڪيل روانا ٿياسين. محمدي ٻُڌايو ته "هن پنهنجي سياسي توڙي سماجي ڪمن جو آغاز فاطميه فائونڊيشن جي پليٽ فارم تان ڪيو آهي، جنهن جي هوءُ چيئرپرسن آهي."

جولاڪيل پهتاسين ته اسان کان اڳ ۾ ئي ننگريڪا آواز جي ٽيم پهتل هئي، جنهن اسٽريٽ ٿيٽر جي تياري ڪري رکي هئي. جوالاڪيل چوڪ علائقي جو وسيع گول ۽ مصروف چوڪ آهي. علائقي ۾ هائيڊ پارڪ جي حيثيت رکي ٿو. جيئن ئي ٿيٽر شروع ٿيو ته عام ماڻهو به شامل ٿيندا ويا. ٿيٽر جيئن ته نيپالي ٻولي ۾ هيو. محمدي صديقي هر هڪ ڊائيلاگ جو ترجمو ڪندي مونکي ٻُڌائيندي ٿي ويئي. ٿيٽر گهريلو تشدد تي هيو، جنهن ۾ سس ۽ ننهن جي وچ ۾ جهيڙو، زال مڙس ۾ صرف انهي بنياد تي جهيڙو ته زال وڌيڪ سهڻي آهي. مُڙس ان تي شڪ ڪري ٿو ته جڏهن هوءَ ڪم تي ويندي آهي ته دير سان چو موٽندي آهي. پاءُ ۽ پيٽ وچ ۾ جهيڙو، مُڙس جي گهٽ تعليم ۽ زال جي وڌيڪ تعليم ۽ اختلافن سبب زال جو رُسي پيڪين ويهي رهڻ، ڪاليج، يونيورسٽي يا ڪم ڪار دوران جنسي طور هراسان ڪرڻ به هن ٿيٽر جا موضوع هيا. محمدي صديقي ٻُڌايو ته "هتي توهان کي جيترو ماحول بولڊ لڳي ٿو اوترو ئي مسئلن ۾ قاتل آهي. اسان جي معاشري جي بگاڙ جو هڪ وڏوسبب جنسي ڇڙواڳي به آهي."



مون انهي ڪڌي عمل کي اڳ ۾ صرف ٽوريسٽ واري عياشي جي اک سان پئي ڏٺو. پر خبر پئي ته هتان جا مرد توڙي عورتون، ٽِين ايجر ۽ نوجوان به انهي عمل ۾ ملوث آهن. هندستان جي قصاد بازاري انهي گورک ڌنڌي کي هٿي ڏيڻ ۾ سڀ کان اڳڀري آهي.

ٿيٽر ختم ٿيڻ تي اسان جو قافلو بيڪري ڪيفي ڏانهن روانو ٿيو، جيڪو انهي چوراهي وٽ ئي هيو. جتي مانجهاندي جو اهتمام ڪيو ويو هيو ۽ هڪ ٻي آرگنائيزيشن جي بريفنگ ۾ به شامل ٿيڻو هيو. محمدي صديقي پنهنجين مصروفيتن سبب اسان سيني کان موڪلايو ۽ اسين بيڪري ڪيفي ڏانهن روانا ٿياسين.

بيڪري ڪيفي ڪامريڊن جي بيٺڪ ۽ گڏجڻ جي حوالي سان مشهور آهي. ڪامريڊن جون اڪثر گڏجاڻيون هن هوٽل ۾ ئي ٿينديون رهنديون آهن. اسين پهتاسين ته انساني حقن جي ڪميشن نيپال ۽ بليو ڊائيمنڊ سوسائٽي جا نمائندا اڳ ۾ ئي هوٽل ۾ موجود هيا. بليو ڊائيمنڊ سوسائٽي جي اڳواڻ مس دُرگا ٿاپا اسان جو استقبال ڪيو. ميٽنگ کان اڳ ۾ اسان کي مخصوص نيپالي ڊش مومو کارايا ويا. ڪاڏي ۾ مومو نيپال جي خاص سڃاڻپ رکن ٿا. مون ۽ نِينا جڏهن هڪ ئي پليٽ ۾ مومو پئي کاڌا ته سيني جون نظرون اسان ڏانهن ڪچي ويون. مئدم اسٽيلا مسڪرائيندي چيو ته"رمضان هر ماڻهو سان نيائڻ جي پوري ڪوشش ڪئي آهي."

ڪائي پي واندا ٿياسين ته مئدم اسٽيلا اڳ ۾ سڄي هال، لابي ۽ ريسٽوران جو سراسري جائزو ورتو. بريفنگ کان اڳ ۾ مئدم اسٽيلا ۽ دُرگا پاڻ ۾ نيپالي ۾ ڪجھ ڳالهايو، جنهن مان مونکي محسوس ٿيو ته ايجنسين جا ماڻهو به پهتل هيا.

بريفنگ ۾ صرف بليو ڊائمنڊ سوسائٽي جي سرگرمين جو ذڪر ڪيو ويو. هن اداري جو اڪثر ڪم ٽرانسجينڊر/ٽين جنس جي حقن ۽ انهن سان ٿيندڙ ناانصافين، جنسي زيادتين ۽ HIV



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

ايبز تي آهي. بليو ڊائمنڊ سوسائٽي وٽ سگهارو ايڊووڪيسي نيٽ ورڪ آهي. دُرگا ٿاپا ٻڌايو ته ”نيپال جي سياسي ۽ انتظامي صورتحال جي ڪري ڪنهن اڪيلي آرگنائيزيشن جي لاءِ ماڻهن جي حقن لاءِ ويڙهه ڪرڻ ايڏو سولو ڪم نه آهي. انهي لاءِ مختلف اين جي اوز جي مشاورت ۽ سهڪار حاصل ڪرڻو پوي ٿو. پوءِ اها بليو ڊائيمنڊ هجي، سنڪالپا هجي، انساني حقن جي ڪميشن نيپال هجي، بڪالپا هجي، هڪ ٻي جي سهڪار کان سواءِ سگهاري ايڊووڪيسي ممڪن نه آهي.“

هن مئدم استيلا ڏانهن اشارو ڪندي چيو ته ”سچي ڳالهه اها آهي ته اسان سيني جي اڳواڻ ۾ روح روان هيءَ ئي آهي.“ اسان سيني مئدم کي خراج تحسين پيش ڪرڻ لاءِ تاڙيون وڄايون ته ريسٽوران ۾ ويٺل ماڻهن جون نظرون اسان ڏانهن ڪڄي ويون.

ٿڪاوٽ جو ته بلڪل به احساس نه هو، ميٽنگون ۾ مصروفيت ئي ڪجهه اهڙي قسم جي هئي. سياري جو سج تمام تيزي سان پئي ڊوڙيو. مشهور چوڻي آهي ته ”منجهند لڙئي کان پوءِ سج لهڻ ۾ دير ئي نه ڪري.“

اسان جي اڳين منزل سيانپُونات هئي. مون ٿامس کي فون ڪري ٻڌايو ته ٽائيم هجي ته سيانپُونات اچي. هن چيو ته موسيقي جا اجا به پيرڊ آهن، رات دير تي ويندي. نِينا پڇيو ته ” ڪنهن سان پئي ڳالهايئه؟“ ٻڌايومانس ته ”فرينچ ميوزيشن دوست آهي، ڪٽمنڊو آيل آهي.“ پڇيائين ته ”اچي ٿو.“ چيومانس ته ”نه، موسيقي جا ڪلاس وٺي پيو، واندو ڪونهي.“ نِينا ٻڌايو ته ”ڪيس وائلن وڄائڻ جو شوق آهي، ٿامس اچي ها ته ملاقات ڪري ونونس ها.“ چيومانس ته ”آئون توسان ٿامس جو نمبر شيئر ڪري ڇڏيندس، ملي ونجو.“

ڪٽمنڊو ۾ لَلِت پور ۾ زندگي روان دوان هئي. رستن تي موٽرسائيڪلون عام هيون. اسان جي ملڪ ۾ جيڪڏهن ڪا چوڪرِيءَ گاڏي هلائي ته اکيون ڦاڙي، واڇون ٽيڙي پيا ڏسنداسين. پر هتي ته موٽرسائيڪل، ڪار، ٽيڪسي، سائيڪل،


books.sindhsalamat.com

سائيڪل رڪشا، آٽورڪشا هلائڻ واريون عورتون ته مردن کان به گهٽيون پئي لڳيون. موٽربائيڪ تي ته اجا به خوبصورت پئي لڳيون.

ڪجهه هنڌن تي ته مون عورتن کي روڊ جي پر وٽي بنا ڪنهن پردي جي پيشاب ڪندي به ڏٺو. سندن ڳوڙڙا هپس به واضح نظر پئي آيا. ياد آيو ته هڪ ڀيرو مون ۽ حسين احمد بلوچ (يونيسيف واش ڪنسلٽنٽ) سانگهڙ جي ٻهراڙي وارن ڳوٺن/ڇڪن ۾ يونيسيف پاران جوڙايل گهريلو ليٽرين جي مانيٽرنگ ڪرڻ وياسين. ڏٺوسين ته اڪثر ليٽرين جي ڊبليوسي اهڙي طريقي سان فڪس ٿيل هئي جو ويهڻ سان پُٺ دروازي ڏانهن پئي ٿي. حسين احمد هڪ ڳوٺاڻي کان پڇيو ته ”ايئن چو آهي.“ ڪلندي چيائين ته ”سائين پُٺ مرد جي هجي يا عورت جي هڪ جهڙي ٿيندي آهي. جيڪڏهن اتفاق سان دروازي جي ڪُنڊي ڪليل هجي ۽ ڪو ٽڪڙ يا غلطي سان دروازو کولي وجهي ته پُٺ ڏسندو، ڪهڙو فرق پوندو.“

مونکي به محسوس ٿيو ته شايد اهو تصور هتي به عام هجي. ممڪن آهي ته ان عورت پيشاب ڪندي اڳيان ڪپڙي جو ڍڪ ڏيئي ڇڏيو هجي. پُٺ اگر ڪنهن ڏٺي ته ڪهڙو فرق پوندو. يا هتان جا ماڻهو انهي کي عيب ئي نه سمجهندا هجن. انهي سوچ ۾ هئس ته اسان واري بس سيانپُونات جي مُکيه گيٽ تي اچي پهتي. جتي مهاتماٻُڌ جا تمام وڏي سائيز جا استيچو لڳل هئا جنهن جي ۽ آرائش جو ڪم هلنڊڙ هيو. رستي جي ٻنهي پاسي پٿين توڙي وڻن ۾ جاين تي سوين پولڙا ڊوڙندي، ڏُڪندي، نينگ ٽپا ڏيندي ۽ وڙهندي نظر آيا. اسان کي هدايت ڪئي وئي ته هنن پولڙن جو احترام ڪرڻ ۽ خيال رکڻ هتي مذهبي فرض سمجهيو وڃي ٿو. جيڪڏهن حرڪت ڪندؤ ته وڙهي پوندا. پنهنجون قيمتي شيون پرس، بيگ ۽ ڪئمرا جو خاص خيال رکجو. پولڙا ڦري ويندا آهن. مون کي ته سچ پچ پولڙن کان ڀؤ ٿيڻ لڳو هو.


www.sindhsalamat.com

هتي بہ اسان وارن نيپالي ميزبانن انٽري فيس جا پئسا بچائڻ لاءِ وسان ڪونہ گھٽايو. پر اڳيان بہ ڊيٽ نيپالي هئا. ٽس ڪان مس ڪونہ ٿيا ۽ اسان جو اڌ ڪلاڪ تماشو ڏسڻ ۾ گذري ويو. انٽري فيس جي رقم في ماڻهو 50 روپيا نيپالي هئي. جيڪا پاڪستان جي 50 روپين جي برابر هئي. مونکي بلڪل بہ سمجھ نہ پئي آيو تہ ميزبان انهي ضد تي ڇو آهن تہ پئسا نہ وڃن. دراصل سارڪ سيڪريٽريٽ جي وفدن لاءِ مفت داخلا هئي. اسين سڀ سارڪ ملڪن جا تہ هياسين، مگر سارڪ سيڪريٽريٽ جا مهمان نہ هياسين. اسان جي ميزبانن چيو تہ هي سڀ سارڪ جا مهمان آهن. جنهن تي هُنن ليٽر ڏيکارڻ جو چيو. ليٽر تہ ڏيکاريو ويو، جيڪو ڪُروي ۽ بڪالپا جو هيو. مگر سارڪ سيڪريٽريٽ جو نہ هيو. مجبوراً اسان وارن ميزبانن کي ڦڪائي سان پئسا ڏيڻا پيا. اسان الله ڪري سيانيُونات جي چارديواري ۾ داخل ٿياسين. مٿي پهچڻ سان خبر پئي تہ سيانيُونات تي پهچڻ جا بہ رستا آهن. هڪ اهو جتان اسان بس ذريعي داخل ٿياسين. بيو انهي جي بلڪل سامهون ٻي پاسي کان 365 ڏاڪن واري ڏاڪڻ، جتان چڙهي ماڻهو مرڪزي اسٽوپا تي پهچي ٿو. گھڻو ڪري مذهبي ياتري هن 365 ڏاڪن واري ڏاڪڻ کان ئي مٿي چڙهن ٿا. سندن عقيدو آهي تہ ڪشٽ ڪرڻ سان دعا تڪڙو اگھامجي ٿي.

اسان جيئن ئي اندر داخل ٿياسين تہ ماڻهن کي ٻُڌا جي خوبصورت پتل سان ٺهيل هڪ وڏي بُت/اسٽيچو ڏانهن سِڪا اڇلائيندي ڏٺوسين. پهرين نظر ۾ ايئن لڳو جڻ ٻُڌا کي هنن ماڻهن پنڻ لاءِ مُک گيٽ جي اڳيان بيهاري ڇڏيو آهي. پر خبر پئي تہ جوان، جوانٽيون باس باسڻ، باس پُوري ٿيڻ، منت مڃڻ ۽ خواهشن جي پورائي لاءِ ٻُڌا جي پيرن ۾ پيل ڪشڪول ۾ سِڪا اڇلائي رهيا آهن. جيڪڏهن ڪا دعا گھري سِڪو اڇلايائون ۽ اهو ڪشڪول ۾ ڪريو تہ ڄڻ دان مليو ۽ دعا ۽ خواهش پوري ٿيندي.



نِينا مونکي چيو تہ "پاڻ بہ سِڪا اڇلايون."

چيم تہ " مونکي تہ تو جھڙو پيارو ماڻهو سِڪن اڇلائڻ کان سواءِ ملي ويو آهي. آئون تہ ڪونہ ٿو اڇلايان، توکي ڪجھ گھرجي تہ پلي اڇلاءِ."

وڏو ٽهڪ ڏيئي کلڻ لڳي ۽ چيائين تہ "ڳالھ ناهڻ تہ ڪو توکان سکي." نِينا ڪافي پيرا اڳ ۾ بہ سيانيُونات اچي چڪي هئي. مختلف جاين جي باري ۾ ٻُڌائيندي هلي. هتي گھمڻ لاءِ اسان سيني کي آزاد ڇڏيو ويو هيو. سيانيُونات پهچڻ ۾ ڪجھ دير ٿي ويئي هئي. اسان کي گھمڻ لاءِ صرف هڪ ڪلاڪ جو وقت ڏنو ويو هيو. سج لهڻ کان اڳ ۾ اسان کي هتان واپس وڃڻو هو. ڇوتہ اونداهہ ۾ رات جو ننگرڪوٽ جو سفر وڌيڪ خطرناڪ ٿيو وڃي.

نِينا مونکي مختلف جاين بابت ٻُڌائيندي هلي. هُن پنهنجي ڪئمرا سان ۽ مون پنهنجي ڪئمرا سان فوٽو پئي ورتا. ڪنهن ڪنهن مهل ڪنهن نہ ڪنهن سياح جون خدمتون پئي حاصل ڪيوسين تہ جيئن گڏيل فوٽو ڪيرائي سگھون. هُن مونکي ٻُڌايو تہ "جڏهن پاڻ اسٽوپا جي اُترين پر بيهنداسين تہ وادِي جو عجيب دلفريب منظر ڏسڻ کي ملندو."

چيومانس تہ "پوءِ چو نہ اڳ ۾ اوڏانهن هلجي. جيڪر شام ڳِهريءَ ٿي وئي تہ مزو نہ ايندو."

سچ پچ تہ اهو ڪمال جو نظارو هيو. هن ٽڪري تي چڙهڻ مهل اهو احساس نہ ٿيو تہ اها ڪيتري اُوچائي تي آهي. مگر جڏهن اسان ڪٽمنڊو ويُو پوائنٽ تي پهتاسين تہ ڪٽمنڊو جي پوري وادي، جبل، برف پوش پهاڙن جي ڊگھي قطار اکين اڳيان هئي.

مون نِينا کي چيو تہ "اگر هتي عبادت گاهون، مندر، ٽيمپل ۽ اسٽوپا نہ بہ هجن ها رڳو پڪنڪ پوائنٽ ئي ڪٽي هجي ها، تڏهن بہ ايترا ئي ماڻهو اچن ها. ڇوتہ آئون سمجهان ٿو تہ هن پهاڙِي



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

ڪان علاوه ڪا بي اهڙي جڳهه نه هوندي جتان کٽمنڊو کي ايئن
ڏسي سگهجي."

اسين جنهن پوائنٽ تي بيٺا هئاسين اتي پولڙا به تمام گهڻا هئا. هڪ هنڌ ته پولڙن جي جوڙي موج مستيون ڪندي اسان ڏانهن ڊوڙا ڦاڙي نهاريو ته ڊڄڪو ڏيئي چيومان ته منهنجو خيال نه ڪٽي ڪيو پر هن پُورن وارن واريءَ جو ته خيال ڪريو، توهان جا وار به ته هن جهڙا آهن. توهان پنهنجو ڪم ڪريو، اسان کي پنهنجو ڪم ڪرڻ ڏيو. پولڙا اهو ٻُڌي هڪڙي پاسي تي ويا.

نِينا پڇيو ته " ڇا چيئي هنن کي."

ترجمو ڪري ٻُڌايومانس ته ٽاڙي هٽي کلڻ لڳي. چيائين "وڏو شرارتي آهين."

چيومانس ته نه"سچ پچ ته اهي منهنجي ڳالهه سمجهي ويا ۽ تنهنجو قدر ڪندي هليا ويا."

سيانيُونات کي مقدس پولڙن جو ٽيمپل به چون ٿا. حقيقت ۾ اهو ايئن آهي ته مهايانا ٻُڌمت جي نرواڻ جي درجي تي پهتل هڪ شخص مانجُوشِري، جيڪو ايترو وقت تپسيا ۾ وينو رهيو جو اُن جي ڍڳهن وارن ۾ جُوئان پئجي ويون. جن پولڙن جي شڪل اختيار ڪري ورتي. سيانيُونات جي پولڙن کي مانجُوشِري جي وارن وارين جُوئن جي بدليل شڪل وارن پولڙن جي نسل ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو، جنهن ڪري اهي هندُومت ۽ ٻُڌمت ۾ مقدس آهن.

سيانيُونات جي هڪ بي خاص اهميت ان ڪري به آهي جو هتي مهاتمابُڌ جي وڏي ۾ وڏي اصلوڪي مورتي به هتي رکيل آهي. جنهن اڳيان آس وند پُوڄاري ڏيئا ٻاري پُوڄا پاٺ ڪن ٿا.

اسين گهمندا ڦرندا 365 ڏاڪن واري ڏاڪڻ تي آياسين. نظر ڪُتي وئي پر ڏاڪا نه ڪُتا. ڏاڪا به وڏا وڏا هيا، جنهن ڪري ڏاڪڻ به تمام ڏکي هئي. آئون ۽ نِينا هڪ ٻئي جو هٿ پڪڙي ڪجهه ڏاڪا هيٺ لٿاسين ته ڪتن ۽ پولڙن جي خطرناڪ ويڙهه ڏسي واپس مٿي چڙهي آياسين.



سيانيُو استوپا، هرتي ديوي ٽيمپل، شيخر ٽيمپل، جنهن کي اننتاپورا ۽ پراتاپورا به سڏجي، گومپا (ٻُڌ عبادتگاهه جتي هر روز شام جو 4 وڳي ڀڄن ڳايا وڃن ٿا) امن جو گهر شانتي پوره ۽ ٻيون ڪيتريون ئي جڳهيون ڏسندا ساڳي رستي کان واپس آياسين. نِينا چيو ته "ٻُڌ جي ڪشڪول ۾ هڪڙو هڪڙو سِڪو اڇلائينداسين ۽ دعا گهرنداسين. ڪهڙي دعا گهرنداسين. اها سِڪن اڇلائڻ کان پوءِ هڪ ٻئي سان شيئر ڪنداسين."

چيومانس ته "چڱو نيڪ آهي، جيئن تنهنجي مرضي."

"دل ۾ چيم ته" هڪ روپئي ۾ جيڪڏهن تون ملي پوين ته ٻيو ڇا کپي."

هن سِڪو اڇلايو ته ڪشڪول کان ٻاهر ڪري پيو. هن کان رڙ نڪري وئي "اوه نو"

مونکي سِڪو اڇلائڻ لاءِ چيائين. مون هڪ هٿ هن جي هٿ ۾ وجهي سِڪو اڇلايو ته ڪشڪول ۾ وڃي ڪريو. خوشي مان مون ۾ ڪٽي ٻڪ وڌائين. پڇيائين ته "ڪهڙي دعا گهريئي؟"

ٻُڌايومانس ته "دل ئي دل ۾ چيم ته هڪ روپئي ۾جيڪر تون ملي پوين ته اهو سودو مهانگو ناهي." هو بيساخته کلڻ لڳي، ڪافي دير تائين کلندي رهي. ساهي پٽي چيائين ته "خبر اٿئي ته مون تنهنجي سوچيل دعا بابت ڇا سوچيو هيو؟"

چيائين ته "مونکي پڪ هئي ته تون مون بابت ڪجهه نه ڪجهه گهرندين ۽ چوندين، تڏهن ڪليس."

پنهنجي دعا لاءِ چيائين ته "مون سوچيو هو ته اگر سِڪو ڪشڪول ۾ ڪريو ته آئون پنهنجا ڳل يا چپ چُميءَ لاءِ توکي آڇيندس. تنهنجو سِڪو ڪشڪول ۾ ڪريو آهي تون چاهين ته چُمي وٺي سگهين ٿو."

دل ۾ چيم ته هي گورا ماڻهو سودا به ڪيڏا نه ڪرا ڪندا آهن. چيومانس ته "اجا ڪافي ڏينهن گڏ آهيون. منهنجي توڏانهن اوڌر رهي."

اتي ئي بينا هئاسين ته اسان جي گروپ جا ٻيا دوست به گڏجڻ شروع ٿي ويا. سڀئي دوست گڏ ٿي ويا، مگر صدف واپس نه آئي. هن جو موبائل به بند هيو. مقامي دوستن کي هر پاسي کان ڏسي اچڻ لاءِ چيو ويو. اڌ ڪلاڪ جي ڏُڪ ڊوڙ کان پوءِ اهي به نااميد ٿي واپس موٽي آيا ته سڀئي فڪرمند ٿي پياسين. سڄ سيانپُونات جي دروازي تي لهي ويو هيو. روشنيون چمڪڻ ۽ بلب ٽمڪڻ لڳا هيا. مگر دل ۽ دماغ کي ڪجهه به نه پئي وڻيو. ايتري ۾ اوچتو صدف ظاهر ٿي ته اسان سيني سُک جو ساهه کنيو. پر هن جي حالت خوف ۽ پنڌ ڪرڻ جي ڪري ڏاڍي خراب هئي. مئڊم هن کي سيني سان لائي پيار ڪيو ته سُڏڪا پري روئي پِئي هئي. بس ۾ ويناسين ته اسان سيني کي عجيب اُڻ تُڻ هئي ته هن ويچاري سان الائي ڪهڙي ويڌن ٿي آهي. پاڻي ۽ جوس پيئڻ کان پوءِ جڏهن هوءَ ٿورو سامت ۾ آئي ته هبڪندي ٻڌايائين ته "رستو ڀُلجي ويئي هيس. موبائل جي بيٽري ڊائون ٿي ويئي. پوءِ ڀڪو هيڏانهن هوڏانهن پئي هليس. هڪڙو پنڌ هلڻ وارن جو ڪو چور رستو هيو. ماڻهو ته آيا ويا پئي مگر ڊپ مان ڪنهن کان پُڇي به نه پئي سگهيس. ڪتن ۽ پولڙن جو خوف به هو، ايئن اڌ مُني ڪلاڪ کان پوءِ سيانپُو آيس. بعد ۾ رستو نظر آيو."

مئڊم تسلي ڏيندي چيس ته "اسان توکي ڇڏي وڃون به ڪونه ها." ٿورو اڳيرو هڪڙي چوراهي تان ريفريشمينٽ جو سامان ورتو ويو. ماحول کي خوشگوار ڪرڻ لاءِ دوستن تاڙين ۽ چُٽڪين جي رڌم تي ڳڏجي ڳائڻ شروع ڪيو. آهستي آهستي ٿڪاوٽ جا آثار به ظاهر ٿيڻ لڳا. ٻه ٽي دوست ته بس جي سيٽن تي ڍرڪي پيا هئا. ٻاهر اونداهه هئي، ڪجهه به نظر نه پئي آيو. سواءِ شهر ۽ جابلو ڳوٺن ۽ گهرن ۾ ٽمڪندڙ بلبن جي روشنين جي. ڊرائيور بس انتهائي احتياط سان پئي هلائي. ڇو ته رستي جا موڙ ڏاڍا خطرناڪ هيا. جتي ڪراسنگ مرر به لڳل نه هيا.


books.sindhsalamat.com

## • لمسفيدِي جي ديوي

کٽمنڊو ۽ سيانپُونات کان واپسي ۾ دير ٿي وڃڻ ۽ ٿڪاوٽ جي ڪري صبح وارو اڌ ڏينهن آرام ڪرڻ لاءِ ڇڏيو ويو ۽ مانجهاندي کان پوءِ صرف فيڊبيڪ سيشن رکيو ويو هو. جنهن ڪري "گهوڙا ٻڌي ڪتا ڪولي" واري چوٽي وانگر ڊگهي ننڊ ڪئي سين. ذهني طور تي مون طئه ڪري ڇڏيو هو ته شانتي جي معيار لاهڻ ۽ واعدو پاڙڻ ضرور ويندس. صبح جو خبر پئي ته دوستن پنهنجا پنهنجا پروگرام ناهي رکيا هئا. ڪجهه دوست ته گهمڻ سانگي نڪري به هيا. سِڏُو، انوجا، پنگالا، نيلِيما، لامِين،نِينا ۽ آئون هوٽل ۾ ئي رهياسين. ٿوري دير ۾ فون آيو. نيپال جو نمبر هيو. مگر مون وٽ نالي سان سيو ٿيل نه هو. اٽيند ڪيم ته شانتيءَ جو آواز هيو. پڇيائين ته ڪٿي آهين.؟

ٻڌايومانس ته "هوٽل تي آهيان ۽ واندو آهيان."

"مون وٽ ڪيڏي مهل ايندين."

"جنهن مهل تون حڪم ڪرين."

ٺيڪ ڏهن منٽن کان پوءِ آئون پنهنجي شاپ تي هونديس. توهان هليا اچو."

سيني جون سواليه نظرون مون ۾ هيون. سِڏُو پڇيو ته ڪنهن جو فون هيو.

"چشمي واريءَ جو فون هيو."

هن جي چهري تي دلرُبا مرڪ تري آئي.

لامِين چيو "اهو وري ڪهڙو ڪوڊ آهي. نالو نه ٻڌائيندي."

چيومانس ته "تنهنجي قبيلي جي ئي ڇوڪريءَ آهي شانتي لاما! لمسفيدِي جي آهي."

لامِين سيني کي مخاطب ٿيندي ٻڌايو ته "رمضان جنهن ڇوڪرِيءَ جو ذڪر پيو ڪري. ان جو ڳوٺ تمام خوبصورت آهي. مگر سهولتن کان وانجهيل آهي."


www.sindhsalamat.com

سِڏُو، لامِين جي ڳالھ ۾ اضافو ڪندي چيو تہ ”ڳوٺ تہ خوبصورت هوندو مگر چوڪرِيءَ بہ سونهن راڻي آهي، اها بہ گهٽ نہ آهي.“

آئون وڃڻ لاءِ اٿي بيٺس تہ”نِينا چيو تہ مونکان اوڌر نہ وٺندين.“ چيم ”چونہ. فل الحال مون تي ڪنهن جو قرض آهي اهو لاهي اچان تہ پوءِ توسان حساب ڪتاب ڪيان ٿو.“

آئون شانتي جي شاپ تي پهتس تہ هوءَ بيچيني سان منهنجو انتظار ڪري رهي هئي. شاپ تي هوءَ اڪيلي هئي. هجت ۾ منهنجو هٿ پڪڙي پنهنجي رهائش واري خوبصورت ۽ صاف سُٿري ڪمري ۾ وچي ويهاريائين. جتي اڳ ۾ ئي خشڪ ميوا، تازا ميوا ۽ جُوس رکيل هيا. مون کي اڪيلو ويهاري ٿوري دير بعد گرما گرم چپس بہ کڻي آئي. ڪافي دير تائين ڪچهري ڪندا رهياسين. ڳالهين ئي ڳالهين ۾ جذبن جو جُوالامُکي ڇڻ تہ ڦاٽي پيو هو. دل ۽ دماغ تي محبتن جا اڻ مِٽ نشان ڇڏجي پيا هيا.

لايو لام الف سين، ڪاتب لکيو جيئن،
اسان سڄڻ تيئن، رهيو آهي روح ۾.
”شاهہ“

ڪجھ دير خاموش رهڻ کان پوءِ چيائين”واپسي ڪڏهن آهي.“ ٻُڌايومانس تہ چار پنج ڏينهن تہ اجا هونداسين. بہ ٽي ڏينهن ڪٽمنڊو ۾ هونداسين ۽ پوءِ واپسي آهي.“

”مون کي پاڻ سان گڏ نہ وٺي هلندين.“

”تون اُتي سَروائيو نہ ڪري سگهندين. آئون آفر بہ نہ ٿو ڪري سگهان. زندگي ساٿ ڏنو ۽ موقعو مليو تہ ضرور ملنداسين.“

”مون فيصلو ڪيو آهي تہ نيپال مان نڪري ويندس. نہ تہ خودڪشي ڪري ڇڏيندس.“



هُن جون اکيون پرجي آيون، منهنجي جسم مان ڇڻ تہ سَت ڇڏائجي ويو. چيومانس تہ ”خودڪشي مسئلي جو حل نہ آهي. حوصلو رک ڪو نہ ڪو بهتر رستو نڪري ايندو.“

”ڪو حوصلي ڏيڻ وارو ئي تہ ڪونهي.“

”آئون توسان رابطي ۾ رهندس.“

”پرامس“

”ها شانتي پرامس“

ڪمري مان نڪري گهڙي ڪن ريسٽوران ۾ اچي ويناسين. مون اجازت گهري تہ خاموشي سان ٽِڪ ٻڌي ڏسندي رهي. ڪجھ پند گڏ آياسين تہ واپس ورڻ لاءِ بيهي رهي. چيائين تہ ”توکي اجازت آهي. جيترا ڏينهن بہ آهيو. ٿورو وقت ڪڍي مون وٽ ضرور اچجو.“

آئون هوٽل تي موٽي آيس تہ لنچ تي دوست گڏجڻ شروع ٿي ويا هيا.



ننگرڪوٽ اسڪول جي پرنسپال ۽ اسٽاف سان گڏ

## •نئون ڳوٺ
## انساني حقن جو عالمي ڏينهن

اسان جي ورڪشاپ جو عملي طور تي اختتام انساني حقن جي عالمي ڏينهن 10 ڊسمبر تي رکيو ويو هو، جنهن ۾ ڪيترائي پروگرام ترتيب ڏنا ويا ها. ڏينهن جي پهرين اڌ ۾ پروگرام جو فِيڊبيڪ ۽ مجموعي جائزي ونڻ بابت سرگرميون ڪيون ويون. لنچ بريڪ کان پوءِ انساني حقن جي اڳواڻن سان بريفنگ رکي وئي ۽ ڊاڪيومينٽري ڏيکاري وئي. جتي منهنجي ملاقات نيشنل هيومن ڊولپمينٽ فورم نيپال جي صدر محمد دين علي سان ٿي. وڪيل هجڻ سان گڏوگڏ هُو انساني حقن لاءِ جهيڙيندڙ جفاڪش ڪارڪن به آهي. ڊاڪيومينٽري جو موضوع مائُونواز گوريلن خلاف فوجي ڪارروائي جي حوالي سان مقامي ماڻهن سان ٿيندڙ زيادتين بابت هو ته ڪيئن آرمي بهراڙي ۾ رهندڙ ماڻهن کي مائُونواز همدرد ڄاڻائي ڪنيي ٿي وڃي، ماري گُم ڪري ٿي ڇڏي. نوجوان عورتن ۽ ڇوڪرين سان ٿيندڙ جنسي ۽ جسماني تشدد به هن ڊاڪيومينٽري جا خاص موضوع هيا.

جڏهن مئڊم اسٽيلا ٻُڌايو ته "اسان پروگرام رٿيو آهي ته نئين ڳوٺ جي مرڪزي چوراهي تي ميڻ بتيون ٻاري يڪجهتي جو مظاهرو ڪنداسين ته عائشه شوڪت اسان پاڪستاني دوستن سان لابنگ شروع ڪئي ته "جيڪڏهن اها سرگرمي ٻاهر ڪئي وئي ته اسان لاءِ سيڪيورٽي رسڪ ٿي سگهي ٿي." جڏهن عائشه، فائزه ۽ بلال مون وٽ آيا ته مون کين چيو ته "اهڙي ڪا به ڳالهه ناهي. اها سرگرمي پلي ڪٽي به ٿئي کو فرق نه ٿو پوي، اسان کي شامل ٿيڻ گهرجي."

بلال منهنجي راءِ تي سخت ردِ عمل ظاهر ڪندي چيو ته "اسان ته شامل نه ٿينداسين."



مون بلال کي چيو ته "مونکي سمجهه ۾ نه ٿو اچي ته اڄ اچانڪ ورڪشاپ جي پُڄاڻي تي ٽن هفتن کان پوءِ توهان کي اهو خيال ڇو آيو آهي. ڪهڙي ڳالهه جي ڪري توهان کي احساس ٿيو آهي ته اسان جي لاءِ هن پروگرام ۾ شامل ٿيڻ مناسب نه آهي. سارڪ ميمبر جي حيثيت سان اسان کي ته ٻين ملڪن کان به وڌيڪ سهولتون آهن. توهان ته جوالاڪيل ۾ وڏا نينگ ٽِپا ڏنا هيا. اتي به انساني حقن جي ڳالهه ٿي هئي. سامهون پوليس ٿاڻو به هو. اُتي ايجنسين جا ماڻهو به آس پاس هيا. توهان ته بيڪري ڪيفي ۾ به ڏاڍي مزي سان مومو کاڌا هيا. اتي به انساني حقن جي ڳالهه ٿي هئي. اتي به ايجنسين جا ماڻهو هيا. بلال تون ته انساني حقن جو يُوٿ چيمپين سڏائين ٿو. ڪراس باڊرنگ نالي تنظيم جو اهم رُڪن به آهين. ڇا توکان نيپال يا پاڪستان جي ڪنهن سيڪيورٽي ايجنسي جي ڪنهن عملدار پڇيو آهي ته تون انهي ورڪشاپ/ٽريننگ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ نيپال ۾ بڪالپا طرفان ڪُروي جرمني جي سهڪار سان ڇو پيو وڃين يا ڇو آيو آهين. اسان جي ميزبانن هر قسم جي ذميداري ڪنئي آهي. اسان کي نه صرف انهن جو احترام ڪرڻ گهرجي، بلڪ سهڪار ڪرڻ گهرجي. اگر توهان شامل نه ٿيندؤ ته انهن جي صحت تي ڪو به فرق نه پوندو. عائشه جي لابنگ ۽ سياست جي ڪري اسان سڀني جو اميج خراب ٿيندو."

فائزه چيو ته "اگر رمضان شامل ٿئي ٿو ته آئون به شامل ٿينديس."

عائشه ۽ بلال پنهنجي خدشن کان مئڊم کي آگاهه ڪيو ته مئڊم مونکي ۽ فائزه کي سڏائي ورتو. مون مئڊم جي سامهون واضح موقف رکيو. جيڪو هنن جي سامهون رکيو هيو. مئڊم مدبرانه فيصلو ڪندي چيو ته "اسان کي عائشه ۽ بلال جي خدشن جو احساس آهي. جيڪڏهن هو شامل نه ٿا ٿيڻ چاهن ته ڪو مسئلو ناهي. باقي سڀئي دوست شام جو نئين ڳوٺ جي

مرڪزي چوڪ تي اڌ ڪلاڪ لاءِ گڏ ٿيندا. ميڻ بتيون ٻاريندا ۽ اسين انساني حقن جي عالمي مهم جو حصو بڻباسين."

شانتي جو شاپ نئين ڳوٺ جي رستي تي ئي هيو. هلڻ لاءِ چيومانس ته پاٽيجِي کي شاپ تي ويهاري مونسان گڏ نئين ڳوٺ جي مرڪزي چوڪ تائين هلي ۽ واپس موٽي آئي. واپسي تي آئون جهٽ گهڙي لاءِ شانتي وٽ ويهي رهيس. ٻُڌايومانس ته سُڀاڻي واپسي آهي ته اداس ٿي ويئي. ڇڏيائين به نه پئي. ڳراٽڙي پائي موڪلايوسين ته اکين مان ڳوڙها تري آيس.



عالمي انساني حقن جي ڏينهن جي موقعي تي



## • ڪٺمنڊو ڏانهن واپسي

پهرين ڏينهن جڏهن ننگرڪوٽ اچڻ ٿيو هو ته سوچيو هيم ته هتي ته وڻن، جبلن ۽ برف پوش پهاڙن کي ڏسي ڏسي ايترا ڏينهن ڪيئن گذرندا. پر وقت خواب جيان گُذري ويو. ننگرڪوٽ جي ماڻهن جي محبتن ته جڻ ته پيرن ۾ ڏانوڻ وجهي ڇڏيا هئا. هوٽل جو ماحول گهر جيان لڳڻ لڳو هئو. هوٽل اسپيس مائونٽين جي اسٽاف جي چهرن تي اداسي هئي. هنن رات جو اسان لاءِ شاندار پارٽيءِ جو اهتمام ڪيو، جيڪو منهنجي هوٽلنگ لائيف جو بهترين ۽ يادگار پروگرام هو.

ڀٽائي جون سٽون بار بار ذهن تي تري تي آيون.

ڪٽا منجهه قرار، هئا هيڪاندا سنگ ۾،
ڳاهي ڳاهه فراق جي، ڪيا ڏاروڏار،
نه ڄاڻان ٻيهار، ته ڪير ملندو ڪنهن سين.
"شاهه"

صبح جا ڏهه ٿي ويا هئا. اجا روانا نه ٿيا هياسين. آئون اِنيتا ۽ سندس معصوم پُٽ انوج سان الوداعي ملاقات لاءِ نڪري ويس. انوج ڪجهه دير تائين منهنجي هنج ۾ رهيو. اِنيتا پڇيو ته "وري ڪڏهن ايندين." چيومانس ته "جڏهن مقدر بڻيو. توکي ۽ انوج کي دل سان ياد رکندس."

واپس بس وٽ آيس ته سيئي دوست آهستي آهستي گڏجڻ شروع ٿي ويا هئا. مئنيجر سميت هوٽل جو سمورو اسٽاف اسان کي الوداع ڪرڻ آيو.

بس آهستي آهستي رواني ٿي. دوست پنهنجن پنهنجن ڄاڻ سڃاڻ وارن دوستن کي هٿ لوڏي خدا حافظ ڪندا رهيا. منهنجون نظرون شانتي جي دوڪان تي هيون. هُوءَ پري کان ئي نظر آئي. اسان واري بس کي ڏسي روڊ تي اچي بيٺي. بس کي بيهڻ جو اشارو ڪيائين ته ڊرائيور هيڊلائيٽس ڏنس ۽ هٿ سان

نہ ويھڻ جو اشارو ڪيو. مون ڊرائيور کي چيو تہ ٿورو ويھي تہ هُوءَ ويھي رهيو. آئون بس تان لھي شانتي سان وڃي مليس تہ هُو بيساختہ سِيني سان لڳي ويئي ۽ روئي پئي هئي ۽ دير تائين روئندي رهي. مان بہ پنھنجا لُڙڪ روڪي نہ سگھيس. منھنجن دوستن ۽ واٽ ويندڙن جون نظرون بہ اسان ۾ هيون. آئون هٿ لوڏيندو فلائنگ ڪس ڪندو بس تي چڙهي ويس.

ڊرائيور ماحول کي سمجھندي اُدت نارائڻ جو اردو گانو هلائي ويتر ماحول کي سوڳوار ڪري ڇڏيو.

جانے کیوں لوگ پیار کرتے ہیں،

جانے کیوں وہ کسی پے مرتے ہیں، جانے کیوں، جانے کیوں۔۔۔۔۔۔

ننگرڪوٽ اکين کان اوجھل ٿي ويو. دوست ماحول کي خوشگوار بنائڻ لاءِ تاڙيون وڄائي بس ۾ وڄندڙگانن سان گڏ ڳائيندا هليا. بس ور وڪڙ رستن تان ڊوڙندي ڪٺمنڊو ۾ داخل ٿي وئي ۽ اسين پُرسُڪُون ماحول مان نڪري پُر هجُوم ماحول ۾ اچي وياسين. سِڌُو کي مون چيو تہ ”مانجھاندو ڪري آئون دوستن سان ملڻ هليو ويندس. توهان منھنجو سُڀاڻي سات ڏجو.“ نِينا مصروفيتن بابت پڇيو تہ ٻُڌايومانس تہ”ڪجھ دوست آهن انھن سان گڏجي ڪٺمنڊو درٻاراسڪوائر ويندس. ڊنر ٿامس سان گڏ ڪندس. رات جو ڏهين ڏاري موٽي ايندس.“ چيائين تہ ”واپسي ۾ مون وٽ اچجو تہ گڏجي ڪافي پيئنداسين.“

مون گنگا کي ڪٺمنڊو اچڻ جو ٻُڌائي ڇڏيو هو. ٻُڌايائين تہ ”گھر کان درٻاراسڪوائر تائين پھچڻ ۾ منو ڪلاڪ لڳندو. پاڻ نيڪ اڍائي وڳي بشال بازار ۾ ملنداسين.“



books.sindhsalamat.com

# •درٻار اسڪوائر، بشال بازار، نيو اورلينس ريسٽوران

آئون پنھنجو سامان گيسٽ هائوس جي ڪمري ۾ رکي ٿورو فريش ٿي ٻاهر نڪري آيس تہ ريسٽوران جي دروازي تي دُرگا، لامِين، هيلينا ۽ ٻڪالپا اسٽاف جون ٻيون ڇوڪريون مليون، ڪين ٻُڌايم تہ شهر ٿو وڃان. هيلينا چيو تہ ”ٿوري دير ۾ ماني تيار پئي ٿئي مانجھاندو ڪري پوءِ وڃو.“

ڪين چيم تہ ”توهان کي ڪھڙي خبر تہ مون ڪٺمنڊو جو ڪيتري شدت سان انتظار ڪيو آهي.“

هيلينا تڪڙ ۾ اُٺي پليٽ ۾ مومو رکي ڪٽي آئي. مون ڪائي ٿامل ۽ بشال بازار جو ڏس پڇيو ۽ ٽيڪسي ڪري ڏيڻ ۾ سھڪار لاءِ چيو. دُرگا (جيڪا ٻڪالپا جي اوپن اسپيس اسڪول ۾ ٽيچر آهي) ٻاهر وڃي ٽيڪسي وٺي آئي.

ڪٺمنڊو جي ڪاٻڙ ڪُوٻڙ ڪجھ سوڙهن ڪجھ ويڪرن رستن، گھٽين، ريڙهن، فٽپاٿن، ننڍن ننڍن ڪيبنن، دوڪانن، رڪشائن، موٽر سائيڪلن ۽ گاڏين جي هجوم باوجود هڪڙي شيءِ حيرت ۾ وجھندڙ هئي تہ هر چوراهي ۽ خاص جڳھين تي تاريخي ۽ قديم طرز جا ٽيمپل تعمير ٿيل هئا. ڪي تہ صديون پراڻا هيا. ايترا پراڻا جيترو هي شهر قديم آهي. اها ٻي ڳالھہ هئي تہ اهڙن هنڌن تي صفائي سُترائي جو نظام نھايت ئي خراب هو. ٽيڪسي پندرهن منٽن ۾ مونکي ٿامل اچي ڇڏيو. ٿامل جيڪا قديم ۽ جديد مارڪيٽ جو شاندار سنگم آهي. مون وٽ گنگا جي اچڻ تائين ڪلاڪ کان وڌيڪ وقت هو. آئون گھمندو ڦرندو بازار جي گھما گھمي جو مشاهدو ڪندو بشال بازار اچي ويس. جيڪا هاٽوڪي دؤر جي سُپرمارڪيٽ آهي. هتي تہ زندگي جو پنھنجو حُسن ۽ جلوو آهي. هتان جي الھڙ جوانين، ڇيڳلين ڇوڪرين جي چلولاين، ادائن، حُسناڪين ۽ من موهيندڙ مسڪراهٽن جا



www.sindhsalamat.com

پنهنجا رنگ آهن. مونکي چگّي ريت احساس ٿيو هو تہ جڏهن آئون تري ڀوَن ايئرپورٽ جي ڊپارچر لائونج ۾ داخل ٿيو هيس تہ مونکي سڄي دنيا مان ايندڙ ماڻهن جو هجوم نظر آيو هيو. شايد اهو کٽمنڊو جي جلوَن جو جادُو هيو. اهڙو جادُو جيڪو مونکي هن ٿامل ۽ بشال بازار ۾ بخوبي نظر آيو آهي.

اهڙي گهما گهمي ۾ مونکي وقت جو ذرو بہ احساس نہ ٿيو. گنگا بشال بازار جي مُک گيٽ تي پهچي ڪال ڪئي. مون گيٽ ڏي نهاريو تہ گنگا، بندانا ۽ پرويا ٽئي آيون هيون. آئون فون اٽينڊ ڪرڻ کان سواءِ هٿ لوڏيندي اشارو ڪندي ڏانهس هليو ويس. ٽئي هُجت ۽ پاٻوهہ سان مليون. اسان چارئي ڄڻا پنڌ ڪندا درٻاراسڪوائر ڪيفي تي اچي ويناسين ۽ مومو ۽ پيزا جو مزو ورتوسين. گنگا پڇيو تہ ”ڪهڙي مهل کان هتي آهيو؟“

ڪين مسڪرائيندي چيم تہ ”هن بازار ۾ گهمندي لڳ ڀڳ ڏيڍ ڪلاڪ ٿي ويو آهي.“

”پوءِ فون ڇو نہ ڪيئي؟“

”توهان اڍائي وڳي جو چئي ڇڏيو هو. انهي ڪري فون ڪرڻ مناسب نہ سمجهيم.“

”اسان کي بہ ڪِرتِي پور کان آئي اڌ ڪلاڪ ٿي ويو آهي.“

”توهان ٽنهي جا قرب آهن جو توهان آيون آهيو. توهان جي محبتن کي آئون ڪڏهن بہ وساري نہ سگهندس.“

گنگا، پرويا ڏي اشارو ڪندي چيو تہ ”توهان جو روز پُڇي ٿي.“

”ها مونکي دل و جان سان احساس آهي. هيءَ انتهائي، نفيس، خوبصورت، پياريءَ ۽ سباجهي ڇوڪريءَ آهي. آئون سندس قدر ڪريان ٿو.“

مون سنڌ جي روايتي طريقي وانگر هٿ ٻڌي ڌنيواد چيو. اسان ڪيفي مان نڪري درٻاراسڪوائر ڏانهن روانا ٿياسين. بندانا ۽ پرويا ٿورو اڳيريون هيون. گنگا منهنجو هٿ پڪڙي



چيو تہ ”توهان مائينڊ تہ نہ ڪيو جو مون توهان کي ڪِرتِي پور هلڻ جي صلاح ناهي ڪئي.“

”نہ گنگا سچ پچ بلڪل بہ نہ. ها اگر نيپال مان ويندي ويندي نہ ملي سگهون ها تہ توهان جي شدت سان ڪمي محسوس ڪيان ها.“

”اڄ منهنجو ارادو هيو تہ آئون اڪيلِي ايندس. پر هنن مونکان واعدو ورتو هو تہ گڏ هلنداسين. منهنجي خواهش هئي تہ توهان سان ڪجهہ گهڙيون اڪيلائي ۾ گذاري سگهان. اڄ بہ هنن جي ڪري توهان کي گهڻو وقت نہ ڏيئي سگهنديس. اسين شام جو ڇهين وڳي ٽائين واپس هليا ويندا سين. سچ پُڇو تہ آئون توهان کي تمام گهڻو مِس ڪنديس، مونسان رابطي ۾ رهجو.“

”گنگا آئون تنهنجا قرب ڪڏهن بہ وساري نہ سگهندس. توهان جي ڪري ئي هن ڌرتِي سان منهنجو مضبوط رشتو ٿي پيو آهي. آئون نيپال کي پنهنجو ٻيو گهر/ديس سمجهان ٿو.“

اسين ڳالهيون ڪندا درٻاراسڪوائر ۾ داخل ٿياسين. مون ڀگتاپور ڏٺو، سيانيُوناٿ ڏٺو پر مون هتي هزارها سالن جي روايتن ۽ رسمن جي امين جڳهين، پگودن، شاهي محلن جو تاريخي جاهہ و جلال ڏٺو. واديءَ کٽمنڊو جي مرڪز ۾ هجڻ جي ڪري هتي ڏيهي توڙي پرڏيهي ياترين ۽ سياحن جي گهما گهمي نظر آئي. سڀ کان وڌيڪ توجهہ جو مرڪز ڪماري گهر هيو. جتي زنده ديوي جو درشن ٿئي ٿو.

مون ڪماري گهر وٽ بيهي گنگا، بندانا ۽ پرويا کي هڪ دلچسپ واقعو ٻُڌايو تہ ”توهان وٽ زنده ديوي آهي تہ اسان وٽ زنده پير ۽ نانيءَ ”نہ مُئي“ آهن.“

پهريون پيرو جڏهن لاهوتين سان گڏ بلاول شاهہ نوراني ۽ لاهُوت (عام طور تي ڪجهہ عقيدت مند لاهُوت لامڪان بہ چون) ويس تہ اتي جيڪي عجُوبا ناهيا ويا آهن، انهن ۾ هڪ نانيءَ ”نہ مئي“ بہ آهي.

آئون نانيءَ ”نہ مُئِي“ جي خدمت ۾ حاضر ٿيس. پٽ ۾ گاري مٽيءَ سان ٺهيل ننڍڙي گهر جي ورانڊي ۾، فرش تي وڇايل رلي تي لڳ ڀڳ 55 کان 60 سالن جي عمر جي هڪ عورت درويشاڻي ڪيفيت ۾ ويٺي ماڻهن کي ڏاڳا ڦيٽا پئي ڏني. ڪافي عقيدت مند مرد ۽ عورتون سندس سامهون ادب سان جهُڪيون ويٺيون هيون. آئون بہ سلام ڪري سندس سامهون ويهي رهيس. مونکي نِڪر جي ڪٿوري ۾ لسي آٽي پياري وئي. نانيءَ ”نہ مُئِي“ هٿ جي اشاري سان سڏيندي ويجهو ويهاريو ۽ ٻانهن ۾ سگو ٻَڌائين. مون بہ هُن جي اڳيان نذرانو رکيو. هُجت ۾ پُڇي ويٺس تہ ”توهان کي نانيءَ ”نہ مُئِي“ چو ٿا چون؟“

هُن جي پر ۾ ويٺل هڪ ٻِي ڪُراڙي عورت تڪڙ تڪڙ ۾ چيو تہ ”ابا هن کي حضرت علي ڪرم الله وجہ جي دعا آهي. پاڻ جڏهن هتي آيا هئا تہ هن جي مٽي تي هٿ رکي قيامت تائين زنده رهڻ جي دعا ڏيئي ويا. هن جا ڪيترائي اولاد، ڏوهٽا، ڏوهٽيون، پوٽا، پوٽيون گذاري ويا، مگر هيءَ جيئري آهي. ويٺل ماڻهو سبحان الله ۽ عليؑ عليؑ جا نعرا هڻڻ لڳا. آئون وڌيڪ ڪُڇڻ ۽ پُڇڻ کان سواءِ اُٿي هليو آيس.“

ڳنگا پڇيو تہ ”حضرت عليؑ جي دؤر کي ڪيترو وقت ٿيو آهي.؟“

چيومانس تہ ”چوڏهن سؤ سالن کان بہ مٿي.“

هن وڏي زور سان ۽ حيرت مان 14 سؤ سال چئي وات تي ڪٽي هٿ رکيو. چيائين تہ اسان سيني جا عقيدا هڪجهڙا آهن. جيتري گهٽي جهالت آهي اوترين گهٽيون ۽ عجيب ڪهاڻيون آهن. شايد هي زنده ديوي هن ڪماري گهر جي اڏاوت کان بہ اڳاٽي هجي. پر اها پنهنجي وقت تي تبديل ٿئي ٿي. هڪ ماڻهو جيڪڏهن پنجاهہ سالن ۾ پنج ڀيرا بہ هن کي ڏسڻ اچي تہ زنده ديوي هن کي ايئن نظر ايندي جيئن هن پهريون ڀيرو ڏٺي هوندي. ساڳيو رنگ، ساڳيو روپ، ساڳيو قد ڪاٺ، مگر حقيقت ۾ اها ساڳي نہ هوندي.



books.sindhsalamat.com

جيڪڏهن درٻارن جي اڏاوت، ترتيب ۽ بيهڪ جو جائزو ونجي تہ ڪٺمنڊو درٻار، پاٽن درٻار يا ڀڳتاپور درٻار هڪ ئي طريقي سان اڏيل آهن ۽ مختلف دؤرن ۾ مختلف بادشاهن پنهنجي پنهنجي طريقي سان انهن ۾ تبديلي پئي آندي آهي ۽ پنهنجي الڳ سُڃاڻپ قائم رکڻ جي ڪوشش پئي ڪئي آهي. ساڳي طرح جيڪڏهن سوين هزارين سال پوئتي نهارجي تہ موجُوده گنجان آباد شهرن جو نہ ڪي وُجود هو ۽ نہ آس پاس ڪا گهٽي آبادي هئي. جيڪڏهن ڪي رهائشي يونٽ، گهر يا ڪالونيون هيون بہ تہ انهن جا مَڪِين يا تہ بادشاهن جا نوڪر، سپاهي ۽ خدمگار هئا يا درٻاري (مندرن، ٽيمپلن جا درٻان ۽ پوڄاري) چوتہ موجوده جوڙجڪ ۽ بيهڪ مان چڱي طرح اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ انهن درٻارن جي تعمير ۽ ترتيب اهڙي طريقي سان ٿيل آهي. هر پاسي کان درٻاراسڪوائر ۾ داخل ٿيڻ جا اوائلي رستا، چوڪ اڄ بہ جيئن جو تيئن موجود آهن. اگر ناهي تہ شهر جي چوڌاري اڏيل ديوار جو ڪو نالو نشان بہ ناهي ۽ پوءِ آهستي آهستي آبادي بہ وڌندي وئي ۽ شهرن جي صورت اختيار ڪري وئي. اها بہ ٻي ترتيب. ڪٺمنڊو جو پراڻو شهر بہ ايئن ئي سوڙهو ۽ بي ترتيب آهي. اگر ان دؤر جي پراڻي شهر جي پيٽ قديم شاهي علائقن سان ڪجي تہ (جيئن مون درٻاراسڪوائر جي ڳالهہ ڪئي آهي) اهي شاهي علائقا انتهائي ڪمال مهارت سان ۽ ترتيب سان تعمير ٿيل آهن. تعمير جو اهڙو مثال ڪٿي بي هند ملڻ مشڪل آهي. حالانڪ وقت جي بي رحم موسمي تبديلين، جنگين بہ انهن تي پنهنجا اثر ڇڏيا آهن پر انهن جي بيهڪ ۽ ترتيب ۾ ڪو فرق نہ پيو آهي.

ڳنگا، بندانا ۽ پرويا جي رهنمائي ۾ ڀرپور ساٿ جي ڪري مون کي ٿوري وقت ۾ تمام گهٽيون جايون ڏسڻ جو موقعو مليو. جن ۾ ڪماري گهر، تِيلجُو ٽيمپل، تانا ديوي ٽيمپل، مهندرشوارا مندر، جگن ناٿ مندر، ڪشٽا منڊپا ٽيمپل (هي ڪاٺ جي اُڪر ۽ تمام شاندار ڪاٺ جي تعمير جي ڪري



www.sindhsalamat.com

مشهور آهي جنهن جو مطلب ئي ”ڪاٺ جو گهر“ آهي) هنومان ڍوڪا، شيوا پاروتي مندر، اشوڪ بنايَڪ مندر، ٽي ماڙ موهن نارائڻ مندر، اگم چين پگوڊا، گرودا بُت/اسٽيچُو، ۽ ٻيا 50 کن ننڍا وڏا مندر، پگوڊا اسٽيچُو ۽ ٽيمپل شامل هيا. انهن جو پسمنظر ۾ تفصيل لکڻ انهي ڪري به مناسب نه ٿو سمجهان چوته انهن جون تصويرون ۽ تفصيل ججهي تعداد ۾ انٽرنيٽ تي موجود آهي. سڀ کان اهم ڳالهه انهن جڳهين جو نظارو، مشاهدو ۽ وزٽ ڪرڻ آهي.

اسان گهمندا ڦرندا، ڳالهيون ڪندا واپس درباراسڪوائر ڪيفي تي اچي ويناسين ۽ چانهه پيتي سين. سج به لهي ويو هو. ٿامس جو ٻه دفعا فون اچي چُڪو هو. ساڍي ڇهين وڳي ٻيڪري ڪيفي تي گڏجڻ جو طئه ڪيوسين. جيڪو هن جي رهائش کي ويجهو هو. گنگا ٻُڌايو ته اسان به انهي رستي کان ويندا سين. ٻيڪري ڪيفي تائين توسان گڏ هلون ٿا. ٿيئي مونکي ٻيڪري ڪيفي تي ڇڏينديون ڳراٽڙيون پائي الوداع ڪندي هليون ويون. ٿوري دير ۾ ٿامس به اچي ويو. گرمجوشي سان ملياسين.

پنڌ ڪندا ڳالهيون ڪندا نيواورلينس ريسٽوران ۾ وڃي ويناسين. ننگرڪوٽ نه اچي سگهڻ ڪري معذرت ڪيائين. ٻُڌايائين ته ”شيڊيول تمام ٽائيٽ آهي. واپسي ۾ مونکي اسپين ۾ هڪ عالمي ڪنسرٽ ۾ شرڪت ڪرڻي آهي. شايد هن پيري آئون ڪيڏانهن گهمڻ لاءِ به نه وڃي سگهان. مون اڳ ۾ ئي نيپال جا تقريباً سڀيئي علائقا ڏسي ورتا آهن. البته سُني ڪمپني ملي ويئي ته هڪ ڏينهن لاءِ ننگرڪوٽ ويندس. باقي واندڪائي جو وقت ٿامل، پاٽن ۽ ڀڳتاپور ۾ گذاربو.“ مونکان پڇيائين ته ”تنهنجو وقت ڪيئن گذريو؟“

ٻُڌايومانس ته ”هڪ جرمن ڇوڪريءَ نِينا گڏ آهي، جنهن سان تنهنجو ذڪر ڪيم. جڏهن آئون سيانيُوناٽ هيس ۽ تو فون ڪيو هو. هُن توسان ملڻ جي خواهش ظاهر ڪئي هئي. وائلن وڄائڻ


books.sindhsalamat.com

جو شوق اٿس.“ گنگا ۽ شانتي جو ٻُڌايومانس ته ڪلي چيائين ته ”تو ته سُنو انجواءِ ڪيو آهي. تو وٽ ته ڪافي ڏينهن هيا.“

ايٽري ۾ ويٽر آرڊر وٺڻ آيو. هن مونکي چيو ته ”توهان آرڊر ڏيو.“ چيومانس ته ”منهنجي لاءِ پورڪ ۽ الڪوهل کان سواءِ ڪا به شئي گهرايو.“

هن اڳ ۾ ويجيٽيبل مشروم سُوپ جو آرڊر ڏنو. پنهنجي لاءِ وسڪي جو آرڊر ڏنائين. بعد ۾ مومو ۽ ڪجهه ٻيا آئيٽم گهرايائين. مون گرين ٽي جي فرمائش ڪئي. ٿڌ جو به ته علاج ڪرڻو هو. هن چيو ته ”پهريون موقعو آهي جو ڪنهن فيس بُڪِي دوست کان ايڏو قرب مليو آهي. آئون پاڪستان اچڻ جو نه نه ٿو چئي سگهان. جڏهن به تون فرانس اچين ته آئون مڪمل سهڪار ڪندس.“

ڊسمبر ۽ سياري جي رات جا ساڍا نو ٿيا هئا. شهر ۾ لائيٽ به نه هئي. مون ڪانئس اجازت ورتي مانس ته هوٽل کان ٻاهر اچي مين روڊ تائين گڏ هليو. ٽيڪسي ڪرڻ ۾ منهنجي مدد ڪيائين. ٽيڪسي ڊرائيور جو نالو ۽ گاڏي جو نمبر پاڻ وٽ نوٽ ڪري مونکي ڀاڪر پري الوداع ڪيائين.

آئون بڪالپا گيسٽ هائوس پهتس ته نِينا جي ڪمري جون بتيون ٻريل هيون. ٽي وي تي ڪا انگلش فلم هلندڙ هئي. مون سندس دروازي تي هلڪي ناڪ ڪئي ته جڻ منهنجي انتظار ۾ هئي. دروازو کولي گرم جوشي سان آڌرڀاءُ ڪيائين. ڪمري ۾ هيٽر هلندڙ هيو ۽ ڪمرو ڪافي گرم هيو. مونکي ويهاري ڪچن ۾ ڪافي ناهڻ هلي وئي. واپسيءَ ۾ ٽري تي ٻه ڪافي جا مگ، نمڪو ۽ بادام کڻي آئي. منهنجي پير ۾ اچي ويٺي ۽ ٽي وي بند ڪري ڇڏيائين. ٽُوئر بابت پڇيائين ته ٿامس جي ملاقات جو ٻُڌايومانس ۽ سندس نمبر به لکي ڏنومانس. ڪافي دير تائين ڪچهري ڪندا رهياسين ۽ کٽمنڊو جي يخ بسته ٿڌين راتين ۾ هڪ ٻئي جي گرم آغوش ۾ گم ٿي وياسين.


www.sindhsalamat.com

# •ٻُڌانات، پشوپتي ناٿ ۽ جامع مسجد ڪٺمنڊو

صبح جو سوير مان ۽ منهنجو يگانو دوست سِڌُو پنهنجي طئه ٿيل پروگرام تحت ڪٺمنڊو جون ڪجهه ٻيون يادگار جڳهيون ڏسڻ لاءِ پنڌ نڪري پياسين. ڇوته هن کي خبر هئي ته بڪالپا کان ٻُڌانات ۽ پشوپتي ناٿ گهڻو پري نه آهن. گهمڻ جو مزو به تڏهن آهي جڏهن ماڻهو وٽ انهن کي ڏسڻ، سمجهڻ ۽ ڊسڪس ڪرڻ جو پورو پورو وقت هجي. 15 منٽ ڪن پنڌ ڪيوسين ته اسان کي ڪٺمنڊو جو مرڪزي ڪيٿولڪ چرچ نظر آيو. ڏسڻ جي ته حسرت هئي پر سِڌُو ٻُڌايو ته ”ڪجهه وقت اڳ هتان جي پادرين تي حملا ٿيا آهن، تنهن ڪري هنن سيڪيورٽي وڌائي ڇڏي آهي. خبر ناهي ته اندر وڃڻ ڏين الائي نه.“

اسان به ڪٽي هٿ پٽيا. ٻُڌانات اسٽوپا پري کان ئي نظر آيو. سِڌُو چيو ته روڊ کان هلنداسين ته وڏو رستو پوندو، تنهن ڪري مختلف گهٽين ۽ پاڙن مان نڪري پياسين. مون ڏٺو ته اتان جا اڪثر رهائشي تبت، چائنا ۽ منگولين نسل جا هيا. جيڪي ٻوڌِي هيا. عام طور تي انهن جي ڪرت ڪپڙو اُڻڻ، اوني ڌاڳو ٺاهڻ، ۽ روايتي شيون ٺاهڻ نظر آئي. ڪافي وروڪڙ وارين گهٽين مان ٿيندا عاليشان جڳهين، درسگاهن، دوڪانن ۽ ماڻهن جي پُر هجوم علائقي ۾ اچي نڪتاسين، جتي ٻُڌانات اسٽوپا ٺهيل هو. تعمير جو شاهڪار نظر آيو. جيڪو دنيا جي قديم ترين اسٽوپائن ۾ شمار ٿئي ٿو. اهڙي قسم جا اسٽوپا صرف اتي ٺاهيا ويندا آهن، جتي مهاتما ٻُڌ جي راک رکي ويندي آهي. هن اسٽوپا کي دنيا جي سڀ کان وڏي ۽ مرڪزي اسٽوپا جو درجو حاصل آهي. تبتي روايت مطابق بادشاهه منديو هن کي سڀ کان اڳ ۾ 464 کان 505 عيسوي (يعني پنجين عيسوي صدي) دوران جوڙايو هو. ٽن وڏن طبقن تي جوڙيل اسٽوپا تي پهچي ٻوڌي



پيروڪار دعائيه ڦيرا ڏين ٿا. اسٽوپا جي هڪ مخصوص حصي اڳيان عبادت ڪرڻ جا دل فريب منظر به ڏسڻ ۾ آيا. هن اسٽوپا جي هڪ خاص ڳالهه اها به آهي ته سڀ کان وڏو وِيل پريئر جنهن کي ڦيرائي ٻوڌي عبادت ڪن ٿا ۽ دعائون گهرن ٿا اهوبه هن اسٽوپا جو حصو آهي. جڏهن ته 175 ننڍا ننڍا وِيل پريئر به ترتيب سان اسٽوپا جي چوڌاري لڳل آهن. جڏهن ته 30 جي لڳ ڀڳ ٻيون عبادگاهون، ميوزيم، لائيبريري، ليڪچر هال به هن مرڪزي اسٽوپا جي آس پاس جوڙيل آهن. خاص طور تي اهڙين جاين يا عبادتگاهن کي گونپا چون ٿا. جن کي اسڪول، ڪاليج ۽ يونيورسٽي جو درجو به مليل آهي. ٻُڌانات ٽيمپل جي چوڌاري ننڍن وڏن دوڪانن تي موجود شين مان تبت جي ثقافت ۽ فن جي ڀرپور عڪاسي ٿيئي ٿي.

اسان جي اڳين منزل پشوپتي ناٿ مندر هئي. جيئن ته واديءِ ڪٺمنڊو سڄي جي سڄي پاڳمتي ندِيءَ جي زون ۾ آهي، جنهن ڪري اهو ڏسڻ ۾ آيو آهي ته قديم شهر توڙي عبادگاهون هن ندِيءَ جي ڪناري تي اڏيل آهن.

جتي ٻُڌانات ٻُڌ مذهب جي پيروڪارن جي مرڪزي عبادتگاهه آهي، اتي وري پشو پتي ناٿ مندر هندو مذهب ۾ اعليٰ مقام رکي ٿو. ٻَنِهي عبادتگاهون هڪ ٻئي جي ويجهو ۽ پاڳمتي نديءَ جي ڪناري تي آهن. دلائي لاما جي هندستان سان همدردي جي ڪري هندو ۽ ٻُڌ هڪ ٻي جي عبادگاهن جي زيارت ڪرڻ لاءِ بنا روڪ ٽوڪ جي ايندا ويندا رهن ٿا ۽ مذهبي تهوارن ۾ بنا روڪ ٽوڪ جي حصو وٺن ٿا. اسان اڃا ٿوروئي پنڌ ڪيو هو ته مونکي بانس/بامبُو سا تعمير ٿيندڙ جڳهه نظر آئي ۽ ڪاريگر ڪم ۾ رُڌل نظر آيا. ڪٺمنڊو جيئن ته ڪاٺ جي منڊي طور به مشهور آهي. جيڪو صدين کان ڪاٺ جي تعميرات ۾ پنهنجو ثاني نه ٿو رکي. مونکي بانس/بامبُوسان تعمير ٿيندڙ هي به ماڙ جڳهه به اڄ جي جديد فنِ تعمير جو هڪ شاهڪار نظر آئي. ڪاريگرن ٻُڌايو ته هي ڪنهن فلاحي اداري طرفان اسپتال تيار ڪئي پئي وڃي.



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

هنن اهو بہ ٻڌايو تہ تعمير ٿيڻ کان پوءِ هي جڳهہ کٽمنڊو جي تاريخ ۾ سڀ کان وڏي ڪاٺ سان ٺهيل جڳهہ هوندي. مون سِڌُوکي چيو تہ "ڏِس پنڌ ڪرڻ سان ڪهڙيون نہ نيون نيون جڳهيون ڏسڻ جو موقعو مليو آهي. پاڻ وٽ سڄو ڏينهن آهي، جيترو ٿي سگهيو گهمنداسين."

هن بہ خوشي جو اظهار ڪيو ۽ چيائين تہ "جيڪڏهن هن رستي کان نہ اچون ها تہ شايد آئون بہ نہ ڏسي سگهان ها."

ٿڪ ۽ پنڌ جي ڪري چانهہ جي طلب ٿي، ٿورو اڳتي اسان کي هڪ ننڍي ڪينٽين نظر آئي، جنهن تي چانهہ سان گڏ نيپال جون تازيون گرما گرم روايتي جليبيون ۽ سموسا بہ هئا. ڪينٽين جي مالڪ عورت هئي ۽ سڄو ڪم پاڻ پئي ڪيائين. ڪينٽين جي پويان ٻن ڪمرن تي مشتمل سندس رهائش هئي. فوٽو ڪڍڻ جي ڪائنس اجازت ورتي سين ۽ نالو درسنا ٿاپا ٻڌايائين. سموسا کائي چانهہ پي اڳتي روانا ٿياسين تہ سامهون تمام وڏي علائقي تي ڦهليل پشوپتي ناٿ مندر نظر آيو. ايئرپورٽ جو رستو بہ انهي مندر جي پرسان ئي گذري ٿو. پهرين ڏينهن ايئرپورٽ کان ايندي، هيلينا پري کان ڏيکاريو هو.

اسان جڏهن مندر جي داخلي دروازي تي جوتا لاهي، سامان جمع ڪرائي، ٽوڪن وٺي اندر داخل ٿياسين تہ وڏن اکرن ۾ نوٽيس بورڊ تي لکيل هو تہ اندروني مندرن جي فوٽوگرافي منع آهي. اهڙي خلاف ورزي ڪرڻ واري کي پوليس حوالي ڪيو ويندو. ٻيو جملو لکيل هيو تہ هي مندر رڳو هندن لاءِ آهي. منهنجي همزاد رامچند گوپالي سيني تي هٿ رکي چيو تہ نو پرابلم.

هندو مذهب ۾ جيئن مختلف ڀڳوانن جا مندر آهن، تيئن هي مندر بہ شِو مندر آهي. جنهن جي اندروني مُک دروازي وٽ ميٽالڪ پتل جي ديو قد ڏاند جي مورتيءَ رکي وئي آهي. جنهن جو رُخ مهاديو واري مندر ڏانهن آهي. پشوپتي ناٿ مندر جو شمار دنيا جي اهم ۽ وڏن مندرن ۾ٿئي ٿو. جتي لکين ياتري


books.sindhsalamat.com

سڄي دنيا مان اچي هتي عبادتون ۽ ياترا ڪن ٿا. روايت آهي تہ هن مندر جي ۽ ٻاڳمتي نديءَ جي اهميت هندو مذهب ۾ گنگا ۽ جمنا کان بہ وڌيڪ آهي. شيواترِي ۽ تِيج اهم مذهبي تهوار آهن. شيواتري، شيوا ڀڳوان جي پاڪ راتين ۾ شمار ٿئي ٿي. انهي رات هندو ياتري هتي اچي ڏيئا ٻاريندا آهن ۽ سڄي رات عبادت ڪندا آهن. روايت آهي تہ جنهن جڳهہ تي هي مندر آهي، اُتي ڪنهن زماني ۾ ديو پٽڻ هو. قبل مسيح زماني ۾ انهي پٽڻ جي لنگهہ تي هن مندر جي اڏاوت ڪئي وئي هئي. اڳتي هلي انهي مندر جو نالو ڦري آريا گهاٽ ٿي ويو. آريا گهاٽ ٻاڳمتي نديءَ تي مندر جو اهو اهم مقام آهي، جتي بادشاهن، شاهي خاندان جي ماڻهن جي ارٿي سنسڪار ڪئي ويندي آهي.

هن وسيع ميدان تي ڦهليل مندر، ٻاڳمتي نديءَ تي شو جو چئن مُنهن وارو لنگم، چنڊيشور لنگم، براهما مندر، ڏما شيلا (جتي پُوڄاري وچن ڪن ٿا) آريا گهاٽ، گوري گهاٽ (وهنجڻ جي خاص جڳهہ جتي گوريون، پدمڻيون ۽ ڪنواريون پاپ ڌوئڻ ۽ پوتر ٿيڻ لاءِ وهنجن ٿيون) پندرهن شيوا لايا (شيوا پڪشوئن جون پندرهن مزارون) گورڪانات ۽ وشواناٿ مندر، گجيشڊُوارِي مندر، ڪيرت شيوار مهاديو مندر، رام مندر ۽ سوريا گهاٽ گهمڻ وٽان آهن.

سِڌُو مونکي هڪ مندر وٽ بيهاري اندر وڃي ڊرِي مان جهاتي پائي ڏٺو، جتي تمام گهڻا ياتري گڏ هئا. جنهن ۾ اڪثر عورتون هيون. واپس اچي ٻڌايائين تہ پوڄاري اندر موجود آهي. چيائين تہ هن مندر جي خاص ڳالهہ اها بہ آهي تہ پوڄاري هندستان جو رهاڪو هوندو آهي. تنهن ڪري ڀارتي ياترين جو تعداد بہ گهڻو هوندو آهي.

اسان جڏهن ٻاڳمتي مٿان اڏيل پُل تي بيهاسين تہ مونکي زندگيءَ جا ڪيئي رنگ نظر آيا. ڪي ماڻهو ساڌوئن کان ڪنڌلي ڪڍائڻ آيا هئا، تہ ڪي آسون اميدون پوريون ڪري دعائون وٺڻ آيا هئا، ڪي وري ٻارن جا نالا رکائڻ آيا هئا، تہ ڪي وري شادين


www.sindhsalamat.com

جا ڏينهن مقرر ڪرائڻ آيا ها، ڪي نوان جوڙا، ڪي وري ٽيندڙ جوڙا، جوان ۽ جوانڙيون پنهنجون پنهنجون خواهشون کڻي آيا هئا. ته وري نديءَ جي ٻئي پاسي نديءَ جي ٻنهي ڪنارن سان سوين شمشان گهاٽ هيا جتي لاشن/مُردن کي سنسڪار ڪيو پي ويو. زندگي ۽ موت جو دلچسپ نظارو هو. تنهن ڪري هندو ميٿالاجي ۾ پشوپتي ناٿ کي جِيت جٽين يا جاندارن جو پڳوان به سڏيو وڃي ٿو.

ڊسمبر هجڻ ڪري نديءَ ۾ صاف پاڻي نه هيو، سواءِ ڪٽمنڊو شهر جي گندگي جي. پوءِ به اهڙي ڪاري ۽ گندي پاڻي ۾ مُردن کي ٽڙ ڏيندي ۽ ماڻهن کي منهن ڌوئيندي ۽ پيئندي به ڏٺو ويو. مونکي پنهنجي هڪ ڪامريڊ دوست جو ڪاوڙ مان چيل جملو ياد اچي ويو ته ”مذهبي عقيدا ماڻهن کي گُونهه کائڻ تي به مجبور ڪري ڇڏيندا آهن.“

اسان جي اڳين منزل جامع مسجد ڪٽمنڊو هئي، جيڪا پشوپتي ناٿ مندر کان ڪافي پري هئي. ان لاءِ مون بس تي سفر ڪرڻ پسند ڪيو، ته جيئن پبلڪ ٽرانسپورٽ جو به مشاهدو ڪجي. بس تي سفر دوران مون ڏٺو ته جنهن کي جتي سِيٽ ملي پئي ته ويهي پيو رهي. پلي ڪٽي ڇوڪرو يا ڇوڪريءَ هجي ۽ ايئن رش ۾ مرد عورتون، ڇوڪرا ڇوڪريون به سوڙهه ۾ به گڏجي ويهي سفر ڪن. بس مختلف رستن، چوراهن ۽ مختلف علائقن کان ٿيندي 20 منٽن ۾ گهنٽا گهر پهتي، جتي اها مسجد تعمير ٿيل آهي. جامع مسجد گهنٽا گهر ڪٽمنڊو، علائقي جي اهم مسجد ۽ گڏوگڏ ديني درسگاهه پڻ آهي. هن مسجد جي هڪ خاص ڳالهه اها به آهي ته هن جي تعمير ۾ جتي نيپالي مسمانن جو جذبو شامل آهي ته وري هندستان جي ان وقت جي مسلمان حڪمرانن جي سرپرستي به رهي آهي. هيءَ مسجد مرڪزي گهنٽا گهر جي ويجهو ۽ رائل روڊ تي آهي. جتان شاهي محل، ميوزيم ۽ اعليٰ نيپالي حڪام جون آفيسون، وزارتون ۽ سفارتخانا به ويجها آهن. هڪ ٻي اهم ڳالهه اها به آهي ته


books.sindhsalamat.com

هندستان جي عملي طور تي آخري مسلمان حڪمران راجا اوڌ نواب واجد علي شاهه جي گهرواري بيگم حضرت محل، جنهن انگريز سان وڏي عرصي تائين ويڙهه ڪئي. تنهن آخري پساهن ۾ پاڻ کي هڪ آزاد ملڪ ۾ دفن ٿيڻ پسند ڪيو. ان جو مقبرو به انهي مسجد جي چوديواري ۾ ئي آهي.

اسان مسجد گهمي رهيا هياسين ته هڪ باريش شخص پنهنجو تعارف ڪرايو ۽ اسان کي تعارف ڪرائڻ جو چيائين. نالوعليم الدين انصاري ٻڌايائين، پاڻ مسجد جو مؤذن هو. ڳالهيون ڪندي ڪندي پڇيائين ته ”گهڻن ڏينهن کان نيپال ۾ آهيو؟“

ٻڌايومانس ته ”ٽي هفتا کن ٿي ويا آهن.“

مسڪرائيندي چيائين ته ”پڪ سان سبزين ۽ چانورن تي گذارو ڪيو هوندو!“

مون هاڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻيو، هُو هجت سان اسان کي مسجد سان لڳولڳ بازار ۾ وٺي ويو. چڱي موچاري مارڪيٽ هئي. ٻڌايائين ته هتي سڀ دوڪان مسمانن جا آهن. هوٽلن کان وٺي ڪيبنن ۽ ريڙهي تائين سڀ مسلمان آهن. ٻڌايائين ته ”پاڪستان مان ڪوڙ سارا ماڻهو گهمڻ اچن ٿا ۽ تبليغ لاءِ به اچن ٿا. آڌرڀاءُ ڪرڻ اسان جو فرض آهي.“

تاريخ کان چڱي ڄاڻ سڃاڻ هيس. جڏهن ”ريشمي رومال تحريڪ“ ۽ ”شاهه ولي الله جي تحريڪ“ جي ڳالهه ڪئي مانس ته هُن چند اهم عالمن جا نالا ڪنيا، جن ۾ مولانا عبيدالله سنڌي، مولانا تاج محمود امروٽي، مولانا احمد علي لاهوري جي نالن کان گهڻو واقف هو. ٻڌايومانس ته مولانا عبيدلله سنڌي جي رفيق ۽ همعصر شخصيت مفتي عبدالقادر لغاري جن جو ڏوهٽو آهيان ته خوشي ۽ عقيدت مان منهنجا هٿ چُمڻ شروع ڪري ڏنائين. هڪ صاف سُٿري هوٽل ۾ وٺي ويهاريائين. اسان هن کي گهڻو ئي چيو ته چانهه پيئنداسين. مگر هن هوٽل واري کي ٻاڪرو گوشت ۽ چڪن پُلاءُ آڻڻ جو چيائين. مون نيپال جي سفر


www.sindhsalamat.com

دوران اگر پرهيز ڪئي هئي ته پورڪ ۽ شراب ڪان ڪئي هئي. پر حقيقت اها آهي ته مونکي ڪراچيءَ جي فاران، عثمانيه هوٽلن جي ماني ۽ اسٽوڊنٽ برياني ياد اچي وئي.

ٽيپهريءَ جو ٽائيم اچي ٿيو هو. اسان عليم الدين ڪان اجازت ورتي. انتهائي عقيدت، پيار ۽ دعائن سان خداحافظ ڪيائين. ٿڪاوت جو احساس ٿيڻ لڳو هيو. ٽيڪسي ڪري گيسٽ هائوس موٽي آياسين. جتي بڪالپا طرفان اسان جي مان ۾ پُروقار الوداعي تقريب رٿيل هئي.



فرانس جي بهترين موسيقار ٿامس ڊويگنيو سان



## • شهرِ خُوبان کي الوداعي چُمي

رات واري الوداعي تقريب ۾ اها شوخي ۽ چلولائي نه هئي. اسان جا ڪجهه نيپالي، بنگلاديشي ۽ سري لنڪن دوست واپس هليا ويا هيا. البته بڪالپا اسٽاف جون ڪيتريون ئي چوڪريون هن تقريب جي رونق رهيون. سونالي هُجت ڪري منهنجي پر وٽي چيو ته ”مونکي خبر آهي ته تون اسان جي محبتن کي وساري نه سگهندين. اسان کي پنهنجي سفر ۽ يادن جي پسمنظر ۾ پنهنجو ڪو نظم ٻُڌاءِ. مئڊم سميت سيني سونالي جي تائيد ڪئي. سيني زور سان تاڙيون وڄائڻ شروع ڪري ڏنيون. مون نظم پڙهڻ شروع ڪيو ته سڀ چُپ ٿي ويا.

یہ شہر،
شہرِ خوباں سا لگتا ہے۔
سفر جب ہو محبت کا،
مسافر تو مسافت کو
کبھی دیکھا نہیں کرتے۔
بھلے دشوار ہو کتنا
سفر پُر خار ہو کتنا
پاؤں چھلنی مگر پھر بھی
سجن کے سنگ تو چلنا ہے
وفا کی لَو کو جلنا ہے
سجن کے دیس کو میں نے
کوئی تو نام دینا ہے۔
یہ دیس!

میرا اپنا سا لگتا ہے۔
یہ شہر
شہرِ خوباں سا لگتا ہے۔

مئدم اسٽيلا تمنگ پيار ۽ پاٻوهہ مان اُٿي اچي ڀاڪر پاتو تہ منهنجون اکيون پرجي آيون. هن منهنجي شاعري جي تمام گهڻي تعريف ڪئي. هرڪو پنهنجي پنهنجي ڪچهري ۾ لڳي ويو. مان ۽ نِينا ريسٽوران کان ٻاهر نڪري آياسين. ڪافي دير تائين خاموشي سان واڪ ڪندا رهياسين. چيومانس تہ ”منهنجي ڪتاب لاءِ بہ اکر لکنديئہ.“

”ها چونہ.“ هن وراڻيو

چيومانس تہ ”ايئن اسان پنهنجي دوستي کي يادگار بڻائي ڇڏينداسين.“

هن منهنجي ٻانهُن ۾ ٻانهون وجهي هٿن ۾ هٿ قابو ڪري ڇڏيا. چيائين تہ ”سيانيُونات وارو اوڌر نہ وٺندين.“

مون رڳو ٿڌو ساهہ کنيو ۽ ڪجهہ بہ نہ ڳالهايو. هُن بي ساختہ مونکي پنهنجي ڀاڪُر ۾ پڪوڙي ڇڏيو. هن جا چپ ٿڙڪيا پئي. بار بار چوندي رهي. ”تنهنجي ڪمي محسوس ٿيندي. تمام گهڻو ياد ايندين.“

ٿڌ، ماڪ ۽ نِينا جي گرم هٿن جي ڇُهاءَ جي ڪري عجيب ڪيفيت تي پئي هئي. خاموشي سان هوريان هوريان هلندا گيسٽ هائوس هليا آياسين. نِينا مونکي ڪمري تائين ڇڏي، هٿ لوڏي گڊ نائيٽ چئي پنهنجي ڪمري ۾ هلي وئي. گهڻي سفر، پنڌ ۽ ڪٺمنڊو جي سير و تفريح سبب آئون بہ ٿڪجي پيو هئس ۽ ذهن بہ بوجهل هيو. بستر حوالي ٿيس تہ ننڊ وٺي وئي.

صبح جو اُٿي ناشتو ڪري سامان جي پيڪنگ ڪي لڳي وياسين. فلائيٽ جو ٽائيم ٻہ وڳي هيو. اسان جي پارٽي دوستن اٽيلُو ۽ ٽوني جي فلائيٽ بہ ساڳي ٽائيم تي هئي. هيلِينا، لامين،


books.sindhsalamat.com

دُرگا، مامتا اسان کي ٻڪالپا مان الوداع ڪيو. ڪِڳندرا، سِڌُو ۽ شاهد اسان کي ايئرپورٽ ڇڏڻ هليا. روانگي واري لائونج ۾ ماڻهن جون ڊگهيون ڊگهيون قطارون هيون. پي آئي اي جا ٽي ڪائونٽر هيا. هڪڙو آفيشل ڪائونٽر هيو. جتي تمام ٿورا ماڻهو هيا. آئون موقعي جو فائدو وٺي ان ڪائونٽر مان اندر داخل ٿيس. ايگزٽ آفيسر پنهنجي سڃاڻپ ڪرائڻ لاءِ چيو. آفيشل ڪارڊ ۽ ليٽر ڏيکاريومانس تہ چيائين تہ ليٽر ۽ ڪارڊ تہ ٺيڪ آهن پر ٽوئر ويزا لڳل آهي. آفيشل ويزا تہ ناهي. چيومانس تہ اهو ڪم تہ نيپالي سفارت خاني جو آهي. مُنهن گهنجائي ايگزٽ اسٽيمپ لڳائي ڇڏيائين. ٻيا دوست بہ لڳ ڀڳ مُني ڪلاڪ کان پوءِ اچي ظاهر ٿيا. خبر پئي تہ فلائيٽ ڏيڍ، پوڻا ٻہ ڪلاڪ دير آهي. سوچيم تہ جيڪر اهي ٻہ ڪلاڪ بہ شهرِ خوبان جي دلرُبائين ۾ گذرن ها تہ ڪيڏو نہ سُٺو ٿئي ها.

ذهن تي نيپال جي حسناڪين، دلربائين، ٽهڪن ۽ لڙڪن جون يادون ڇانيل رهيون. ٻن ڪلاڪن جو اهو عرصو بہ تمام مختصر ڀانيم. چئين وڳي جڏهن جهاز ايئرپورٽ تان اڏاڻو تہ مون جهاز جي دريءَ مان واديءِ نيپال تي نظر ڊوڙائي هٿ لوڏي فلائنگ ڪس ڪري اکيون بند ڪري ڇڏيون. وطن واپس ايندي ايئن محسوس ٿيو تہ ڄڻ دل نيپال جي سر سبز پهاڙن، گهاٽن ٻيلن، ندين، مندرن، بازارن ۽ اتان جي حسناڪين ۾ ڪٿي رهجي وئي هجي. واپسي جي سڄي سفر دوران نيپال جون يادون ٽي وي اسڪرين تي هلندڙ ڪنهن لانگ پلي جيان هلنديون رهيون ۽ ڪردار تبديل ٿيندا رهيا. جهاز جڏهن ڪراچي ايئرپورٽ تي لڳو تہ پوئتي مُڙي ڏسان ٿو تہ پاڻ کي ميلي ۾ ڄڻ تہ اڪيلو محسوس ڪريان ٿو.

****


www.sindhsalamat.com



ٽريننگ جي آخري ڏينهن تي ورتل گروپ فوٽو ننگرڪوٽ



ثقافتي پروگرام دوران شادي جون رسمون ادا ڪندي





مئڊم اسٽيلا تمنگ کان سرٽيفڪيٽ وٺندي



تري ڀون انٽرنيشنل ايئرپورٽ ڪٺمنڊو



ٻڌاناٿ ٽيمپل جي مُک گهنڊ جي اڳيان



ڪاٺ ۽ بانس سان ٺهندڙ ڊبل اسٽوري بلڊنگ





پاڳمتي ندي جي مُک شمشان گهاٽ تي




جامع مسجد ڪٺمنڊو



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com



بڪالپا جي فنانس آفيسر مايا گهسنگ سان گڏ



ڪٺمنڊو ايئرپورٽ جو ٻاهريون ڏيک



books.sindhsalamat.com



ڀڳتاپور جي هڪ ٽيمپل جي سامهون



دربار اسڪوائر ڀڳتاپور



www.sindhsalamat.com




فائزه طارق سان گڏ بڪالپا جي گيٽ تي



لامين لاما ۽ ابوريحان البيروني سان گڏ





نينا ۽ پيٽي سان گڏ



ابو ريحان ۽ نيليمي راءِ سان گڏ


مون هن سان واعدو ڪيو هيو ته آئون تنهنجي ڪتاب لاءِ لکنديس. آئون هي
چند لفظ لکڻ کان پوءِ اَيڏي خوشي محسوس پئي ڪريان جو شايد مون ۾ لکڻ جو
اتساهه پيدا ٿي پوي. لکڻ ۾ اهڙي موقعي تي جو اهو اهڙي شخص لاءِ جنهن مان
پنهنجائپ جو احساس ٿيئي ۽ اهڙي ڪتاب لاءِ جنهن ۾ منهنجو ذڪر هجي. آئون
اهڙي شخص جو بي پناهه پيار ڪڏهن به وساري نه سگهنديس. گهمڻ ۽ نئون
جهان ڏسڻ سان دلي لڳاءُ اٿم، مگر ڪڏهن لکڻ جي همت نه ٿي اٿم.
کٽمنڊو ۽ نگرڪوٽ جي سرد موسمن ۾ جيءُ کي گرمائي ڇڏيندڙ محبتون
ارپيندڙ هن سيلاني ماڻهو جو ساٿ ساهه جي آخري لمحن تائين ياد رهندو.
سنڌس شاعري، سريلا گيت، خوشيون، ٽهڪ، محبتون ۽ ڳوڙها منهنجي لاءِ اثاثو
۽ هن ڪتاب جا اهم موضوع آهن. اسان ٻنهي جي سڃاڻپ ڪهڙي به هجي، مگر
محبتون، رنگ، نسل ۽ سرحدن جون محتاج نه هونديون آهن. رمڻان تون مونکي
هميشه هميشه ياد رهندين.
نينا
جرمني